مئي ١٩٣٨ع

سنڌو

ايڊيٽر:- ڀولچند وسومل، اجپال

چندو چار روپيه   قيمت:- ڇه آنا

ڊونگريءَ جو بال امرت

ڇا آهي؟

(١) هيءَ هڪ تمام سٺي ۽ مقوي خوراڪ آهي.

(٢) اها خوراڪ ڪمزور ۽ ضعيف ٻارن کي تندرست ٿي رکي.

(٣) هن دوا ۾ هر ڪنهن قسم جي هڏن، جوڙڻ جو مادو آهي.

(٤) هيءَ دوا ٻارن کي کنگهه وغيره مرضن کان پري ڪري ڪين ڏندن نڪرڻ ۾ سهوليت ٿي پيدا ڪري.

ملي سگهندي:-

هر ڪنهن شهر ۾ هر ڪنهن

دوا فروش وٽان.

دی لکشمي ☞

[بويا ڪهل ١٩٢٤ع ۾]

جا سنڌي حياتين جي ويمي ڪمپنين جي سرمور آهي.

نئون ڪم ٣٠-اپريل ١٩٣٧ع تائين مليل

١،٥١،٠٠،٠٠٠ روپيا

[هڪ ڪروڙ ۽ ايڪونجاه لک]

بونس:-
دائمي حياتي جي پاليسيءَ تي
هڪ هزار تي ٢٠ روپيا ساليانا
مدي واريءَ پاليسيءَ تي
هڪ هزار تي ١٦ روپيا ساليانا

ڪليمن جي تڪڙي ليکا ڪرڻ ۾ مشهور، جنهن جون برانچون ساري هندستان، برما ۽ ساؤٿ آفريڪا ۾ آهن.

ڪراچي ۾ بندر روڊ تي ڪمپني لاءِ عمدي جڳهه ماڙ جاءِ تيار ٿي رهي آهي جنهن تي اٽڪل پنج لک روپيا خرچ لڳي ويندو

وڌيڪ حقيقتن لاءِ لکپڙهه ڪريو:-

برانچ سيڪريٽري

لکشمي انشورنس ڪمپني لميٽيڊ

بندر روڊ ڪراچي.

جي - بي - منگھارام ڪمپنيءَ جون

ٽري MMM ايم

MMM EXTRA STRONG

MMM EXTRA STRONG

جوهر جون ٽڪيون

پيٽ جي سور، واني، بادي ۽ پيٽ جي سڀني بيمارين لاءِ اڪسير آهن

بيشڪ !

ٽري ايم M.M.M.

جوهاري ٽڪيون

مفيد ثابت ٿي

چڪيون آهن

جي - بي - منگھارام جا **بسڪوٽ** ٻڻ جهڙا آهن سهڻا تهڙا آهن کائڻ ۾ سوادي ۽ ڏاڍا قوت بخش ۽ هاضميدار. انهيءَ ڪري ڪمپنيءَ کي جدا جدا نمائشن تي سونا ٻلا ۽ سوين سرٽيفڪيٽ انعام طور مليا آهن.

هميشه خريد ڪريو

جي - بي منگھارام ڪمپنيءَ جا اوچا سوديشي ڪٽمٺڙا

١- چاڪاڻ ته "J.B" مارڪي وارا ڪٽمٺڙا اوچيءَ سوديشي کنڊ مان، **ماڊرن** نموني ۾ اسٽيم جي ذريعي تيار ڪيا وڃن ٿا.

٢- ڪٽمٺڙن ۾ **گلوڪوس** (Glucose) (طاقت ڏيڻ واري شيءِ) 40% (چاليه سيڪڙو) ڪم آندو وڃي ٿو ۽ جنهن ڪري هي ڪٽمٺڙا خوراڪي پر ڪٽا طاقت بخشيندڙ ۽ هاضمو سڌاريندڙ ثابت ٿيا آهن.

٣- **اسينس** (Essences) تمام اُچيءَ (Quality) **ڪواليٽيءَ** جا، تازن ميون جي خوشبوءِ پيدا ڪندڙ ۽ (Harmless Vegetable Colours) يعني **مٺا رنگ** ڪم آندا وڃن ٿا، جي تندرستيءَ کي ڪوبه نقصان نٿا پهچائين.

٤- "J.B" مارڪي وارا ڪٽمٺڙا هندستان ۾ سڀ کان سٺا ۽ لذيذ ثابت ٿيا آهن. جنهن لاءِ سوين سونا ٻلا ۽ سرٽيفڪيٽ انعام مليل آهن.

جي - بي منگھارام اينڊ ڪو

هاءِ ڪلاس ڪنفيڪشنري ۽ بسڪوٽ مئنيو فئڪچررس

سکر (سنڌ)

فهرست

نمبر	ليک	ليکڪ	صفحو
١	ڪافي	بيڪس	١
٢	خواجه حافظ شيرازي	پروفيسر ايل - ڊي - ڪيسواڻي	٢
٣	موت کان اڳ مر (شعر)	سوامي ٻوڌراج صاحب	٧
٤	ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو رسالو	پيرومل مهرچند آڏواڻي	٨
٥	ڳوٺن جو سڌارو (شعر)	شريمت ڪشنچند بيوس)	١٦
٦	دل اندر (شعر)	منگهارام شيوڪرام (مستان)	١٧
٧	علم جي ضرورت	پويداس پيرومل آڏواڻي	١٨
٨	نصيحت (شعر)	مبارڪ علي (مبارڪ)	١٩
٩	شڪنتلا ناٽڪ	منوهرداس ڪوڙومل ڪلاڻي	٢١
١٠	همت وارو ديوتا	شريمت نرسنگهه لعل ڀاٽيا	٢٥
١١	بدريناٿ ياترا	ولڀداس چونيلعل پروهت	٢٩
١٢	چترياڻي جي ترار	لکميچند - ٽي - روپچنداڻي	٣٣
١٣	جواني جي ڪهاڻي	... ...	٤٣
١٤	اخلاق جي پابندي	مهاتما موهنداس گانڌي	٤٥
١٥	ايشيا کنڊ جي سڄاڳي	مولائي شيدائي	٥١
١٦	پوئير ۽ سڳنڌ	هري - جي - درياڻي (دلگير)	٥٧
١٧	ساوڻ جي رت (شعر)	ديوان گل	٦٢
١٨	١٦ اپريل	ڪنور راجيندر سنگهه	٦٣
١٩	سنڌي بيت	فقير غلام علي	٧٦
٢٠	نيوز نوٽس ۽ ڪمينٽس		٧٧

هيءَ اخبار مسٽر ٻولچند وسومل راجپال بي - ايس سي "راجپال پريس"
ميان جي ڳوٺ ۾ ڇپي پڌري ڪئي .

اوهان ورتو آهي؟ مهاتما گانڌي ۽ جو تازو لکيل "برهمچريه" ڪتاب
قيمت فقط چار آنا . **معرفت "سنڌو آفيس" ميان جو ڳوٺ**

سنڌو

سال ۷]	مئي ۱۹۳۸ع	[انڪ ۷۷

ڪافي

ٻلٻل ٻون تنا ٻور ڙي - سڄڻ سدا هي سور ڙي

۱- جوشون جگر وڃڙو جلي - ڪنهن ڪي سليان دل جي ڳلي
سوري سڄڻ چاڙهيو هلي - جنهن چاڙهيو منصور ڙي

۲- ڪنهن ڳالهه ڪون وڃڙن ڇڏي - گولي نه ايمي پنهنجي گڏي
هٿ هٿ آهيان لڏهنجي لڏي - ڇڏڪ ڪيو آهه چور ڙي

۳- دم دم سنڀاريان ساهه سان - جا اِي جدا ڪيو ٻاڻ ڪان
هڪ هڪ نه گهرجي هڻن اوهان - جو ڏهي درد وڃن دور ڙي

۴- طعنه لڳا سڀڪو سدا - ڏي عشق وارن ڪي ادا
مهڻا ملامت جگ سدا - سي سڀ مونکي منظور ڙي

۵- بيڪس ملائيم ٻار سان - هوندي مڃي منٺار سان
دلڙي پنهنجي دلدار سان - جنهن لئي ٿيس مشهور ڙي.

[بيڪس]

خواجه حافظ شيرازي

ليکڪ:- پروفيسر ايل - ڊي - ڪيسواڻي، ايم - اي.

ايران جي شاعرن ۾ خواجه حافظ سدائين مشهور ۽ ممتاز رهندو، سدائين سندس ساز ۽ سرود روح کي راحت بخشيندا رهندا، سدائين سندس ڪلام جي قدر، سندس ٻاليءَ جي پرپٽتا عجيب امنگ اڀاريندي رهندي ۽ جو ته هن اهڙي لاٽ لنوي ۽ اهڙا سر آلاپيا جنجي لڪل شڪتي اڄ به تن جون لنڊون پيئي لنواري ۽ رڳن کي رباب بنائي روح ۾ واڄٽ پيئي وڄائي. سندس همعصر نظم نويسن ۾ به ڪي اهڙا موجود هوا جي پنهنجي زماني جا روشن ستارا هوا مگر منجهن به حافظ جو تاب ۽ تجلي سڄ چنڊ جي منزل ڪان مٿي هوا. امير خسروءَ جي غزل تصنيف ڪيا آهن تن ۾ به هڪ عجيب سوز ۽ صدق، هڪ دلگدازيءَ جو راز موجود هو. *عمر خيام جي رباعيون پنهنجي شعر ۾ قلم بند ڪيون تن جي سونهن جي ساک به سنسار ۾ پيئندو. جلال الدين رومي جو ايران جي صوفي شاعرن جو سرتاج ڪري سمجهجي ٿو انجي ڪلام ۾ به جي روحاني راز ۽ حقيقي رمزون سمايل آهن، جي نوراني نڪتا مجسم ٿيل آهن سي عالم آشڪار آهن. هن پريم جي مهراڻ ۾ اونهيون ٽٻيون هنيون.

"ويو جو عمق ڏي منهن ڪاڻي ڏيئي،
تنهن سپرين سان ڏي ڪيو ٻون ٻالاران پيهي"

مگر حافظ جي ڪلام جي خوبي ۽ خمار بلڪل نرالا. حسن ۽ عشق جي صورت نقش ڪرڻ ۾ هن ڪمال جي ڪماڳري ظاهر ڪئي. حافظ پنهنجا ويچار، پنهنجي جان ۽ جگر جا جذبا، پنهنجي روح جي رڳن جا راز، هڪ حيرت انگيز عبارت جي وسيلي پرگهٽ ڪيا، مصور ڪيا، اُسرائيءَ ڪيا. اها عبارت سليس ۽ روان هئي مگر هڪ عجيب چترڪاري، هڪ انوکي ادبي صنعت گري، هڪ باريڪ حسن جي اظهاري موجود هئي جا اڄ به آهستي آهستي دل پيئي ڏتاري. سندس ڪلام جي طرز کي پارسيءَ ۾ سهل ممتنع چئجي يعني سو سوري طرح آسان مگر نقل ڪرڻ ۾ اوکي. ان حسن ۽ لطف جا مثال حافظ جي هڪ عام غزل جا ٻه مشهور معروف بيت عرض رکجن ٿا جي گهڻن جي واتان وهيا هوندا.

اگر آن ترک شيرازي بدست آرد دل مارا
بخال هندويش بخشم سمرقند و بخارا را
غزل گفتي و در سفتي بيا و خوش بخوان حافظ
که بر نظم تو افشاند فلک عقد ثريا را.

لفظ سُولا، مگر واھ جا ڪلام جي نزاڪت ۽ جهانگيري سمايل آهي سيڪو اهو سرلو سُرُ، اهو ٽرانو، اهو جادو، وچن جي وسيلي ميسر نه ڪري سگهندو.

زماني جي انقلاب لئي هڪ غزل ۾ هي بيت چئو اٿس جنهنجو ڏاڍو پارکو پرکي سگهندا.

سزدم چو ابر بهمن ڪه برين چمن بگريم
طرب آشيان بلبل بنگر ڪه زاغ دارد

وري سندس سوز جي صدا، سندس اکين جي آھ زاري، سندس بره جي بيقراري ڪهڙي نه لطف سان هنن مصرعن ۾ آلاپيل آهي.

بلبلي برگ گلي خوش رنگ درمنقار داشت
واندران برگ و نوا خوش نالهاي زارداشت
گفتمش در عين وصل اين ناله و فرياد چيست
گفت مارا غمزه معشوق در اين ڪار داشت

پريم جو پرلاءُ جو انهن بيتن ۾ ٻوٽل آهي سي پارسيءَ جا پارکو سولائيءَ سان سهي ڪري سگهندا. ساڳيو خيال هن نظم ۾ به مصور ٿيل آهي.

نه صبر با او نه بي او نه تاب وصل دارم نه طاقت جدائي

ڪلام جي نقش نگاري جا انهن بيتن ۾ سمايل آهي تنهن جا بيت به اڻترو چوڻو پوندو نه اڪو آسان مگر سندن گهڙت ۽ ترتيب ۾ هڪ سوڪيم سوپيا سمايل آهي جنهنجو تاثير سريلو ۽ سوزوارو آهي ۽ جنهنجي صنعت من کي مجنون ڪيو ڇڏي.

مستيءَ ۾ مخموريءَ جون خاصيتون جي سندس ڪلام ۾ ويندڙيل آهن تن جا ساکي به سندس ڪئين بيت ۽ غزل آهن. جن نه

من ترڪ عشقبازي و ساغر نمي ڪنم
صد بار توبه ڪردم و ديگر نمي ڪنم
شيخم به طنز گفت حرام است مي مخور
گفتم ڪه چشم و گوش به هر خر نمي ڪنم

ٻيا

معني آب زندگي و روضهٔ ارم
جز طرف جويبار و مي خوشگوار چيست
زاهد شراب ڪوثر و حافظ پياله خواست
تا در ميانه خواسته ڪردگار چيست

ٻيا

برسر تربت ما بي مي و مطرب منشين
تا به بويش ز لحد رقص ڪنان برخيزم

مگر مذڪور صنعتون جنهجي حقيقت مون ڪن ٽورين سندن (Quotations) سان اوهان کي سڻائي آهي سي فقط "مشت نمونه خروار" آهن. انهنجي باريڪ ۽ اونهي اپٽار هڪ ليک ۾ ختم ٿي نه سگهندي. ٿورڙي هيٺ ڪجهه سندس جيوت جي واقعن جو وستار به ڪندس.

خواجه حافظ شيرازيءَ جو تولد (جنم) شيراز ۾ چوڏهينءَ صديءَ جي شروع ۾ ٿيو. ننڍپڻ ۾ ئي سندس آئينده جا آثار منجهس پرگهٽ ٿيا جو فقه يعني مذهبي علم جي واقفيت ۽ لياقت ايتري قدر حاصل ڪيائين جو ڪيس استادن شمس الدين (ڌرم جو سورج) جو لقب عطا ٿيو. قرآن ڪنٺ ڪيائين جنهنڪري "حافظ" نالو عنايت ٿيو.

نديدم خوشتر از شعر تو حافظ
بقرآني ڪه اندر سينه داري

وڏي عمر ماڻيائين ۽ پنهنجي وقت جي اميرن ۽ شاهن جا انعام ۽ اڪرام حاصل ڪيائين. مگر ننڍيءَ اوستا ۾ ڪي ڏاڍا ڏڻائين، ڪي ڪشٽ ڪاٽيائين جن منجهس اورچائي ۽ انساه جا سلا ٻوڪيا. پڻس ميان بهاالدين سنڌس ۽ ڀائرن لاءِ جهجهو ڌن ميراث ڇڏي ويو مگر سنڌس لشڪر ڀائرن اڀنگي رهت هلي، اها دولت اڦ ڪري ڇڏي ايتري قدر جو ڪين ڪشتي ڪٽي در در ڀٽڪڻو پيو. حافظ بہ ان ڏک ۾ ساڻن ڀڳي پئي ٿيو. مگر ڪجهه همت جو پورهيو ڪري ان ڪمائي مان علم بہ حاصل ڪيائين ۽ پنهنجي مڪتب ۾ اهڙو پوڪ ثابت ٿيو جو مٿيون 'شمس الدين' جو خطاب مٿس عطا ٿيو. مگر ننڍپڻ ۾ ئي منجهس نظم نويسي جو نينهن اپن ٿيو. اگرچ شروعاتي ڪلام ڪچو ۽ الوڙو هوس، تہ بہ شعرگوئيءَ جي مشق نہ ڇڏيائين، تان جو آخر شاعري الهام منجهس پيدا ٿيو ۽ رفتہ رفتہ سنڌس ڪلام سهڪ، سوادي ۽ رسيلو ٿيندو ويو. تصوف جي تاٿ منجهس عشق جي آتش اٿاري جنهن باقي بہ سنڌس نظم جي رونق ۽ لطافت وڌائي. حافظ جي شعر ۾ شاخ نبات جو ذڪر آهي. ايراني نڪتہ نگار روايت ڪن ٿا تہ ان عورت سان حافظ جو نينهن جو ناتو هو ۽ ڪئين غزل انهيءَ عشق جي اظهار ۾ لکياءَ. اڄ ڪلهہ جا ڪي 'نيڪا ڪار' انهيءَ ارٿ (تفسير) کان انڪاري آهن. هو 'شاخ نبات' کي حافظ جو محبوب نٿا سمجهن. انهن جي تشريح آهي تہ 'شاخ نبات' جي تشبيهہ حافظ پنهنجي قلم ۽ ڪلام جي مزاج ۽ نزاڪت نسبت استعمال ڪئي آهي. مگر حافظ صوفي هو ۽ سنڌس پريم واڻيءَ ۾ جا مستي مجسم آهي سا ڪنهن معشوق جي ٿوڳب، ڪنهن بوتم جي پرپرڻا کان هرگز هستي ۾ اچي نٿي سگهي. معشوق صوفي شاعرن جو سرتاج ٿئي ٿو ۽ منجهن عشق جو الهام اٿاري ٿو. صوفي محبوب جي رنگ ۾ رڱجي اهي عشق جا الاٽا ڪيڍن جي جسم ۽ جان کي حلايو ڇڏين. معشوق ڪين مؤلا کان بہ مٿي آهي. اهو ڪعبو، اهو قبلو ئي سنڌس نقط نگاهہ کان سجدي جو لائق آهي.

کہا حق نی کرو سجدہ کہا مجنون نی ایہون ہی
میرا سجدہ ھيءَ لیلیٰ کو او کیا اس-ی بڑا ھوگا

اهي عاشق نہ شاعر معرفت جون سڀ منزل معشوق ۾ پائين ٿا.

"ملڪوت جبروت معشوق ۾ ناسوت لاهوت معشوق ۾
هاهوت 'هو. هو' خدا جو مڪان
خدا جي خدائي بہ معشوق ۾"

منهنجي وطن جي معروف شاعر بيدل هيءَ سر آلاپيو آهي، جنهنجو ترانو هرهڪ 'عشق آزموده' انسان جي تن من جون تندون تنوار پندو.

بزرگيءَ کان پڇي 'بيدل' رلديءَ جا رنگ رلاياسين
بره جا بار بدناميون ڇمي چشمن تي چاياسين

حافظ بہ هڪڙو اهڙو سمانتر (Parallel) سرود سڻايو آهي جو هن طرح آهي.

گرچہ بدنامیست نزد عاقلان
ما نمی خواہیم ننگ و نام را
شاعر می در کفم نہ تا ز سر
بر کشم این دلق ازرق فام را

اهڙي متوالي پريم واٽ ۾، جنهن جي ٿهائين جي جهڙڪ نسواءِ ڪهڙو ڪوي اچار ڪري سگهندو؟ معشوق منصور ’انا الحق‘ جو دم هڻڻ لڳو، ۽ عجيب امنگ الاپڻ ڪري شمس تبريز جي اندر مان هيءُ آلاپ اٿيو:

تو بدين جمال و خوبي بطور اگر خرامي
’ارني‘ بگويد آنکس که گفت لن تراني

ان سٽ جي تفسير هن طرح آهي ته جڏهن حضرت موسيٰ ’طور‘ جي جبل تي ايشور درشن جي طلب ڪري چيو ته ’ارني‘ (پنهنجو درشن پساءِ)، تڏهن کيس جواب مليو، ”لن تراني“ (يعني تون مونکي ڏسي نه سگهندين ڇو ته منهنجو جمال ۽ جلوه جسمي اکين کي جلائي ڇڏڻ وارو آهي). اهڙو جلوه افروز الله به (شاعر ٿو چوي ته) جڏهن منهنجي معشوق کي ڏسندو تڏهن کيس اکين سان چوندو ته ’ارني‘ يعني پيارا پنهنجي صورت ته پساءِ. اهڙا آتشي الفاظ پره جي باه تي پڙڪائي ٿي پيدا ڪري، ۽ نه ٻي ڪا آتش. شاعر حافظ اهڙا مستانا ۽ من موهيندڙ غزل ڪئن نه چيا؟ سواءِ ڪنهن محبوب جي تحريص ۽ تحريڪ جي، حافظ جي ڪلام ۾ آها اٿس، اهو جذبو اهو انساهه هرگز نه اچي ها جو پارسيءَ جا ’پڙهاڪ‘ سندس پريم واٽ ۾ پئجن ٿا. سو ’شاخ نبات‘ نه ته ٻي ڪنهن محبوب تي سهي مگر ڪنهن ’دلبر‘، حافظ جي ٻانهيءَ ۾ اهو ”دم عيسيٰ“ ڦوڪيو هوندو جنهن سندس ٻانهيءَ کي امر ڪيو آهي.

پڙهندڙن، معاف ڪجو، عشق جي اوڻي تي ٽوڙي ٿا ڪرو ڇي پيس، مگر ساوڻ ان تي وري واپس ٿو وران ۽ حيرت انگيز حافظ جي ڪهڙي ڪهاڻي هڪ ٻن وڌيڪ حقيقتن سان اوهان جي اڳيان عرض ٿو ڪريان.

حافظ جهڙا مستانا ڪلام چيا ۽ بيخوديءَ جا اظهار ظاهر ڪيا مگر ته به سندس جيوت گهڻو وقت تائين هڪ ساڌارڻ جيوت هئي. هن قلندرن وانگر دربدر ڀٽڪي پنهنجي زندگي بسر نه ڪئي. ٻڪر جي پورهئي سان همت قوت حاصل ڪري سنسار ڪئي اهو ثبوت ڏنائين ته هيءُ جيو جڳ ۾ رهي به جڳ کان نيارو رهي سگهي ٿو. ”جڳ ۾ جڳ جهڙو ٿي بنا چاهه چاهي“ سگهيو. هن نظاميه مدرسه بغداد ۾ جو سندس هڪ مربي، ’حاجي خوام الدين‘ جو ٻڌايل ڪيل هو، ڪجهه وقت مدرس ٿي وقت گذاريو. فقه يعني مذهبي عقيدن تي ڪي وعظ ڪيائين. سنساري سنبند به ڪيائين. سنتان ٿيس ۽ عيالدارن جا ڏک سک ڀي پيش آيس جنهن شاعرانه ذڪر سندس نظم کي انسانيت ۽ همدردي جي رنگت بخشي ۽ سندس غزلن جي مضمونن جو ’اوڪاش‘ يعني دائرو وسيع (وڏيڪو) ڪيو. گهڻي تفصيل سان جيڪر انهن حقيقتن جو وستار ڪريان، ڪين جيڪر سندن ۽ ساکين (Quotations) سان نروار ڪريان، ته وقت ۽ جاءِ (زمان ۽ مڪان) قلم کي قابو ڪن ٿا، جنهنڪري ڪلام قطع ڪرڻو پوي ٿو.

مگر حافظ جي مذهب لئي ڪجهه حرف ضرور لکڻا کپن. ڪي چون ٿا تہ 'شيعو' هو ۽ ڪي جزوي کيس سني بہ سڏين ٿا، جا سندن اثبات ناثابت آهي. مگر حق حقيقت هيءَ هئي تہ حافظ 'عشق جي مذهب' جو قائل هو. خسرو چيو آهي تہ:

"ڪافر عشقم مسلماني مرا درڪار نيست
هر رگ من تارگشته حاجت زنار نيست"

رومي چيو آهي تہ:-

"مذهب عشق از همه دينها جدا ست
عاشقان را مذهب و ملت خدا ست"

حافظ چيو آهي تہ:-

"جنگ هفتاد و دو ملت همه را عذر بنه
چون نديدند حقيقت ره افسانه زدند".

دين جي ظاهري سمجهاڻين کان بيزار ٿي، حافظ صاف لفظن ۾ چئي ڏنو تہ پريءَ جي پريت ئي دين جو مفصل مقصد آهي.

اهو رايو هن هڪ بيت ۾ قلمبند ڪيو آهي. جنهنجي مصرعن ۾ مان هڪ غير معمولي موج محسوس ڪندو آهيان.

چند گوئي اي مذکر شرح دين خاموش باش
دين ما در هر دو عالم صحبت جانان ماست

انهن مصرعن ۾ مولوي 'رموز بيخودي' جو مزو ايندو آهي. پڙهي پڙهي پيو پڙهان. بيخوديءَ مان ساوڌان ٿي وري پيو اهي اکر اچاريان. ڇا تہ منجهن لطف، ڇا تہ سوز سمايل آهي. پڙهندڙ اوهين بہ منهنجي نقطہ نگاہ سان نهاريو، "ان امرت رس جو پان ڪريو" تہ وجد ۾ اچي چوندا تہ "جن چاکيا سي نهين لوپتا لي" اهڙو

هو عشق جو مذهب، جنهن حافظ جي زندگيءَ کي منور ڪيو ۽ جنهن سندس غزلن کي 'الستي لاٽ' بخشي. وري حافظ کي قدرتي نظارن لاءِ بہ عجيب اڪير هئي. شيراز جي منظرن ۽ گلڪارين ۾ جنت جو جلوو پسيائين ۽ انجو اظهار ڪيائين.

بده ساقي مي باقي کہ در جنت نخواهي يافت
کنار آب رکنا باد و گلگشت مصلي را

انهن خصوصيتن کان سواءِ وطن خواهيءَ جو گڻ، خوش طبعيءَ ۽ ظرافت جون خاصيتون سندس شعر ۾ سمايل آهن جي دفترن دواران حافظ جا شايق پروڙي سگهندا.

اهڙو هو عاشق شاعر ايراني شاعرن جو سرتاج حافظ شيرازي. سندس فاني جسم ۱۴ صديءَ جي آخر ۾ سنہ ۱۳۸۹ع ۾ عدم ڏانهن راهي ٿيو. مصلي جي گلزار ۾ کيس دفن ڪيائون ۽ سندس مقبرو ٺاهي 'حافظيہ' جو نالو مٿس ڏنائون. حافظ اڳڪٿي ڪئي هئي تہ اگرچ کيس ڪي ڪافر ڪري ليکين ٿا (اوهين ڪندا) تہ بہ وقت سر لکين هزارين عاشق کيس پير ڪري پوڄيندا ۽ سندس قبر اڳيان سر نوائيندا. ٿيو بہ ائين آهي. اڄ تائين ڪئين مستانا عابد سندس مزار لئي وڃي زيارت ڪن ٿا. جيڪڏهن پڙهندڙن مان بہ ڪن کي ان زيارت جو شرف ملي تہ آءٌ سندن ٿورائتو ٿيندس جي منهنجي نياز جو نياپو الهي پهچائي منهنجي پاران بہ ان منور مقبري اڳيان سر نمائيندا. اهو بہ جاچيندا تہ ان مزار مان ڪي دونهان تہ ڪونہ ٿا نڪرن ڇو تہ حافظ چيو آهي تہ

بکشائي تربتم را بعد از وفات و بنگر
کز آتش درونم دود از کفن بر آيد

وري اهو به ڄاڻجو ته کنهن وقت آس پاس سندس مقبري جي چوڌاري زلزلو نه ٿيو ٿئي. ڇو ته عاشقن جو چوڻ آهي ته ڌرتيءَ جي ڏڪڻ جا کي قدرتي سبب به هجن مگر سڀ کان قوي سبب اهو آهي جو مرڻ بعد به عشق جي ڪٺلن جا جسم جزا پيا نچن ۽ 'ڀونڪنپ' جا لوڏا پيا زمين کي ڏيارين.

زمين مين زلزله آتيکا بيشک يهي باعث
هزارون نازکي کشته تڙپتي هين مزارون مين

مگر مٿين ڏيکارن بعد دل ۾ اهو اثر رهڻ نه ڏجو ته جي حافظ جو جسم دفن ٿيو ته ڪو سندس حقيقي هستي مٽي ويئي. حافظ عاشق هو ۽ عشق وارا آد کان ابد تائين امر آهن. اهي موت جي منزل کان مٿي آهن خود سهڻي حافظ جو سو پلو سرود هن حقيقت جو شاهد آهي:-

هرگز نميرد آنکه دلش زنده شد به عشق
ثبت است بر جريده عالم دوام ما

"موت کان اڳ مر"

مرڻ کان اڳ مرڻ جي تون نه ماڻين موج سڪداڻي
هڻڻ مان ٿي اچي تو ڏانهن هلاڪي ۽ هراساڻي.

۱- ٿئين سو ٿي سلو ساتو امر جيوت ۾ اچ آيو،
جڏهن ڌرتيءَ لئي ٿي ويئي سندس مرلي جي پڙلائي.

۲- ڳڙين گل جيئن ڪرڪل ۾ ٿئي تيو مان عطر پيدا،
امر هستيءَ جي گل! توکي ملي ساري شهنشاهي.

۳- هڻڻ تنهنجو وجهي توکي تو خطري مونجهه ۽ رنج ۾،
مٿان تنهنجي ٿيو ڪڙڪاڻي مصيبت ۽ تراساڻي.

۴- سدائين جڳڻ جي چاهين "مان مون" کان ويهه آجو،
مڃين جيوت تو تون جنهن کي اها آهي تنهنجي ڪائي.

۵- پڏي تو لوهه پاڪيءَ ۾ ڳراڻي جي سبب کان ٿي،
توکي پو سنڌ تارينديءَ تنهنجي ٻي هوڏ هلڪائي.

۶- امر تون آتما آهين متون ماريو توکي،
نه مڃ تون پاڪي کجهه هت نه ماڻي موج مولائي.

۷- هڻڻ جي آهه سدا سامهون مرڻ جو موچڙو پيٺل،
هتي سو کيم کي مٿون کان آهي جڳڻ سولائي.

۸- ٿئي ٿي اگن جل ڌرتي پون ۾ رد بدل پل پل،
فقط آڪاس جي هستي هر وقت ساڳيائي.

۹- امر تنهنجي آهي هستي خودي بن ٻوڌ جي بستي،
نه تو ۾ هست کجهه آهي نکي ڪي نيست جي واٽي.

سوامي ٻوڌراج صاحب چداڪاشي

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وارو رسالو

(۴)

ليکڪ:- مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي رسالي جي "مقدمه" جي فصل ٽئين ۾ "شاهه جي سنڌي" جي ذڪر ڪندي ڄاڻايو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو بنياد سنسڪرت مان آهي؛ ۽ انگريزن اچي عربي صورتخطي چالو ڪرائي، جا سنڌي اچارن لاءِ ڪافي نه آهي. پوءِ عربي صورتخطيءَ جي ڳالهه ڪندي لکيو اٿس ته "اهڙيون گهڻيون خاميون رهجي ويون آهن. انهيءَ ڪري هڪ وڏو صدمو، جو سنڌي ٻوليءَ کي رسيو آهي، سو هيءُ آهي، جو ماڻهو اُن جي اصل ۽ بنياد کان اڻ واقف رهجي ويا آهن. عربي صورتخطيءَ جي واقفيت ڪري شاگردن کي، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾، عربي ۽ فارسي ٻولين جي تحصيل ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي؛ ۽ ديوناگري اکرن جي سکڻ جي خطري کان، سنسڪرت ٻولي جنهن مان اصل سنڌي نڪتي آهي، تنهن جو ڪو به اڀياس ڪيو نٿو وڃي. انهيءَ بيپرواهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو آهي، جو سنڌيءَ ۾ ڪا به خاطر خواهه ترقي يا سڌارو نه ٿيو آهي. علم لغات، جنهن جي رستي اها ترقي ممڪن آهي، تنهن جو ڪنهن به سماءُ نه لڌو آهي. خود سنڌي لغت نويسن به، علم لغات جي اصولن، ۽ سنڌيءَ سان ٻين مشابهت رکندڙ ٻولين جي، کوجنا نه ڪئي آهي. انهيءَ سبب کان سنڌي لغتون اڌوريون ۽ خام رهجي ويون آهن؛ ۽ ڪيترن ئي سنڌي اکرن جي معنيٰ، پوري ۽ صحيح نه ڏني ويئي آهي. البت ڏکي بازيءَ جي ڪمي ڪانهي. شاهه جي رسالي ۾ ڪيترا لفظ آهن، جن جي معنيٰ نه صفا اوت لي ڪئي ويئي آهي. لغت نويسيءَ جا اهڙا انڌا رستا، سنڌ ۾ ئي اختيار ڪيا ويا آهن. جيستائين ماڻهو سنڌيءَ جي باترتيب تحصيل نه ڪندا، تيستائين ڪنهن به ترقيءَ جي اميد رکڻ اجائي آهي."

پنهنجي هن ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ چوڪن جا ٽي مثال ڏنا اٿس ۽ لکيو اٿس ته:-

اهڙا مثال انيڪ آهن، جن جي "معنيٰ ۽ شرح" واري ڀاڱي مان خبر پئجي سگهندي.

"اهڙا ها ڇا ٿين، اري هن ڀنڀور ۾."

شاهه جي رسالي جي هيءَ مصراع، جا متين مضمون جي پنيان گڏي اٿس، تنهن مان هيءَ معنيٰ ٿي نڪري، ته رکو

سنڌ جو ٻــر ڳڻوني آهي، جنهن ۾ اهڙي اوندهه لڳي پيئي آهي، خود لغت نويس معنائن ۾ هٿوڙا ها ڇا هڻن ٿا!

ڊسمبر ۱۹۲۳ع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي انهن لفظن پڙهڻ شرط ته ڪاءِ پئجي ويم. ڇيم ته سنڌس هيءَ لفظ ٻــڌي، هرڪو چوندو ته جن سنڌي ڊڪشنرين ۽ رسالي جون لغتون ٺاهيون آهن، تن رڳو ٽڪي بازيءَ تي پاڻ ٿيو هو ڇا؟ موجود لغتون سچ پچ اڌوريون ۽ خام آهن ڪين؟ پروفيسر گربخشاڻيءَ جو هتي انهنکي هڪ ٽڪسال ردي بنايو آهي، سو انهين ڪرڻ ۾ سندس مطلب هيءَ آهي ڇا ته سنه ۱۹۰۵ع ۾، بنگال جي ورهاڱي وقت، جڏهن بمبئي ۽ مهاراشٽرا جي ماڻهن سرگواسي لوڪمانيه تلڪ جي چوڻ تي وديشي ڪپڙن جا ڍڳ ڪاهي تي ڪڍي، انهنجو وڃي اگني سنسڪار ڪيو هو، تئن اسين به سڀ سنڌي ڪوش (لغتون) ڪنا ڪري، ڪاٺيءَ تي ڪڍي، ”هرنام سنگهه هڻ“ چوندا، مساڻي ۾ نيئي، اُتي لنبا (لڪڙا) ڏيئي اچون، يا ڪنهن ڪشادي ميدان ۾ باهه جو وڏو مچ ٻاري، سڀ لغتون الهيءَ اگنيءَ ۾ وجهي ڇڏڻ ”سواهه“! اهڙن خيالن اچڻ ڪانپوءِ هر ڪنهن سنڌي توڙي انگريزي اخبار ۾ چڱي طرح نهاريندو هوس، ته ڏسان ته هن ڳالهه بابت ڪو به سنڌي عالم پنهنجو ڪو رايو ظاهر ڪري ٿو يا نه. سنڌ ۾ ٻهريائين ٻهر يائين مسٽر چيتومل پرسرام هن رسالي بنسبت ليک لکيا، پر هن ڳالهه جو ذرو به ذڪر نه ڪيائين. سڄيءَ سنڌ مان رڳو مسٽر پرمانند ميوارام هن ڳالهه بابت ٿورو ڪو ٽڳهڙو ڏيهو. سنه ۱۹۲۴ع جي شروع ۾ هن صاحب پنهنجي ”جوت“ اخبار ۾ هن رسالي جو سمالوچن لکيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي محنت جي گهڻي ساراهه ڪئي هوائين؛ پر هن ڳالهه بابت سنهي ڇهنڊڙي به پاتي هوائينس. مسٽر چيتومل جي رانــزني هلي پئي، ته مرحوم مرزا قليچ بيگ گڏيل هن صاحب جي ڳالها ٿڌ مان سمجهيم، ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي انهن لفظن تان دل ۾ ڪيو هوائين، جو رسالي جي لغت (لغات لطيفي) پاڻ جوڙي هوائين، تنهنڪري اها جلهين پاڻ تي ٽيل سمجهي هوائيــن. مرزا صاحب اخبارن ۾ هن بابت اکر به ڪونه لکيو ۽ اکو ڪيس ڪو ڏوراپو ڏنائين؛ بلڪ مونکي به جهلي ڇڏيائين، ته ساڻس اها ڳالهه نه ڪيجو. اڄ پنهنجي پياري مرحوم دوست جو آمو اوراڻکهي، هيءَ ڳالهه ڪيڏي اٿم، جو ثابت ڪري ڏيکاريو اٿم، ته کيس دل ۾ ڪرڻ جو سچو پچو سبب هو. هن وقت ڊاڪٽر گربخشاڻي، بمبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌيءَ جي ”بورڊ آف اسٽڊيز“ جو، هڪ ميمبر آهي؛ تنهنڪري هيءَ ڳالهه سنڌس ڌيان تي آڻــڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان، ته جن سنڌي ڊڪشنرين ۽ رسالي جي لغتن کي پاڻ اڌوريون ۽ خام سڏيو اٿس، سي سنڌ جي ٽنهين ڪاليجن ۾ شاگردن بلڪ سنڌي پروفيسرن کي لاچار ڪم آڻيون پون ٿيون، ۽ لاچاريءَ جو سبب سنڌيءَ جي ”بورڊ آف اسٽڊيز“ پيدا ڪيو آهي.

ڪاليج ۾ سنڌي لغتون

مئٽرڪ ۾ جيڪي شاگرد سنڌي پڙهن ٿا، يا ڪاليجن ۾ جيڪي شاگرد، پارسي، گجراتي، سنسڪرت، ڪڇي ۽ ٻيون ٻوليون سکن ٿا، تن لاءِ بمبئي يونيورسٽيءَ قاعدو ٺهرايو آهي، ته هيتريون سٽون نظم جون ۽ هيترا ڪي هيترا صفحا نثر جا پڙهن. سنه ١٩٢٤ع کان وٺي جڏهن ڪاليجن ۾ سنڌي پڙهڻ جو حڪم جاري ٿيو آهي، تڏهن بي.اي ڪلاس وارن لاءِ اهڙو ڪو قاعدو ڪونه ڪيو ويو اٿن ته سنڌي نثر ڪيترو ۽ سنڌي نظم ڪيترو پاڙهجي. هڪ لڳا شايد واڻيءَ ڪلاڻ *، جو سنه ١٩٣٢ع ۽ ١٩٣٣ع جي بي.اي امتحان لاءِ ڪي ڪتاب مقرر ڪري، هيءَ حڪم ڪيائون ته انهن مان فقط ٻه هزار سٽون شاگرد پڙهن. وري سنه١٩٣٤ع ۽ ١٩٣٥ع جي امتحان لاءِ حڪم ڪيائون، ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رسالي جي جلد ٽئين مان سر ليلا چنيسر، مومل راڻو، ۽ سر مارئي پاڙهجن ۽ انهن سان گڏ ساميءَ جا سلوڪ پاڳر ڀريون ۽ مرزا قليچ بيگ جو ڇپايل "ديوان فاضل" به پاڙهجن ۽ پر اهو ڪونه لکيائون، ته انهن مان ڪيتريون سٽون پاڙهجن. مون انهن سڀني ڪتابن جون سٽون ڳڻي ڏٺيون، ته ساڍا چار هزار کن ٿيون! مطلب ته ٻيڻ کان به وڌيڪ لنگهي ويا! شاگردن لئي ڪم اڳيئي گهڻا رکيل، ويتر هيءَ وڌيل بوجو مٿان پين، ته مون اعتراض وٺڻ مناسب ڄاتو. پر اول پنهنجي سڱت ۽ پراڻي سڱواسي ديوان موهنلعل دولترام آڏواڻيءَ کان سندس راءِ لکي پڇم، جو هو صاحب ان وقت حيدرآباد ڪاليج ۾ بي.اي وارن کي سنڌي پاڙهيندو هو. ديوان صاحب مون سان شامل راءِ ٿيو، ته مون ١٠ مئي ١٩٣٣ع جي پنهنجو اعتراض لکي، پرنسپال صاحب کي ڏنو ۽ انهيءَ سان ديوان موهنلعل واري خط جو نقل به شامل ڪيم، جو ٦ مئي ١٩٣٣ع جو لکيل هو. انجو سڄو نقل هيٺ به ڏيان ٿو.

I fully agree with you as regard the proposals you are making to the University for reducing the work involved in the poems prescribed. I believe in quality rather than in quantity, and I can assure you from my experience that the 2,000 lines prescribed for the years 1932 and 1933 were not less than enough.

مون پوءِ اعتراض اتاريو ته انهيءَ پيري ڪم گهٽايائون ۽ پر پوءِ ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي ۽ هڪ ساريکو قصو آهيئي ڪونه. پنهنجي ٻارهن ورهين جي آزمودي مان

* "واڻي" لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "وڻاتا" (ورڻاتا) معنيٰ قسمت يا ڀاڱو. "وڻاتا" جو اُچار بگڙجي "وهاٽا - وهاڻا - واڻي" ٿيو آهي. اسين هندو جڏهن باھ، پاڻي وغيره کي مجسم Personality ڪري، اگني ديوتا، جل ديوتا وغيره ليکيندا آهيون تڏهن "واڻيءَ" کي به ديوي ڪري ليکيندا آهيون. ڪونڌڙو ٻار ننڍي ۾ ڪلي ته چئون ته "واڻي ٿي ڪلانيس" يعني ڀاڳ جي ديوي ڪلانيس ٿي. [ڀ.م.آ]

ڇپرايا ٿو، ته گهٽ ۾ گهٽ نظم جون
اباتي هزار سٽون ۽ نثر جا اٺ سؤ صفحا يا انهيءَ بعد
ٽي سؤ صفحا مقرر ٿيڻ گهرجن. سنڌي ٻولي لاءِ
هڪ جهڙو قاعدو هئڻ گهرجي. وري نه
اختياري وارا جئن پاڻ واجب سمجهن
تئن ڪن. مون اها ڳالهه هنڪري ڪئي آهي-
ڪنهن سال ڪم گهٽ هوندو، ته پروفيسر
رڳو مکيه ٽڪر پاڙهيندا، ۽ پوءِ شاگردن
کي چوندا، ته باقي وڃي پاڻيهي پڙهو، ۽
ڪجهه نه سمجهو ته بلاشڪ اچي پڇجو. شاگرد
اڪثر ڊڪشنرين يا رسالي جون لغتون
وڃي ڏسندا. جن لفظن جون معنائون انهن
مان ملنديون، سي ”سمت وچن“ ڄاڻي قبول
ڪندا، ۽ باقي جن لفظن جون معنائون نه
ملنديون، تن بابت پروفيسرن کان پڇندا.
خود پروفيسرن کي ڪنهن وقت ضرور
پوندو ته شرت صاحب واري يا مسٽر پرمانند
ميوارام واري سنڌي ڊڪشنري يا مرحوم
مرزا قليچ بيگ واري ”لغات لطيفي“ يا
”لغات قديمي“ وغيره ڏسندا. جيڪڏهن
ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي چوڻ موجب اهي
سڀ ڊڪشنريون ۽ لغتون اڌوريون ۽ خام
آهن ته پوءِ قانون (Ordinance) جاري ٿيڻ
گهرجي، ته ڪو به پروفيسر يا شاگرد اهي
ڪتاب هرگز ڪم ۾ نه آڻي. غلط معنائن
سکڻ کان ماڻهن نه پاڙهڻ بهتر آهي.
هاڻ اچو ته ڊڪشنرين ۽ لغتن جي جنم
پتري جاچيون. هتي اول ڊڪشنرين جو
ذڪر ڪريان ٿو. ميرن جي صاحبيءَ ۾
ڪن يوروپي عالمن سنڌي ڊڪشنريون
جوڙيون هيون ۽ پر هن وقت انهن جهونن
ڪتابن جو سنڌ ۾ نالو نشان به ڪونهي،
تنهنڪري فقط موجود ڊڪشنرين جو مختصر
احوال ڏيان ٿو.

ڊڪشنريون ڪڏهن جڙيون؟

انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾
ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌ ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر
هو. هن صاحب ۱۸۴۵ع کان ۱۸۴۹ع تائين
پورهيو ڪري سنڌي گرامر ۽ ٻه ڊڪشنريون
جوڙيون: هڪڙي سنڌيءَ مان انگريزيءَ
۾ ۽ ٻي انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾. هو
صاحب سنسڪرت جو ڄاڻو هو. سندس
وقت ۾ سنڌيءَ لاءِ ڪا هڪ مقرر ٿيل
صورتخطي ڪا نه هئي، تنهنڪري پنهنجن
انهن ٻنهي ڪتابن ۾ ماڳهين ديوناگري
اکر ڪم آندا اٿس. گرامر جي ڳالهين
سمجهائيندي، ڪي ٽڪون شاه جي رسالي
مان ڏنيون اٿس. مثلاً ”تو اوڏا مون ڏور“.
هن مان سمجهي سگهجي ٿو ته شاه جي
رسالي جو ڪو دستخط نسخو ملي ويو هوس،
سو پڙهيو هوائين. سنه ۱۸۵۱ع ۾ جڏهن
هاڻوڪي عربي سنڌي صورتخطي جوڙڻ
جو سوال اٿيو هو، تڏهن اهو ئي صاحب
هو، جنهن مخالفت ڪئي هئي. سندس
چوڻ هو ته سنڌيءَ جو بنياد سنسڪرت
مان آهي تنهنڪري سنڌيءَ لاءِ ديوناگري
اکر هئڻ گهرجن ۽ پر جنهن صورت ۾ هندو
سنڌي اکر اڳيئي چالو آهن، تنهن صورت
۾ انهن ۾ لڪنائون يا ماترائون وجهي،
سنڌيءَ لاءِ صورتخطي ٺاهجي. سندس
رٿ قبول نه پيئي ۽ هاڻوڪي عربي سنڌي
صورتخطي جولاءِ ۱۸۵۳ع ۾ ٺهي. انهيءَ کي

غلطيون ٿيون، جي پوءِ سڌاريون ويون، ته به اڃا ايترو ڪي خاميون رهجي ويون آهن، جنهن ڳالهه جو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي رسالي جي مقدمي ۾ ذڪر ڪيو آهي.

ڪئپٽن سٽئڪ واري سنڌي ڊڪشنري فقط اهي ڪم آڻي ٿي سگهيا، جي ديوناگري اکر ڄاڻندا هئا. سرڪار پوءِ ٻئين سنڌي ڊڪشنري جوڙڻ جو ڪم ٽن عالمن کي ڏنو: ريورنڊ جارج شرٽ، مرحوم مرزا صادق علي (مرزا قليچ بيگ جو مربي پيءُ) ۽ سوڀراسي ديوان اڌارام ٿانوَرداس ميرچنداڻي. ڪئپٽن سٽئڪ واري ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل ڏهه هزار لفظ هئا، اهي ٻئين ڊڪشنري ۾ ڪي وڌيڪ لفظ گڏ ڪري صورتخطيءَ ۾ تيار ڪئي. هيءَ ڳالهه ڊڪشنريءَ جي ديباچي ۾ ڄاڻايل آهي. اها ڊڪشنري سرڪاري خرچ تي ۱۸۷۹ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. انوقت مان ٻن ورهين جو ٻالڪ هوس. شرٽ صاحب پوءِ به گهڻا ورهيه حيات هو.

هو صاحب پادري هو ۽ حيدرآباد جي مشن اسڪول جو مئنيجر هو. شرٽ صاحب منهنجو ڏٺل هو. انوقت ته جيتوڻيڪ مان ننڍڙو ٻار هوس، ته به سندس شاندار شڪل، ڊگهي ۽ سفيد سونهاري (ڏاڙهي)، جنهن ۾ ڪي ڪارا وار به هئس، ڪارو ٽوپلو ۽ ڪارو ڊگهو پادرين وارو جبو اڃ به منهنجي اکين اڳيان پيا ڦرن. هو صاحب سنسڪرت جو چڱو ڄاڻو هو. سنڌيءَ ۾ پنهنجي سرهڪ ڪتاب "اکر ڌاتوءَ" نالي ڇاپرايائين، جو اڳي اسڪولن ۾ درسي ڪتاب طور ڪم ايندو هو. سنه ۱۸۸۵-۸۶ع ڌاري مان انگريزي پهرين درجي پڙهندو هوس، ۽ اهو ڪتاب مون پاڻ به اسڪول ۾ پڙهيو هو. پوءِ به ڪيترا ورهيه ساندهه مقرر هو ۽ آخر ورق ٿي ويو. انهيءَ هوندي به ياد ڪيو اٿم، ته ان ۾ پهريائين پهريائين لکيل هو، ته سنسڪرت لفظ "اَڪش" جو اُچار سنڌيءَ ۾ ڦري ٿيو "اک" ۽ انهيءَ مان ٻيا لفظ به ٺهيا آهن جهڙوڪ اَکيو ۽ اکياڙي معنيٰ اکين جا ڪوپا جي اُن ۽ ڏاندن جي اکين کي گهاٽيءَ ۾ هلائڻ مهل ڍڪي ڇڏبا آهن. "اَکڙي"، ڇا زالون چادر يڪڙ مهل ڪن ۽ "اَکڙيارو" معنيٰ جو آئيندي ۾ اکه هٽي ڇڏائي، ته هنڪا اپوءِ جا ٿيڻو آهي يعني اڳڪٿي ڪندڙ يا نجومي، اهڙيءَ ريت "الف" کان وٺي "ي" تائين سنڌي لفظن جو بنياد الف بي وار اُن ۾ ڄاڻايل هو. هن ريت "اکر ڌاتو" اهو جوڙي سگهندو، جو سنسڪرت جو ڄاڻو ۽ علم لغات جو ماهر يعني ڀاشا وگياني Philologist هوندو. علم لغات جو هڪ مکيه پاڳو آهي اکر ڌاتو.

شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ جي مقدمي ۾ ٿي ڏسو ته تخفيفن (Abbreviations) جا ڏنيندي لکيو اٿن ته "س" اکر "سنسڪرت" لاءِ ڪم آندو اٿون، "ع" عربي لاءِ، "پ" پارسيءَ لاءِ، "هه" هنديءَ لاءِ، "د" دراوڙي (Dravidian) ٻولين لاءِ ۽ "ت" ترڪي لاءِ وغيره. ڊڪشنري کولي ڏسو ته اُن ۾ لکيو پيو آهي ته اَکڙُن معنيٰ اڳوان ۽ اکهائي معنيٰ بيماري،

سنسڪرت بنياد جا لفظ آهن. انهن ۾ ٻين اهڙن سنسڪرت بنياد وارن لفظن مان "مهند" معنيٰ اڳيان، پڇاڙ معنيٰ اُچاڻ وغيره لاڙ جا لفظ آهن. ان ماپ لاءِ "ٽوڪو" سرحد سنڌ جو لفظ آهي. گهٽڻ معنيٰ وڃهڻ ۾ ليٽو معنيٰ اُٺ ۾ ٻيا اهڙا لفظ بلوچيءَ مان ورتل آهن. مرحوم مرزا قليچ بيگ ڳالهه ڪئي ته پاڻس مرحوم مرزا صادق عليءَ کي ڪيترن پکين، ڳلن، ٻوٽن ۽ وڻن جي پڇاڻ هئي. اهي سڀ شرٽ صاحب کي ڏيکاريندو هو، ته هو صاحب انهن لاءِ پورا پورا انگريزي نالا ٻڌائي سگهندو هو ۽ وقتي لاٽن نالا ٻڌائيندو. اکين سان ڏسو ٿا ته اهي لاٽن ٻوليءَ جا لفظ برابر ڊڪشنريءَ ۾ لکيا پيا آهن. اهي شرٽ صاحب جا ٻڌايل آهن. منهنجو چاچو ماستر سچانند مشن سڪول ۾ ورهين جا ورهيه ماستر هو ۽ اسي ورهين جي ڄمار ۾ هاڻ چالاڻو ڪيو اٿس. اهو سرڳي ڳالهه ڪندو هو ته ڊڪشنري جوڙڻ لاءِ مرزا صادق عليءَ مسلمانن جا گهرو لفظ ۽ اصطلاح، ۽ سرڳواسي ديوان اُڌارام ٿانورداس هندن جا گهرو لفظ ۽ اصطلاح ڪٺا ڪيا هئا. اهي ٻئي ڄڻا شرٽ صاحب سان گڏجي ڪڏهن پسارين، سونارن، واڍن ۽ ٻين ڪاسبين وٽ ويندا هئا، ته ڪڏهن ٻنين ۾ آبادگارن وٽ ويندا هئا ۽ انهن جي شين، اوزارن وغيره جون يادداشتون ناهي ايندا هئا. انهن يادداشتن وارا سڀ لفظ منهنجو چاچو ماستر سچانند الف بي وارا ٻيهاري ڏيندو هون. سنڌس اکر هوندا

هئا جهڙا موتي، تنهنڪري انهيءَ آڳاٽي وقت کان وٺي ويندي سنڌس الف سمي تائين حيدرآباد توڙي ڪراچيءَ جي مشن هائوس وارا لکڻ جو سڀ ڪم ڪاٽس وٺندا هئا. ڊڪشنريءَ لاءِ جيڪي يادداشتون ناهيندا هئا، تن تي ٻئي وقت هر هڪ لفظ جي سامهون انگريزي لفظ به لکندا هئا. انوقت جيڪي درسي ڪتاب توڙي سائنس جا ڪتاب موجود هئا، تنهن سڀ لفظ، ديوان ڪل جا گهڻا لفظ ۽ ڪيترا شاهه جي رسالي جا لفظ وڌائون ۽ ٻئي ساميءَ جا سلوڪ تن ڏينهن ۾ ڇپيل ڪين هئا، تنهن ڪري انهن سلوڪن ۾ ڪم آيل ڪيترا لفظ ڪونه ڏنائون. انهيءَ ڪوٽ جي ٿوري قدر پورائي پوءِ سرڳواسي ديوان ڪوڙيمل ڪئي. هن صاحب ڪيترن اهڙن لفظن جي يادداشت ناهي، جي شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ ڪين هئا. اها يادداشت پوءِ منهنجي ڇهوٽي پارڙي مستر پوماڻند ميوارام کي ڏنائين، جنهن پاڻ به ڏاڍي محنت ڪري شرٽ صاحب واري ڊڪشنري کي گهڻو وڌايو. مطلب ته سنڌي ڊڪشنريون جن جوڙيون سي سڀ وڏا سنڌي عالم، ته به ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي مٿن جلهيه! جلهيه لاءِ پاڻ هيءُ سبب ڄاڻايا اٿس. (۱) ديوناگري اکرن سکڻ جي خطري کان سنسڪرت جو ابياس ڪيو نٿو وڃي! اهڙو خطرو نڪو ڪئپٽن سٽئڪ کي نڪو شرٽ کي ٿيو. ٻئي صاحب سنسڪرت جا ابياسي به هئا. (۲) ڇي لغت نويسن علم لغات جو سماءُ ڪونه لڌو آهي! مٿي اڳئين ڄاڻايو

اُهو ته شرٽ صاحب ”اکرڏاڻو“ ٺاهيو هو، جنهن مان ظاهر آهي ته علم لغات جو سماءُ تڏهن لڌو هوائين جڏهن هاڻوڪي ٿيءَ وارا اڇا ڇاوا به ڪين هئا. (٣) ڇيو اُنس ته سنڌيءَ سان ٻين مٿا بهمت رکندڙ ٻولين جي ڪوچنا نه ڪئي اٿن! هن ٻاٻت ۾ مٿي اڳيئي ڇاڻايو اٿم ته هندي، بلوچي وغيره جي سار لڌي هوائون. (۴) هڪڙيئي ڏک سان سنڌين محنت ٻرباد ڪرڻ لاءِ ڇيو اُنس ته معنائن ۾ ڏکا هڏيان اٿن ۽ سنڌين لغتون اڌوريون ۽ خام رهجي ويون آهن!!! مون لکيو ڪيو آهي ته شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل ويهه هزار لفظ آهن. اُنهن ويهن هزارن لفظن مان ويهه چوڪون يعني سراسري هڪ هزار لفظن ڀنيان هڪڙي چوڪ ڪيدي ڏيکاري ته انصاف مڃانس! هي ءُ ٿيو خواه مخواه ڪنهنکي بدنام ڪرڻ. هاڻي اچو لغتن تي.

لغتن جا قسم

سنڌي لغتون ٻن قسمن جون آهن: هڪڙيون پارسيءَ جي اڀياس ۽ ٻيون سنڌيءَ جي اڀياس ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. اڳي ڪتاب هوندا هئا، جن ۾ ملا ۽ آخوند پاڙهيندا هئا. پوءِ مشن شڪول ۽ سرڪاري شڪول وغيره کلياءِ پر اڳوڻي حالت ڪجهه قدر پوءِ به هئي، جنهن جي مونکي به ساڃهر آهي. مان پاڻ به سنه١٨٨١ع ۾ سنڌي پهريون درجو ٽورا ڏينهن آخوند صديق محمد جي ڪتاب ۾ پڙهيو هوس. پارسي سکندڙن جي سهوليت لاءِ اڳي به لغتون هونديون هيون: هڪ دوواڻيو ۽ ٻي سوايو (ٽوايو). دوواڻيو معنيٰ ٻن ٻولين واري Bi-lingual لغت ۽ سوايو (ٽوايو) معنيٰ ٽن ٻولين واري Tri-lingual لغت.

دو وايو

دوائي جي هر هڪ صفحي ۾ ٻه خانا هوندا هئا. هڪڙي خاني ۾ پارسي ۽ عربي لفظ الف بي وار ڏنل هوندا هئا ۽ ٻئي خاني ۾ انهن لفظن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ ڏنل هوندي هئي. مثلا

پارسي عربي	سنڌي
آفتاب	سج
مهتاب	چنڊ
احسان	ٿورو
آبرو	ڀرُون

ٽوايو

ٽوائي ۾ ٽي خانا هنطرح هوندا هئا:

عربي	پارسي	سنڌي
سما	آسمان	آڀ
سيف	شمشير	ترار
شمس	آفتاب	سج

قابلن جي قابليت هن منجهان ٿي پڌري آهي، جو عربي لفظ ڏار ۽ پارسي لفظ ڏار بيهاري، انهن لاءِ پورا پورا سنڌي لفظ ڏنا اٿن ٿي. هي به ته ڏکي پازيءَ جي ڳالهه آهيئي ڪانه.

آمد نامو

مٿين ٻن قسمن جي لغتن کانسواءِ ٻيو هڪ ڪتاب ”آمد نامو“ هوندو هو. اُنهيءَ ۾ دو وايو ۽ ٽوايو ٻئي هئا ۽ پر هن لغت جي هڪ وڏي ۽ خاص خوبي هيءَ هئي، جو

ساڳيءَ لغت جي هڪ ڌار ڀاڱي ۾ ڪيترا پارسي لفظن ريت سنڌي ۾ سمجهايل آهن :-

شدن - ٿيڻ (مصدر)

شد - ٿيو (زمان ماضي مطلق)

مي شد - ٿي ٿيو (ماضي استمراري)

شده است - ٿيو آهي (ماضي قريب)

شده بود - ٿيو هو (ماضي بعيد)

خواهد شد - ٿيندو (مستقبل)

هن نموني ڪيترائي فارسي لفظ الف بي وار ڏنل هئا، جن مان فعلن جي جدا جدا زمانن سمجهڻ ۾ گهڻي سهوليت ٿئي ٿي. مطلب ته لغت جي لغت ته گرامر جو گرامر! هڪڙي ئي ڪتاب مان ٻئي ڪم ٿي چڪا. منهنجا جيڪي اهڙا ڪتاب ڏٺل آهن، تن مان ٻه واڌو ۽ ٽوايو منشي امام بخش جا جوڙيل آهن. "آمدنامه" شاه صاحب ميان ڏٽيڏنه شاه غوث پور (سرحد سنڌ) واري جو جوڙيل آهي، انهيءَ صاحبن کي جيتري به آفرين ڏجي ايتري ٿوري، جو شاگردن جي سهنج لاءِ آڳاٽي وقت ۾ ٿي هيڏي ساري محنت ڪري، اهڙا ڪارائتا ڪتاب ڪڍيا ٿون. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي جيڪڏهن هنن حقيقتن جي سڌ هجي ها، ته جيڪر سنڌ جي لغت نويسن جي هٿن لاهڻي ڪين لاهي ها.

ٻيون سنڌي لغتون

مرحوم مرزا قليچ بيگ جي جوڙيل "لغات لطيفي" ڇهڙيون لغتون، جن ۾ شاه جي رسالي جي اهنجن لفظن ۽ جملن جون معنائون ڏنل آهن، تن بابت ڪجهه به چوڻ کان اڳ ضروري آهي ته ٻڌايان، ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريءَ رسالي نڪرڻ کان اڳي شاه جي رسالي تي ڪيتري قدر ۽ ڪهڙي نموني محنت ٿيل هئي ۽ اهي لغتون ڪهڙن ڏاکڙن سان تيار ٿيون هيون. اهي حقيقتون ته ڪولي ٻڌائيندس، پر پاڻ ڪيتري قدر ۽ ڪهڙي نموني محنت ڪئي آئس، سي ڳالهيون به سندس رسالي مان ٿ بنيون ڏيئي ڇاڻ ٿيندس، ته پوءِ پورهئي جي ڀيٽ ڪرڻ سمجهڻ لاءِ سولي ٿيندي. انهيءَ ريت ڀيٽ ڪرڻ مان هڪ ڪارائتو نتيجو هيءُ نڪرندو، ته اسانکي آسانيءَ سان پتو پوندو، ته رسالي تي اڃا ڪجهه وڌيڪ پورهئي ڪرڻ جي ضرورت آهي يا نه، ۽ جي آهي ته ڪهڙي؟ سنڌ جي سهنجي ڪاليجن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رسالي جا ٿورا ٿورا سر بي-اي، وارن کي پڙهڻ سان پڙهڻ پون ٿا، تنهن ڪري هن ڳالهه سڄيءَ سنڌ جو ڇرڪو ڏيارڻ لهڻو. مون پنهنجا ڪي ضروري ڪم ڇڏي، هيءُ ليکن جو سلسلو جاري رکيو آهي، سو رڳو انهيءَ سبب، ته مان پنهنجا خيال هڪواريءَ "سنڌوءَ" جي ذريعي ظاهر ڪريان، پوءِ اڳين جي اختيار: ڀڃن چڱي لڳين تئن ڪن. پر اهي ڳالهيون هن هڪڙي ليک ۾ پوري ڪرڻ جون نه آهن، تنهنڪري اهي ٻئي گهمري جا ٽا ٿيندس.

ڳوڙن جو سڏارو

پارس ۾ لڙهين رنگ جو آڻيندو اظارو - ڳوڙن جو سڏارو،
هن ديش جو لاهيندو نموني اجارو - ڳوڙن جو سڏارو.

۱- انداز وڏو خالق جو ڳوڙن ۾ وسي ٿو - بستين ۾ بسي ٿو،
آڻيندو نوي سيڪڙي آدم ۾ اڄارو - ڳوڙن جو سڏارو.

۲- اڄڙيا جي هنر هند جا ڏ لذا جي ڏڪاڻا - وسريا ۽ وساڻا،
جاڳائي وري لن کي جيئارينده دوبارو - ڳوڙن جو سڏارو.

۳- بي علم رهن اڄ ۾ خود ملڪ جي ٻڌ ڪان - اخبار جي سڏ ڪان،
تعليم ڏني عام ڪندو دور اندارو - ڳوڙن جو سڏارو.

۴- جاڳون ۽ وڏيون، چوڌ هوا ۽ پرا صفائي - ٻيمار جهڄاڻي،
قانون صحت سان ڪندو هيٺن کي سگهارو - ڳوڙن جو سڏارو.

۵- جو ڪيمت ڪندي پيمت بڪ وانگ اُگهاڙو - جوئن ۾ ڪراڙو،
ڪڙميءَ کي ڏني قوت ڪندو مرد ٻتارو - ڳوڙن جو سڏارو.

۶- پنچايت ۾ جا لنگڏلي قوت ٿي آڻي - چڪتاڻ ۾ لاٽي،
ميلاپ محبت سان ڪندو ٿلهڪان ڪنارو - ڳوڙن جو سڏارو.

۷- منو رلي غلامي ۽ جي هٿا ٿيندو ودپا سان - سوراج سکيا سان،
آزاد خيالي ۽ جو وچا ٿيندو اجارو - ڳوڙن جو سڏارو.

۸- بيوس ٿي جڏي ڏيندو جڏي رسم پراڻي - بيڪار سا جاڻي،
برباد ڪندو وقت ۽ پئسو نه پيارو - ڳوڙن جو سڏارو.

شريمتي ڪشنچند ليرتداس ڪتري، [بيوس]

دل اندر

تِي لِڪل دائم رهي هڪ چمتڪاري دل اندر،
جڳت کي پرڪاش ڏي سا جوت جاري دل اندر.
١- جيئن رهي پٿرن منجهه پرسون ۽ ماڻڪ لڪل،
چمڪندڙ تيئن تي رهي هڪ لال پياري دل اندر.
٢- ڪاڻ ڪستوري رهي جيئن * مرگ معدي جي اندر،
مشڪ جو مهراڻ تيئن هڪ نروڪاري دل اندر.
٣- جا هماچل جي اتاهين چوٽ پربت مان وهي،
سا سچي سيتل گنگا خود گيان واري دل اندر.
٤- گل اندر گلشن اندر بلبل اندر مالهي اندر،
واس وندڙ سان رهي پڻ تو $ سنگهاري دل اندر.
٥- عشق جو اعليٰ انگوري صاف سيني ۾ شراب،
آهه اوليندڙ و ڏيندڙ ميخواري دل اندر
٦- پر اندر پالو اندر شيطان شترو پي اندر،
پر پکڙيندڙ و ساکي نياءِ ڪاري دل اندر.
٧- مرگ شاهه مست تنهن جو ونهن هن سنسار تي،
سونهن کي خود سونهن ڏيندڙ سونهن واري دل اندر.
٨ پاڻ ۾ † پنج تت ملي رچنا رچائن جڳت جي،
جن سڀن جي آهه اڳ ۾ قوت واري دل اندر.
٩- ويد جو واڪيه چوي * "برهمنڊ ۾ سو پنڊ ۾"
ثابتي هيءَ تي سڄي جڳت ساري دل اندر.
١٠- ڀڳت **ارجن** کي ڀسائي پاو سان يد جي سمي،
پرم يوگي وشو جي ساري $ وڪاري دل اندر.
١١- چو بڻين **مستان** گولهين تو **پري ڪيلاس** ۾،
جو سچو ساجن سدا † ساکيات ڪاري دل اندر.
منگهارام شيوڪرام (مستان)

---

* مرگ = هرڻ $ سنگهاري = ناس ڪندڙ
† پنج تت = آڪاس. پرٿوي. هوا. باهه. پاڻي
* برهمنڊ ۾ سو پنڊ ۾ = جيڪي دنيا ۾ آهي سو اندر ۾ آهي.
$ وڪاري = چٽسالي † ساکيات ڪاري = ظاهري

علم جي ضرورت

ليکڪ:- پرڀداس پيرومل آڏواڻي.

اڪثر ڪري ٻڌڻ ۾ ايندو ته اڄ ڪلهه جا ڇوڪرا علم کان وڙن پيا وڃن ۽ ڏنگ پيا ڇڏين. قدري ماسترن ۽ مائٽن جي ”علم جي ضرورت“ واري زوردار هدايت جي ڪري، هو مڪتب کي ڪرڙ جي شڪل ڏيو، ڏهه ڪوهه ڏور پيا ٿين ۽ امولڪ علم جي قدر جو ڪو به قطرو قلب ۾ ڪو نهين. اهو به وقت هو جڏهن ”زر کان علم زياده“ جاڻ ۾ ايندو هو ۽ سانئي سلي ٿي نيڪ نصيحت جي سٽي پيار ۾ ايندي هئي ۽ جي اهي وڏي، وڻ ٿي، سچ ساما ٿيا هئا؛ اهڙا سچا سون ۾ سوها. مگر اڄ ڪلهه، نه اهي معلم، نه اهي متعلم؛ نه اهي ماستر ئي رهيا آهن، جي رهبر ٿي، رب جي راهه ڏيکارين.

شروعاتي سبق، خدا جي خوف ۽ وويڪ جي ويچار جو ملندو هو، ۽ اها به پرجهه پوندي هئي ته وويڪ کان سواءِ ڀيو دنيا جو واءُ سڀ ونرٿ آهي ۽ علم انسان جي لاءِ اهڙو ضروري آهي، جهڙو پيڙيءَ کي سکان، ڏني کي ليل. هو هر هنر، هر ڪم ۽ هر علم ۾، اڳ ڀرندا هئا. ڪڏهن به ڪين سکڻو ۾ عار نه ٿيندو هو. هو ڪڏهن نه ڪڏهن وڃي وڻل ڪندو هو.

علم جي اها معنيٰ نه آهي ته انسان رڳو پنهنجي روزاني روزگار يا ڌنڌي ڌاري ۽ ۾ ماهر هجي. ان ۾ حاذق هئڻ بلڪل لازمي آهي؛ مگر اهڙا به انسان پيا آهن جن کي هن ڪاريءَ ڪٺاس ۾ وٽڻ لاءِ وڳو صرف سندن چڱو چرتو ۽ هر ڪاربو علم آهي، جنهن جي ذريعي هو واپار ۾ گهڻي سکهوڻي ساوا ٿيا آهن. مگر ڪي اهڙا به ملندا جن، ناڻي جي هجڻ ٿي هوندي به، سکهوڻي سمورو ڌن اڪو قلو آرلي ڪري، پن پويا هوندا؛ ڇاڪاڻ ته اهي علم کان محروم رهيا.

خود. خبردار ماڻهوءَ کي نه ڪو وڏو ڌنڌي جي جاڻ جي ضرورت آهي، مگر انسان گڏ جيڪڏهن کيس پنهن علمن ۽ ڪارڻن جي خبر نه آهي ته هو رڳو مشين مثل ٿيو پوي؛ ۽ سچڏ سنگت لاءِ بيڪار ٿيو پوي. انسان کي دنيا اندر درياهه دل ۽ ديسر پنو ٿيڻ گهرجي، جنهن روز مره پنهنجي عقل ۽ علم سان سچ جلسو ڏا ڪندو، نيڪ افعال ۽

اعمالن سان پنهنجي دل ۽ دماغ جي ترقي ڪندو رهي ۽ پنهنجي وطن جي ڀنگتي ۽ راڄنيتي حالتن ۽ حقن حقوقن کان پاڻ کي واقف ڪري.

چوڻي آهي ته "ڪريل پٽ ۽ منجهيل سٽ ويل نه وڃائي". تهڙيءَ طرح علم به سٺ سال سانڍيو پيو هجي، ته به مڙوئي مهل تي سڌيءَ سڌ ڏيندو. ڪو به علم، هنر يا ڌنڌو ڪري سگهو ته ياد هجي ته ڪڏهن نه ڪڏهن اچي همراه ٿيندو. انهيءَ ڪري جڳائي ته واندڪائيءَ واري وقت ۾، تاکلن گهوڙا يا ويچارن ويچارڻ بدران، ڪي ڪو هنر يا علم پيٽ ۾ پائون، جنهن مان وندر جي وندر ۽ ڪنن ڪمن کان ڪنارو به ٿيندو: جنهن ڪري رب به راضي، من به مشغول ۽ ماڻهن ۾ به مرتبو.

"علم سان پيار ڪر تون پيارا،
علم عمدو خزانو آهه،
علم ري آدمي قيدي،
دنيا جڳ جيل خانو آهه."

نصيحت

مخمس

[۱]

ڇڏائي حرص کان دامن نه ڪر تون حسد اي نادان!
جو دنيا بحر فاني آهه اُنجي موج ۾ طوفان،
غرق ٻيڙو، غرق مالي، غرق سارو تنهنجو سامان،
نه رک خواهش تون دولت جي لمدا ڪر نه تون غلمان،
مروت ۽ سخاوت سان پنهنجي دل کي صفا رکجانءِ.

[۲]

ڪجانءِ الله جو سجدو تون مولي جو صدق دل سان،
ٻڌايو جنهن چمن سارو لوندڙ لاٽ بلبل سان،
ٿجانءِ همراز اي بندا! غريبن جي تون محفل سان،
زمانو راضي آ هڪڙو سخيءَ ۽ آهه عادل سان،
غريبن تي ستم پنهنجو نه هرگز تون روا رکجانءِ!

[۳]

نه عادي ٿي تڪبر جو نه تون ٿي شان شوڪت جو،
نه صورت جو، نه دولت جو، ڪرامت ۽ شجاعت جو،
پيو جو پڙدو دل تي آهه نادان! لوئي غفلت جو،
هٽائي ڇڏ تون منهن کان او، محل دنيا آ عبرت جو،
ڪڏهن دل جي نه تاڪين ۾ اڙي! جور و جفا رکجانءِ

[٤]

سخاوت ۾ سچي دولت، لٽائي ڇڏ، لٽائي ڇڏ،
پنهنجو تون شان ۽ شوڪت، وڃائي ڇڏ، وڃائي ڇڏ،
انهيءَ ۾ آبرو عزت، گنوائي ڇڏ، گنوائي ڇڏ،
دنيا ۾ گر لڳي ذلت، لنوائي ڇڏ، لنوائي ڇڏ،
اُڏائڻ ۽ لٽائڻ ۾ ڪثر تون ڪين ڪا رکجانءِ.

[٥]

رکي تو آهه ڪيترا ٻڻ رکيو آهي ڍوان گهر ۾،
رکي سوانح تو عمري آ شهيدن جو نشان گهر ۾،
رکيو ڪا شي مڪو آهي ڪا اصوير مڪان گهر ۾،
ڪيا ڪيڏا تو جهڳڙا ۽ بکيڙا اي ميان گهر ۾،
تون اهي پيڊ جا پستڪ پنهنجي گهر ۾ بجا رکجانءِ.

[٦]

اهو مالڪ سچو سڀ جو اهو خورشيد لاثاني،
رهي روشن ٻه ڪران جي سدا دانهه تون درباني،
جنهين جي نور مان پيدا ٿيو سر سو سليماني،
رکي تون شوق وحدت جو نه ڪر نادان نادانی،
جو تنهنجو پاڪ مالڪ آ تنهين سان تون وفا رکجانءِ.

[٧]

قدم راهه طريقت ۾ وڌاءِ اڳتي اڙي نادان!
رکيو چاهي وڏائيءَ ۾ مسافر ناتوان مهمان،
اُتارو موت جو وجهو هلي هر آدمي انسان،
سمجهه ۽ سوچ ڪر ظالم! نه ٿي عالم ۾ تون حيران،
ڪٽي نيڪي، عذابن کان ڇٽل دارالبقا رکجانءِ!

مبارڪ علي - ع - ش (مبارڪ)

شڪونتلا ناٽڪ

مغربي عالمن جي اوائلي ڳولا

ليک:- مسٽر منوهرداس ڪوڙومل ڪلاٽي، بي-اي.

سر وليم جونس، جنهنکي ”پوربي وديا جي اڀياسيندڙ ودوانن جو سرومڻي“ ٿا سڏين، پهريون ئي فرنگي هو جنهن هندن جي ناٽڪن جي خوبين ۽ خصوصيتن جي پڌرائي پهريون ئي گهڻو پڇمي سنسار ۾ ڪئي ۽ مغربين کي **پورب جي شيڪسپيئر** سان واقفيت ڪرائي. هو صاحب هاءِ ڪورٽ جو جج هو ۽ بنگال ديس ۾ ڪٿان پهرين ”شڪونتلا“ ناٽڪ هٿ ڪيائين – جنهنجو پيرانتو پر ڏاڍو مزيدار احوال ڏنو اٿس.

ڳالهه ٿو ڪري ته ”هڪڙي ڏيهي ماڻهوءَ جي لکيل مضمون ۾ پڙهيم ته اُتي هندوستان ۾ ڪيترائي پستڪ آهن جنکي ”ناٽڪ“ چيو وڃي ٿو جن ۾ براهمڻ چوندا ته پراچين اِتهاس جو گهڻو ڀاڱو بنا ڏند ڪٿائن جي ملاوٽ جي، وستار ڪيل آهي. مان جيئن ئي بنگال ديس ۾ پهتس، ڏاڍو منتظر ٿيس ته انهن پستڪن جو خزانو هٿ ڪريان يا ته ترجمن جي وسيلي يا سڌيءَ طرح اها ٻولي سکي جنهن ڀاشا ۾ اهي اصل رچيل آهن. مان جڊيشل کاتي جو وڏو عملدار هوس ۽ هندن سان گهڻو لهه وچڙ ۾ ٿي آيس سو وچار ڪيم ته هندي ۽ سنسڪرت سکي وٺان. جڏهن ٿورو گهڻو سنسڪرت ڳالهائڻ جهڙو ٿيس تڏهن برهمڻن منجهان معلوم ڪيم ته ناٽڪ اِتهاسي پستڪ نه هئا پر اخلاقي وديا ڏيڻ ڪاڻ منجهن خيالي ڪٿائون ٻنهي نثر ۽ نظم (ڪوتا) ۾ ٻوليل هيون. اهي ناٽڪ عام ۾ پيارا هئا ۽ راجائون عام ميڙن منجهه جدا جدا وشين تي اهي ناٽڪ ڪرائيندا هئا ۽ مختلف ٻولين ۾ اهي ناٽڪ ٻوليا ۽ کيليا ويندا هئا. مونکي ته اهو ٿي سمجهه ۾ آيو ته اهي ناٽڪ گهڻو ڪري ساهتڪ وشين تي لکيل هئا مگر اين گورن ڏيهي ماڻهن کان انهين ئي معلوم ڪيو هو ته ناٽڪن ۾ ناچ راڳ ۽ ڪوتا پرايل هئا. آخرڪار هڪڙو سياڻو برهمڻ مليم جنهنجو نالو راڌاڪانت هئو ۽ جو انگريزي هلت چلت کان چڱوئي واقف هو، جنهن منهنجا سمورا شڪ شبها دور ڪري ڇڏيا ۽ خوشي گاڏڙ عجب به لڳم، جڏهن سڻايائين ته اسانجي قوم کي ساڳئي قسم جا ناٽڪ هئا جنمان کي سياري ۾ ڪلڪتي منجهه گورن ڪري ڏيکاريا هئا جنکي پليز (Plays) ٿي چيائون. هاڻي مون پڪو ارادو

ڪيو ته سڀني ۾ سٺا هندوستاني ناٽڪ پڙهندس. پوءِ کي معلوم ٿيم ته ”شڪنتلا“ ئي ساري هند ديس ۾ اول درجي جو سرشٽ ناٽڪ ۽ عام ماڻهن پسند ۽ پيارو هئو. هڪڙي پنڊت کان پڇيم جنهن جواب ۾ شڪنتلا جي خوبين جو بيان هڪڙن ٻن سلوڪن ۾ ڪري ٻڌايم جن پنڊتن ۾ عام رواج آهي. شڪنتلا جي آڳوڻي جي وستار ۾ سڄو چوٿون پڙدو ناٽڪ جو ۽ سڄا سارا چار ڇهڇتا پلٽيل آهن، جي ڪاليداس جي ذهني جوهر جي ساک ٿا پورين. ويوم وڌ پرٿي ڪانه. سگهو ئي سنسڪرت ۾ شڪنتلا جي ناٽڪ جو جلد جنهن ۾ صحيح لکيت موجود هئي هٿ ڪيم ۽ پوءِ پنهنجي ماستر رام لوچن جي مدد سان لاڙن ٻوليءَ ۾ اُن جو ترجمو ڪرڻ شروع ڪيم. لاڙن ۽ سنسڪرت جو پاڻ ۾ گهاٽو سنٻنڌ آهي سا نه هو ڪنهن کي سڌ آهي ۽ ترجمي جي لحاظ کان جيڪا سهوليت سنسڪرت کي ترجمي ڪرڻ ۾ لاڙن ٻولي ڏئي ٿي سا ڪا به ٻي مغربي ٻولي نٿي ڏيئي سگهي. جنهنڪاڻ اکر به اکر انگريزي ۾ ترجمو ڪيو مانس. پهاڙيءَ ۾ ڪجهه به وڌاڻ يا گهٽاڻ ڌاران ترجمي کي سنسڪرت اصطلاحن کان آجو ڪيم. ڪوشش اها ئي هيم ته هندي ڊرامي جو سڄو ۽ سوڌو اُلٿو (ترجمو) بيهي. اهو ئي ترجمو هو جو پوءِ مون پڇمي سنسار ۾ عام جي روشنيءَ لاءِ پڌرو ڪيو، جنهن ۾ هندو سڀيتا جي خوش خلقيءَ واري سچي ۽ پوري پوري تصوير ڪڍيل هئي. يورپ جي اُتاهه پنڊار جو هڪڙو پاڳو پڇم ۾ اجهو انيسن ظاهر ٿيو.“

ناٽڪي ڪوتا هندو سنسار ۾ اتهاس جي ياد کان گهڻو آڳ ٿي هئي. اُنجو جنم داتا ”ڀارت“ چيو ٿو وڃي. اهو ئي رشي هئو جنهن الاهي ”گان ڪلا“ کي ڄاتيو. موج ۾ اچي گائن ودپا جو سمورو سرشتو هن ئي رچيو. پر راڳ جو اهو آرنڀ انهي طرح ٿيو سو هر ڪو ودوان نٿو مڃي. باقي اها حقيقت ڪري آهي ته پهريون سنسڪرت جو سلوڪ راڳ جي روپ ۾ جو انسان ذات جي ڪنن جهٽيو سو سخت غصي ۽ ڇڙ منجهه والميڪ رشيءَ جي وات نڪتو هو. اهو والميڪ ساڳيو ئي هئو جو دواپر يگ ۾ هڪڙي زبردست شخصيت هئو ۽ جنهن رامائڻ رچيو هئو. هنڪان اڳي ڪو به ڊرامو ڪوتا ۾ پڌرو ٿيل نه هئو. عام هندوستانين منجهه اها ڳالهه مروج هئي ته پهريون پهريون ناٽڪ رامائڻ بابت هنومان ئي بنايو هئو جنهن پنهنجي ڪهاڻي پٿرن ۾ هڪ لسي پهاڙ تي وهي اُڪري هئي پر پوءِ پنهنجي رچيل ڪوتا کيس پسند نه پيئي سو ڇا ڪيائين جو اُهو سڄو پٿر ڪوتا سان اُکيل اُڇلائي سمنڊ ۾ ٻوڙيائين تانجو ڪي ورهيه پوءِ هڪڙي ودوان راجا ڪن ماهر ٽوبن کي حڪم ڪيو ته سمنڊ ۾ ٽٻيون ڏيئي ميڻ تي پٿر وارن حرفن جا نشان ڪڍي اچو. انهيءَ تجويز موجب اها ڪوتا گهڻي ڀاڱي وراڻي هٿ ڪئي ويئي. ڪرسٽ کان اڳ پهرين صديءَ ۾ راجا وڪرماجيت جي وقت ۾ ناٽڪي ڪوتا پورنتا کي پهچي

وڌي هئي ۽ ڪويسرن، ٻولين جي اپڀاسيندڙن
۽ گڻت جي ماهرن ناٽڪي ڪرتا منجهان
وڏو ئي لاڀ پرايو هو. انهيءَ سمي ۾ جڏهن
اسان انگريزن جا ابا ڏاڏا اهڙا ئي جاهل
۽ اڻ سڌريل هئا جهڙا هنومان جي سئنا
وارا سپاهي. وڪرم راجا جي درٻار ۾
نَوَ رتن هوندا هئا يعني نو ذهني جوهر جن
کي راجا رچي ڇڏيو هو. ڪاليداس انهن
نون منجهان هڪ هئو. هو اُجين جي نگريءَ
(جنهنجو اصل نالو اونتيڪا پوري هو)
جو رهواسي هو پر اصل ۾ چون ٿا ته ڪشميري
پنڊت هو. هنجو نالو متريگپتا هو ۽ ڪرسٽ
کان پوءِ ڇهين صديءَ جي وچ ڌاري
پيدا ٿيو هو. هڪ سنسڪرتي بيت ۾ شڪونتلا
جي رچيندڙ جي وڏيائي واکاڻ هن ريت
ٿيل آهي:- ”ڪرتا والميڪ جي لاڏ ڪوڏ
واري کيليندڙ ڪنيا هئي ۽ وياس هنکي
وديا ڏني هئي جنهنڪا نپوءَ ڪاليداس کي
پنهنجو ور چونڊيائين، جنهن وديا کيو
هو. هنجا ٻار امر، سندر، سنکا ۽ ڏنيڪ
هوا وغيره وغيره.“ ”شڪونتلا“ کانسواءِ
هند جي شيڪسپيئر اُروشي نالي ويرتا تي
ڪرتا پڻ لکي آهي. هڪڙيئي پستڪ ۾
سورج جي ٻالڪن، ڪرلوءَ جي پورن
سمانتا، جنگ جي ديوتا ڪمارا وغيره تي
ڪرتائون ۽ پيون پرم ڪهاڻيون درج ٿيل
آهن. **والميڪ ۽ وياس جي لکڻين کي
پڻ ڪاليداس سنواريو ۽ اچوکي**
اوج تي آندو. هند جي پرسڌ راڳين ۽
ڪويسرن جو سردار ڪيس چئجي ته ٺهي.
”رگهونش“ نالي سندس لکت ۾ ڪئي
ڪهاڻيون ڏنيون انس جنمان ٻاڻ ڪابه
ڪرتا ڪالد جوڙيائين باقي سندس همعصرن
انهن ڪهاڻين خواه پنهن ڪويسرن جي
لکڻين تان، خوشي ۽ دک ۽ مسخريءَ جي
وشين جا ڪيترائي ناٽڪ جوڙي پڌرا
ڪيا آهن. هند جي ناٽڪي ساهتيه ۾ ايترو
مصالحو موجود آهي جو آڳاٽي خواه
هاڻوڪي يورپ جي ڪنهين به قوم وٽ
مشڪل موجود هوندو. سيپٽي پنڊت انهي
راءِ جا هئا ته هند جا ناٽڪ بيشمار آهن.
ٽيهارو ته لاڳاني ناٽڪ ليکيا ٿا وڃن جنهن ۾
”ڪنور ٻالڪ“ ”اُشا تي ٿيل زوري“
”دروا سن کي ريجهائڻ“ ”مالتي ماڌو“
هرهنڌ مشهور آهن. اوتارن جي ويرتا
وغيره جي ڪمن تي پڻ ڪيترائون ڪرتائون
تيار ٿيل آهن.

جڏهن هندو شهنشاهت پنهنجي اوج کي
رسيل هئي تڏهن معلوم ٿو ٿئي ته شڪونتلا
ناٽڪ عام جنتا ۾ گهڻو پيارو هئو. سيئري
(ڇهڙي جو لقاءُ) نهايت ناپسند هوندو هو.
اونتيڪا پوري جنهنکي هاڻي اُجين ٿا
سڏين، جتي وڪرم راجا جو راڄ هو، ان
جي ڪچهريءَ ۾ ”شڪونتلا“ ناٽڪ کي
خاص پدوي مليل هئي. راجا دشينت
ناٽڪ جو ناٽڪ (Hero) برهمڻن جي شبدن
موجب چندرونسي گهراڻي مان ڄاڻايو
ويو هو ۽ پرلئي جي سمي کان اڪويهين
پيڙهيءَ ۾ سندس جنم ٿيو هو ۽ انهن موجب
پڌ ديوتا يا مرڪيوري (Mercury) کا نپوءَ
پنجين پيڙهيءَ جو هو چوائجي سگهيٿو. هن
جو وڏو پٽ ڀارت هو جنهنجو اولاد ڪورو

پيدا ٿيا ۽ اُنهن جي هڪڙي نسل مان پاڻ و جنهن کري مها ڀارت هند جو جڳمشهور پستڪ لکيو ويو. هندوستاني پوشاڪ، مريادا اخلاق رونق ۽ ڇهڻي وغيره جي لحاظ کان شڪنتلا ناٽڪ هندوستان ۾ ٿي ڪماليت سان ڏيکاري سگهجيٿو. منهنجو رايو آهي ته پنجن پڙدن ۾ سڄو ناٽڪ سمائي سگهجيٿو. ٽيون پڙدو چوٿين سان ۽ ڇهون پنجين سان ملائي سگهبو. ڪچهريءَ جي منظري سان راجا دشينت جي لنبي گفتگو ۽ مڱڻي وقت ملاقات جي لنبائي اهي پڻ هڪدم ڪٽي يا گهٽائي ڇڏڻ سان ناٽڪ خراب ڪين ٿيندو. مان جيڪر هرهڪ مغربي ودوان کي صلاح ڏيان ته سنسڪرت سکي ۽ ڪاليداس جي جوهر جي موج وٺي ۽ پڻ مون جيڪي هتو اپديش جهڙا پستڪ خواه ڪي هندو قاعدي جا ڪتاب ترجمو ڪيا آهن تن ڪانسواءِ ٻيا ڪيترا مثلا ڪاليداس جون لکيتون ترجمو ڪري مغربي لوڪن ڪسي روشني ڏي ته جيڪر ڏاڍو چڱو ٿئي.

سر وليم جونس جي مٿين رائي سان ٻيا مغربي ودوان جهڙوڪ هيمن هورنس ولسن، لئسن، شليجل گٽي جرمن فيلسوف، همبولٽ به اقرار ڪن ته ڪاليداس، جنهن نموني پرلمين يا عاشقن لي قدرت جي رنگين ۽ خوشنمائي جي تاثير جو ورتانت ڪيو آهي سو اهڙو ڪماليت جو آهي جنهن جهڙو مغرب جي ڪنهن ڪوي يا شاعر يا ناٽڪ نويس به نه ڪيو آهي. انساني دل سندي درياءَ ۽ انهن جي اونهن وهڪرن هيٺ جيڪي ۽ جهڙيون ٽيپيون ڪاليداس هنيون آهن اهڙيون اهڙي طرح ڪنهن به مغربي شاعر کي هڻڻ جو دم ڪونهي. البت ڪاليداس بيان ڪرڻ ۾ ڪٿي تشبيهون ڏيندي ٻولي کي پيچيدو ڪري منجهائي ٿو وجهي ۽ ڪٿي ڪٿي استري جات جي شخصيت ظاهر ڪرڻ لاءِ ذرا ذرا ڳنڍي باريڪ طرح ٽڪائيندڙ بيان ٿو ڏئي جئن اڪثري ٻين هندو لکيل ناٽڪن ۾ ڏسبو آهي. پر "وڪرامارو شيءِ" کان "شڪونتلا" ۾ اهڙا باريڪ وستار جيان ٿيان گهٽ آهن. باقي ڪاليداس جي "منٿن ۽ نيزارين واري" بيان ۾ جا خوبي آهي، هنجي "[illegible] جي وستار" ۾ جا نفيسائي آهي يا هنجي تصور يا ڪالپنا ۾ جا ڳوڙهاڻ سمايل آهي انهن ڳالهين ۾ همسان ٻيو ڪير ٻر ميچي سگهندو! هنجو ٻيو ناٽڪ "وڪرامارواشي" پڻ انهيءَ واکاڻ جو لائق آهي.

ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي هڪ اڳوڻي سنسڪرت جي پروفيسر اي - بي - ڪاويل ايم اي جي نظرداريءَ هيٺ مشهور بنگالي پنڊت پرمچندر تارڪاباگش جيڪو "شڪونتلا" جو ترجمو ڪيو آهي سو اوائلي ۽ پوروسي جهڙو آهي. مرهٽيءَ ۾ ورائي اهو ناٽڪ مستر ڪرشنا شاستري رجوائڙي ڪيو آهي جنهنڪي تنهن لاءِ سال ١٨٦٠ع ۾ دڪشنا انعام ڪميٽي انعام ڏنو. مسٽر ٽامس ڪئنڊي جو هڪ اعليٰ مرهٽي ودوان ڳڻيو ويٿو تنهن به انهي مرهٽي ترجمي جي تعريف ڪئي آهي. ويجهڙائيءَ ۾ پڻ ڪنهن هندوستاني ٻوليءَ ۾ شڪونتلا جو يا ڪاليداس جي ٻين ناٽڪن جو اهڙو قابليت وارو ترجمو نڪو ڏٺو آهي نڪو ٻڌو آهي.

همٿ وارو ديوتا

ليکڪ:- شريمتي تنسنگهه لعل. ڊي. پاٽيا.

آمريڪا جي ڪولوراڊو علائقي جي ڏکڻ ۾ هڪ هنڌ آهي جنهن ۾ ٢٠ سال ٿيا ته پاڻيءَ جو ڦڙو به ڪونه هو. انهن مٿن جا مٿل سج ۾ پينگ لڳي پيئي هئي. زمين وري اهڙي ته سڪي ۽ سخت هئي جو منجهس ڪڏهن ڪوئي جو نالو نشان ئي ڪونه هو ۽ نڪي هينئا نهيون مٿا نهيون هيون. زمين به خوب پلي هئي.

زمين وديا (Geology) جي ڄاڻن ان کي ليکي ڏنو هو ته زمين جي هيٺان ڪوئلن جا وڏا ذخيرا ۽ ڪٿي ڪٿي لوهه به هو. ملڪ اهڙو ته ويران هو جو انهن ماڻهن جي آبادي هئي ۽ نڪي ڍورن ڍڳن لاءِ گاهه ۽ سبزي. ١١ هزار چورس ميل زمين جا اهڙي ريت ڍير پيا لڳا پيا هوا. اها حالت ڪا ٿورن سالن کان ڪانه هئي پر اياڻن کان، انسان ذات جو اتهاس جنهن ڏينهن کان لکڻ ۾ آيو آهي تنهن وقت کان به اڳ اتي اها ئي سڄ هئي.

ويجهڙائي ۾ ڪا به ندي يا نهر ڪانه هئي جتان پاڻي اچي سگهي. انهي ڀاڱي کي "ان ڪمپاگري ونڊي" ڪري سڏيو ويندو آهي. اهو ملڪ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ، ٽانگن وانگر وڏ ۽ ڪڙ ڏيندڙ ميلن جا جبل ڦهليل ڪولوراڊو نالي جبل جي ٻئي طرف آهي. ڪيترن انجنيئرن پورا لڳائي زمين مان پاڻي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر سڀ ڪوششون بيسود ويون هيون. پاتال ۾ به پاڻي ڪونه هو. برساتي پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ لاءِ تلاءُ ۽ کوهن ٺهرايا ويا پر سڀ اجايا ويا ۽ لکين روپيا انهن تي اجايا خرچيا ويا. ايترن اپاون هوندي به جڏهن ڪجهه نه ڪٿو لڌو انهيءَ ملڪ لاءِ پاڻي نا ممڪن سمجهي ڇڏيو ويو. انهي ڪري انهي ملڪ تي نالو "ڀڳوان کان وسري ويل ملڪ" پئجي ويو.

آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ ڪولوراڊو نالي جبل جي ٻئي پاسي گنيسن نالي هڪ شاهي ندي هئي جا ڪروڙين گيلن مٺي پاڻيءَ جا کاري سمنڊ ۾ اجايا ڦٽا ڪندي هئي. اهو جبل ٥-٤ هزار فوٽ اوچو هو ۽ ١٢ ميل ويڪرو. انهي ڪري ان گنيسن ندي کي جبل ڪندي جبل سان ٽڪرائي تي لنگهي. هوءَ نه فقط اونهي هئي پر سوڙهي به. جيتوڻيڪ اها

"پگوان کان وسري ويل ملڪ" جي پاسي کان ٿي وهي ته به انهيءَ پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به الله ڪم اچي آيو.

سن ۱۸۹۸ع ۾ دنيا جي سير ڪرڻ لاءِ اڪيلو هڪ فرينچ مسافر انهيءَ ويران ملڪ کي ڏسڻ آيو. اهو جوان شاهوڪار به نه هو. مزوري ڪندو ۽ دنيا جو سير ڪندو پنهنجي اڳتي وڌيو. اهو هڪ من موجي نوجوان هو. انهيءَ ويران ملڪ ۾ هي بيٺو خيال پچائيندو رهيو. انهيءَ کي هن ايامن ۾ جگن جو اچابل ڏٺو. جڏهن هو آميريڪا جي آباد ملڪ ۾ موٽي آيو تڏهن هن آميريڪا جي ناٺي ڪني ڪرڻ واري ڪالي جي وڏي انجنير کي هڪ تار ڪياءِ ته يورپ جي آلپس جبل کي کوٽي آگ گاڏي هلائي ويئي آهي. اوهان کي خبر آهي؟ انهيءَ طرح گنيسن نديءَ کي لوهان ان ڪمپاگريءَ ۾ آڻي نه سگهندا؟ تار ڪري فرينچ مسافر پنهنجو رستو ورتو هليو ويو.

يونائيٽيڊ اسٽيٽس آميريڪا جي جل ڪالي جو وڏو انجنير فيلوز هو. هو تار پڙهي اچي ڪل ۾ چٽڪيو. چي، "ويچارو ڪو پاڳل ماڻهو ٿو ڏسجي."

جبل کوٽي آگگاڏي آڻي سگهجي ٿي پر جبل کوٽي ندي به آڻي سگهجي؟ ڳالهه ڪين ڪل! هن چرچي طور اها تار ڪٺي پنهنجي اسسٽنٽ انجنير کي ڏني ۽ چيائينس ته دنيا جا ماڻهو به ڪهڙن خواب پيا ٿا لهن.

پر اسسٽنٽ انجنير ٽورينس سچ پچ خواب ڏسندڙ هو. تار پڙهندي ئي انهيءَ ملڪ -و نقشو سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. ٽورينس لکيو ته تار پڙهندي سندس اکيون بند ٿي ويون ۽ اهو ملڪ ائين ڏسڻ لڳو جڻ هڪ پيو ماڻهو شروعات کان وٺي پاڻيءَ جي لاءِ رڙيون ڪندو هجي. پاڻيءَ لاءِ گوڙيون رڙيون ٽورينس جي دل تي اثر ڪرڻ لڳيون. هن پنهنجي آفيسر کان موڪل ورتي ۽ جهونا خيال جڏي لٽين اکين سان هن ملڪ کي ڏسڻ لاءِ روانو ٿيو. سوال اهو هو ته گنيسن نديءَ کي جبل مان ڪوٽي ان ڪمپاگري ملڪ ڏانهن وراڻي سگهبو يا نه؟ انهيءَ لاءِ پهريائين گنيسن ندي کي لپاسڻ جو ضرور هو.

گنيسن ندي هڪ خوفناڪ ندي آهي. ڪولوروڊو نالي ڏونگر مان نڪري ڏونگر جي آس پاس گهمجي اڳيان وڌي ٿي. انهيءَ جي وهڪ واٽر فالس Water falls يعني جل ڊوڊن جهڙي آهي. هوءَ ٽڪر کي ڇڪڙيندي، زمين کوٽيندي وڃي اونهي ۽ سوڙهي ٿيندي. هوءَ مسمت هائيءَ موافق اڳيان ڊوڙندي وڃي ٿي.

نديءَ جي وهڪ کي شروع کان آخر تائين لپاسڻ جي ڪنهن به ڪوشش نه ڪئي هئي. انڪمپاگري جي غفا وٽ ندي اندر ٿي اندر اونهي ٿيندي وڃي. پاڻي جيڪڏهن وراڻو آهي ته انهيءَ غفا جي اندر وڃي جاچڻ گهرجي. غفا جي پنهي پاسن کان ڏگها جبل آهن ۽ وچمان ندي ڪارهو ناگ موافق ڦوڪارا هڻندي لڪ ٿيندي زمين کوٽيندي ناگ وانگر وڙوڪڙ ڏيندي طوفاني رفتار سان هلي ٿي ۽ آخر

"ٻلڪ ڪيو" يعني ڪاري غفا ۾ اچي پوي ٿي.

نديءَ جي ٻنهي پاسن کان ٽي ٽي هزار فوٽ اوچا ڏونگر آهن. نديءَ جي ويڪرائي فقط ٢٨ فوٽ آهي. ڪڏهن به سج جي روشني نديءَ جي پاڻيءَ تي ڪا نه پوي! اندر ندي ڪيئن ٿي وهي اهو اڄ تائين ڪو به نه ڄاڻي سگهيو آهي. ٽورينس ويچار ڪيو ته جيڪڏهن ندي وراڻي آهي ته هن غفا مان ئي وراڻي پوندي. هن پنهنجي حياتي تريءَ تي رکي ڪينواس (Canvas) جي هڪ ٻيڙي ۾ وهي. نديءَ جي وهڪري سان ڪاري غفا ۾ گهڙڻ جو نسچو ڪيائين.

پاڻ اندر وڃي ۽ سنڌس ماڻهون ٻاهران ڪناري تي ويٺي هئن، اهو نسچو ڪيائين. پاڻ سلامت آهي يا نه تنهن جي خبر ان ڇهن ڪلاڪن کانپوءِ ريوالور ڇڏڻ سان ڏيندو رهندو، انهن ڇهي هو نديءَ ۾ گهڙيو. ١٠ ڏينهن گذري ويا پر نه سنڌس پتو پيو نڪي ريوالور جو ڪو آواز آيو. سڀني ائين سمجهيو ته هو ڪاري غفا ۾ اندر مري ويو.

ڏهن ڏينهن کانپوءِ فيلوز فرينچ مسافر جي تار ۾ پنهنجو نوٽ لکيو ته (Impossible) ناممڪن. افسوس اسان هن جاچ ۾ هڪ چالاڪ انجنيئر وڃايو پر هن ٢٠ ڏينهن پيا به جاچ ۾ ۽ اميد ۾ ڪٽيا. اندر ٽورينس نديءَ جي زبردست ناچ جو مقابلو ڪندو اڳيان وڌندو رهيو. ٢٤ ٽي ڪلاڪ سخت اندارو هو ۽ غفا ۾ نديءَ جو پاڻي ڪاريءَ مس جهڙو پئي لڳو. پاڻي پٿرن تي پڇاڙيو ٢٠-٢٠ فوٽ مٿي پئي اڏاميو. ٽورينس سڄو پاڻيءَ سان پسيل ٿي رهيو.

پاڻيءَ جي گجگوڙ ڪري ريوالور جو آواز پاڻ به نٿي ٻڌي سگهيو ته ٻاهر ڪير ٻڌي؟ تمام خبرداريءَ سان لسن لسن پٿرن تان هٿوراڙيون هڻندو اڳيان پئي وڌيو. ڪڏهن ڪڏهن ڪتان سج ڏسڻ ۾ ايندو هوس ته رستو ڏسي وٺندو هو ۽ ڪٿي ڪا نقشا به ڪڍي وٺندو هو. پهرين ڏينهن فقط اڌ ميل وڌي سگهيو ۽ پئي ڏينهن هڪ ميل. اڳتي ته رستو خوفناڪ هو! انهي طرح ١٤ ميل مشڪل سان پورا ڪرڻ کانپوءِ ڏٺو ته ندي اچي هڪ ٻيءَ اونداري پر وڏي غفا ۾ ٿي وڃي. اها اهڙي ته خوفناڪ غفا هئي جو موت جي غفا ٿي ڀاسي! ٽورينس لاءِ انهي موت جي غفا ۾ گهڙڻ کانسواءِ ٻيو ڪو به رستو نه هو. گهور اونداري ۾ نديءَ جي وهڪري سان اُن اونداريءَ غفا ۾ هو اڳيان وڌيو. ٨ ميل ڏکيءَ انهي غفا جي پئي پاسي آڳ جي پنهوءَ مان جڏهن پاڻي ڇڻي انهي طرح ندي غفا جي پئي پاسي پاڻي ڦٽو ڪري رهي هئي. ٽورينس ان وهڪري ۾ وڃي قانون ۽ ليو جي موافق اُن کي زور سان ٨ ميل پري پٿرن تي وڃي ڦٽو ڪيائين. پاڻي ۽ پٿرن جي ٽوڪرن سان هو بيهوش ٿي ويو ۽ ١٢ ڪلاڪن تائين هن کي ڪا به جهان جي خبر سڌ نه رهي. جڏهن هو سجاڳ ٿيو تڏهن اُن ڏٺو ته هاڻي ندي شانتي سان اڳيان وهندي وڃي ٿي. اُتي جبل ويڪرا هئا ۽ مٿان آسمان ۾ سج جي روشني به اُن کي ڏسڻ ۾ آئي.

جيتوڻيڪ اهو هنڌ پنهنجي ڏسڻ ۾ تمام
خوفناڪ هو پر ٽورينس جي نظر ۾ اهو تمام
آسان هو. ٻنهي پاسن کان ڏيڍ هزار فوٽ
اوچا جبل هئا، پر مٿي چڙهڻ ڏاڍو ڏکيو
ڪم هو. ٢٨ ڏينهن جو پيدل ڪيو ۽ اڪيل هو.
سرديءَ، پاڻيءَ ۽ پٿرن جي ڏکن کان
هنجي هڏ هڏ ۾ سور هو. پر منزل مقصود
جي ويجهو پهچڻ جي خوشي ۽ پنهنجي جان
بچائڻ جي لاءِ هو انهن جبلن تي چڙهيو ۽
ٽن ڏينهن کانپوءِ هو مٿي پهچي سگهيو.
اهڙي ريت هنجو اهو موت جهڙو جوکم
پورو ٿيو. هن فيلوز کي سماچار موڪليو ته
پاڻ نديءَ مان جيئرو نڪتو آهي ۽ نديءَ
جي رستي جو پورو پورو نقشو ٺاهي سگهندو.
هو پنهنجن ساٿين سان مليو ۽ ڪجهه آرام
ڪانپوءِ نديءَ جو نقشو ٺاهيائين. انڪمپاگري
ويليءَ جي ميدان جي پلپاس ڪري،
زمين جي سڌائي ۽ اوچائي جي ماپ
ورتائين. اهو فيصلو ڪيو ويو ته فلاڻي
هنڌان نديءَ کي موڙ جي غفا مان
وهائي سگهبو. ٽورينس جي همت جو ڪم
پورو ٿيو ۽ هاڻي انساني ڪرامت جو ڪم
چالو ٿيو. نديءَ جي ٻنهي پاسن کان نهر
کوٽڻ جي پڪ ٿي. موڙ جي غفا وٽ ماڻهو،
مزور ۽ مشينيون موڪلڻ ۾ آيون ۽ ٣٠٠
ميل لنبي جبل جي پاسي کان رستو ٺاهڻ
۾ آيو. جبل جي ٻنهي پاسي زبردست ڊرل
مشينيون لڳائڻ ۾ آيون. هر مهيني، ٢٥٠
فوٽن جي حساب سان، ٦ ميلن جي غفا
(ٽينل) کوٽيندي سڄا سارا ١٠ سال لڳا.
غفا کوٽڻ جيتري مشڪل هئي تنهنکان به
وڌيڪ قابليت جو ڪم هو، انڪمپاگري
ويليءَ ۾ گنيسن نديءَ جي وهڪري کي
پوري ليول تي چالو ڪرڻ ۾. نديءَ کي جبل
کان نمندو ڪري هڪ سؤ ميل پري وهندڙ
ڪولوراڊو نالي نديءَ سان ملائي ڇڏڻي
هئي ۽ انڪمپاگري ملڪ ۾ سڀ هنڌ پاڻي
پهچي سگهي تنهن لاءِ ننڍيون ننڍيون نهرون
کوٽيون هيون. ٻارنهن سالن کانپوءِ اهو
ڪم پورو ٿيو. عيسوي سنه ١٩٠٩ ۾
آمريڪا جي پريزيڊنٽ مسٽر ٽئفٽ هڪ
بٽڻ دٻايو ۽ اُن ننڍي بٽڻ جي دٻائڻ سان
هڪ لک ٽن وزن جو هڪ جبل موڙ جي غفا
تي ڪيرايو ويو. موڙ جي غفا بند ٿي ويئي
۽ پاڻي پوءِ پوءِ اُن لاءِ ٺهيل ٽنل ۾ اچڻ لڳو.
٦ ميل ڊگهي ٽنل پار ٿيندو جڳن کان اڃايل
ملڪ جي اڃ مٽائڻ لاءِ پاڻي انڪمپاگري
ويليءَ جي سڀني نهرن ۾ وهڻ لڳو، ۽ انهن
سڀني نهرن مان وڌو ڪڙ ڏيندو پاڻي
ڪولوراڊو نديءَ جي ملاقات ڪرڻ لاءِ
ڊوڙڻ لڳو ۽ اهڙي ريت سڄي ملڪ جي
اڃ مٽي ويئي. سڄي دنيا ۾ اريگيشن
Irrigation لاءِ هن جهڙو ڪم ڪٿي ڪونه
ٿيو آهي. اڄ ٢٥ سالن کانپوءِ آمريڪا ۾
انڪمپاگري ويليءَ جهڙو ٻهار ملڪ ٻيو
هڪ به ڪونهي. اڄ اهو آمريڪا جو باغ
ليکجڻ ۾ اچي ٿو.

هي مثال اسانکي سيکاري ٿو ته يورپ وارا
جو هيڏي اوج تي رسيا آهن تن ڪيترا نه
جوکم سر تي کڻي ملڪ کي سڌاريو آهي.
اسان ۽ اسانجي سرڪار ڇا ڪري رهي
آهي سو اسين ڏسون ويٺا. جيئن ٽورينس
جي ساهس پٺيان آمريڪا جي سرڪار
مددگار هئي تيئن جيڪر همت به ڪري پون. پر
افسوس همت ڪو به ڪنهن کي پڇڻ وارو
نه آهي ته ڇا ٿا ڪريو؟ نه ته جيڪر سنڌ ملڪ
جنهن ۾ ايڪ قسمن جون قيمتي شيون زمين
۾ دٻيل آهن ۽ وسيتين سان جهنگ پيل آهن
تنجي مدد سان جيڪر سنڌ ٿوري وقت ۾
آباد ٿي پوي.

بدرينات ياترا

ليک:- ولبداس چوئي لعل ٻروهت

بدرينات کان ۴ ميل ٻري وسوڌارا آهي جتي ٻهاڙن تان ناري وانگر وهندڙ پاڻي اچي ٿو ۽ ٻوڙو جل ليکيو ويٺو. وات تي پيم شلا آهي جا هڪ تمام وڏي پٿر جي چاٽ آهي جا عام طرح سان ڪيترا ئي ماڻهو گڏجي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪن ته به نه ڪري سگهي ۽ انهي هڪ ئي چاٽ سان گنگا جي لئي پل بدل آهي. اها چاٽ پمسين گنگا جي تي رکي سهني سائين کي پار لنگهايو هيو. پانڊون جي پاڊ ڪيري جون ڪي ڪي نشانيون اڃا بدرينات جي طرف ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

بدرينات ۾ ٣ راتيون رهي چموليءَ تائين اهو ساڳيو رستو موٽي اچبو آهي. لهڻ مهل ايتري تڪليف نه ٿي ٿئي ۽ نه ايترو وقت ٿي لڳي ٿو جا ڪاڻ ته لاهيون آهن. چموليءَ کي لالسانگا به چوندا آهن. اتي رڪيل سامان اچي سنڀاري ونبو آهي ۽ اتان ٻيو رستو جو نند پرياگ ڏانهن وڃي ٿو سو هلڻو پوي ٿو. ٧ ميلن جي پنڌ تي نند پرياگ آهي.

نند پرياگ

هي چڱو شهر آهي، هتي نندا گني ۽ الک نندا سري گنگا جي جون ٢ ٻولي ڪندڙ شاخون گڏجن ٿيون جتي سنان جو پنج آهي ۽ ليوت استان آهي. ڌرمشالا آهي ۽ هڪ وڏو مندر آهي. شهر سٺو آهي. ٽپال ۽ تار آفيس آهي ۽ سڀ ڪجھ ملي سگهي ٿو.

سري بدري نات جي رستي تي اهو سک آهي ته جتهن دڪان تان سيڌو وٺجي ان وت بنا مسواڙ رهڻ جي سهوليت آهي جنهنڪري پينڊن جي تڪليف کان ماڻهو ڇٽل رهي ٿو. اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ کي اها ڳالهه ڏاڍي ٿي رهي ۽ پينڊن جي وس اچي پنهنجي وڏن جا ڏاڍن کان لکايل تالا ڏي خوش ٿي انهن وٽ رهن ٿا ۽ ٻوءِ پينڊن جي تڪليف ۾ اچي وڃن ٿا تنهن ڪري چڱو ائين آهي ته دڪانن ۽ ڌرمسالائن ۾ رهجي ۽ سيڌو وغيره دڪانن تان وٺي پنهنجو ڪم ٽپائجي ۽ پنهنجي شڪتي آهر بيشڪ انهن پينڊن ۽ ٻين برهمڻن کي دان ڏجي جو گيتا موجب ساتوڪي دان آهي.

نند پرياگ کان ٨ ميلن جي پنڌ تي

ڪرن پرياگ

آهي. هي به سٺو شهر آهي. هتي به سري گنگا جي جون ٢ ٻولي ڪندڙ شاخون ڪرن گنگا ۽ الک نندا گڏجن ٿيون جتي سنان جو

مهانگر آهي. هتي ٻه ٻائي ڪالي ڪمليءَ واري جي وڏي ڌرمشالا آهي هتي ٻيو سڀ ڪجهه ملي سگهي ٿو. ٽپال، تار ۽ اسپتال آهي. سري بدري ناٿ جي ياترا هتي پوري ٿئي ٿي ۽ اترا کنڊ جي حد به ايستائين آهي. هتان ٢ رستا هلن ٿا هڪ رد رپرياڳ ڏانهن ۽ ٻيو ڪاٺ گدام ۽ رام نگر ڏانهن. گهڻا ماڻهو ڪاٺ گدام ۽ رامنگر جو رستو وٺن ٿا مگر سنڌين کي انهيءَ رستي سان وڃڻ ۾ اجائي تڪليف آهي جو اهو وڏو پنڌ آهي ۽ هردوار ۾ موٽي اچڻ جو ضرور پوي ٿو، ۽ واٽ تي سواري جي به تڪليف آهي تنهنڪري سنڌي ياترين کي اهو وڇون رستو اچڻ کپي جو ڪرڻ پرياڳ کان سڌو رد رپرياڳ اچي ٿو ۽ ويهه ميل آهي. واٽ تي ڪا به تڪليف نه آهي رڳو ماڻهن جي آمدرفت گهٽ آهي ۽ هڪ اڌ چٽيءَ تي پاڻي گهٽ آهي تنهنڪري سڀني چٽيءَ تي لهڻ گهرجي. هڪ ڏيڍ ڏينهن جو پنڌ آهي گهڻي تڪليف کان چٽي پهچي ٿو ۽ پوءِ انهيءَ رستي ۾ اچي پهچي ٿو جنهن تان پهريائين مسافري ڪيل هجي ٿي جنهن جو وڌيڪ وستار اڳين ليک ۾ ڪيل آهي. سري نگر يا ديوپرياڳ کان موٽر ۾ رشي ڪيش ۽ رشي ڪيش کان هردوار اچي پنهنجي مسافري پوري ڪجي ٿي. اترا کنڊ ۾ ماڻهن ۾ ايتري قدر سچائي آهي جو کير گيهه ۽ سيڌي وغيره جي وڪڻڻ ۾ ڪابه دغا نه ٿي ٿئي. سڀئي ياترا ۾ گيهه سچو ملي ٿو. مگر ڪٿي ڪٿي سخت سردي هئڻ سبب ٿورو تيل ملايو ڇڏين ته سخت نه ڄمي وڃي. بدريناٿ

طرف مسلمان به واپار سانگي اچن ٿا. لنڊ پرياڳ، سري نگر ۽ ڪٿي ڪٿي ٻين هنڌن تي به ڪي ٿورا ٿورا گهر مسلمانن جا آهن مگر اترا کنڊ ۾ مانس مڌرا جو وهنوار اصل ڪو نه آهي. ديوپرياڳ ۽ سري نگر ۾ ڀنگ ۽ آفيم جا دوڪان آهن. پهاڙي پاڻي طاقت وارو ٿئي ٿو تنهنڪري انسان کي گيهه ۽ کير کائڻ جي ضرورت ٿئي ٿي. کير هر وقت ميسر ملي ٿو. سڀ شيءِ سير ۾ ٨٤ تولا ملي ٿي.

سهوليت لاءِ ڪرينسي نوٽ وڏن وڏن ڳوٺن مان مٽائي کڻڻ کپن ڇو ته ننڍين چٽين تي مٽائڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. اهڙي طرح سان ريزو به هر وقت پاڻ سان موجود هئڻ گهرجي. بدريناٿ رستي ۾ ڀاڄيون رڳو وڏن وڏن شهرن ۾ ملن ٿيون باقي هميشه دال ۽ پٽا ٿا ملندا آهن. ڪي ماڻهو پاڻ سان ساڳ سڪائي کڻندا آهن جي ڀاڄين جي نه ملڻ ڪري ڪم آڻيا آهن. اهي سڪل ساڳ ۽ صابڻ وغيره واٽ تي رستي ۾ پورا ٿي ويندا آهن جي مزور کي ڪجهه بخشيش ڏيئي کٽائي وڃڻ گهرجن ۽ واٽ تي ڪاٻي آهر گهٽ ٿيندا ويندا. هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته پينڊا هردوار کان پنهنجا ماڻهو ساڻ ڏيندا آهن جنجي پگهار انهن پينڊن کي ڀرڻي پوندي آهي. جيڪڏهن ياتري پاڻ سمجهو آهي ۽ پرجستو آهي ته انهن سونهن جي ضرورت نه آهي جي رڳو ساڻ هلن ٿا ۽ برف واري هنڌ ڄنڌڙن ياترين کي همت کان وٺي هلن ٿا. ياتري گهڻي مقدار ۾ اچن ٿا تنهنڪري جيڪڏهن

اهي سونهان نه کٽجن نه اهڙين ڏکين برف وارن هنڌن تي ڪچ ٻين ڏولين ۾ کڻبن وارن مزورن کي بخشش ڏيڻي ڪم وٺي سگهجي ٿو. برف جا هنڌ به آهن هڪ رامبارا چٽي کان ڪيدارناٿ تائين ڪٽي ڪٽي ۽ ٻيو هنومان چٽيءَ کان بدريناٿ تائين ڪٽي ڪٽي. انهن سونهن کي ۱۵-۲۰ رپيا پگهار اهي پيندا ڏين ٿا جي پگهار انهن پيندن کي ياترين مان ڪيڏي آهي. جيڪڏهن انهن سونهن جي پگهار جو بار پيندن تي نه وجهبو ۽ هردوار ۾ سونهن کي ساڻ وٺي وڃڻ کان انڪار ڪبو ته ٿوري گهٽي ڏيڻ سان اهي پيندا راضي ٿي ويندا. اهي سونهان وري پنهنجو بخشش جدا گهرندا آهن. رستو عام وهندڙ آهي. ياتريءَ کي پاڻ خبردار ٿيڻ گهرجي. پنڌ ڪندي ياتري هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ چٽي تي وڃي گڏبا آهن. پنڌ ڪندي هميشه ٻهاڙ جو پاسو وٺي هلڻ گهرجي جو ٻي پاسي رستو ڪليل رهي ٿو جنهنڪري ڌڪي اچڻ ۽ ڪري پوڻ جو امڪان رهي ٿو ۽ گنگا جي به تمام هيٺ رهي ٿي. رستي تان جيڪڏهن انهي پاسي ڪچ ڪري پوي ته سڌو گنگا جي ۾ وڃي پوي. جيڪڏهن پاڻ سان پيسا وڌيڪ هجن ته رشي ڪيش ۾ ڪالي ڪملي جي آفيس ۾ رکي سگهجن ٿا يا ديو پرياگ ۾ پوسٽ آفيس ۾ رکي ڇڏجن يا پوسٽ آفيس جا نوٽ وٺڻ گهرجن.

سنسار جي ڪمن کان فارغ ٿي موهه ۽ لوڀ کي ڇڏي جنهن وقت هن ياترا تي نڪرجي ٿو ته سڄو ڏينهن ڀڳوان جو ڌيان رهي ٿو. رستي سري بدريناٿ ۽ سري ڪيدارناٿ ۽ گروڙ ڀڳوان جي جنم ڪار مناڻ ۾ اچي ٿي. چٽين تي گڏ ٿي رات جو ڪيرتن ڪرڻ ۾ اچن ٿا. وات تي مندرن جا درسن ڪندي سڄو وقت ڀڳوت سمرڻ ۾ لڳل رهجي ٿو. گنگا جي جون تکيون لکيون لهرون ۽ ٻهاڙن تان ڪير جهڙي اچي پاڻي جون وهندڙ ڌارائون ۽ ٻهاڙن جي ساوڪ سنسار جي موهه کان پاسي ڪري من ۾ ايشور اتساهه پيدا ڪري ٿي. هندوستان جي سڀني ملڪن جي ياترين سان ملاقات ٿيندي انهن جا سنا سنا گڻ پرائجن ٿا ۽ سادن سنتن جي سنگ ۾ من کي ايشوري آنند حاصل ٿئي ٿو. ياترا جو سڄو وقت برهمچريه ۾ رهڻو پوي ٿو. ذرڙي تي سمهڻ، وار نه لهرائڻ ۽ ڪنهن به نموني شرير کي سونهن جي خيال کان نه سينگارڻ. اهڙن نيمن ۽ تڪليفن سهڻ ڪري منورتي ساتوڪي ٿي وڃي ٿي. ياترا جنهن وقت پوري ڪري هردوار ۾ اچجي ٿو انوقت آب هوا جي اوچتي ڦيري پوڻ ڪري ڪچ هاضمي ۾ تڪليف ٿئي ٿي ۽ دست ٿي پون ٿا تنهنڪري هردوار ۾ ۸-۱۰ ڏينهن رهي انهن دستن جي دوا وغيره ڪري پوءِ سنڌ ڏانهن اچڻ گهرجي نه ته تندرستي جي وڌيڪ بگڙجڻ جو خطرو رهي ٿو جنهنڪري ڪيترا موت به ٿيو وڃن. ذڪر ڪيل نيمن موجب هلڻ ڪري تندرستي بگڙجڻ جو گهٽ امڪان آهي. گهڻا ماڻهو ڪرن پرياگ کان ميل ڇوري ويندا آهن جو اٽڪل ۲۵ ميل ڪن پوي آهي. ميل ڇوريءَ ۾ ڪولي بدليا

آهن ۽ ٻهراڻ کولي انهيءَ هنڌ کان اڳتي نه هلي سگهندا. ميل چوريءَ کان ڪجهه اڳيرو چڪنيا چٽيءَ لي ٢ رستا ڦٽن ٿا هڪ ڪاٽ گدام کان بيورامنگو کان مگو سيني کان سنئو رستو ڪون ٻرياگه کان ردر ٻرياگه رستي واپس اچڻ وارو آهي. ڪون ٻرياگه کان ٨ ميلن جي پنڌ تي آد بدري جو استان آهي جنهن کان ٢٠ ميل پري ميل چوري آهي ميل چوري کان جيڪي ٻيا ڪولي هلندا اهي اٽڪل ٣٠ ميلن جي پنڌ تي هلي چڙهندا جتان سواري سامان کڻڻ جو ٻيو بندوبست ڪرڻو پوندو. هتان کان پوءِ اٽڪل ٧١ ميلن جي پنڌ تي رامنگر آهي جا ريلوي اسٽيشن آهي. اسٽيشن تي هڪ وڏي ڌرمشالا آهي ۽ ٻيون دڪان ٻه آهن. رامنگر اسٽيشن کان ريل جي رستي هردوار اچي سگهجي ٿو. ٻيو رستو چڪنيا کان راڻي کيت جي رستي راڻي باغ کان ڪاٺ گدام وڃي ٿو جو ٧٦ ميل آهي. بدريناٿ جي ياترا ۾ هيٺين سامان جي سخت ضرورت رهي ٿي.

١- بانس جي لٺ لوهه جي ڇنب سان
٢- چٽي ٽئين ڇٽي
٣- آئل ڪلاٿ جنهن ۾ هنڌ ويڙهي ڇڏجي ته برسات ۾ آلو نه ٿئي.
٤- يعقولي گرم دوائون ۽ ڪٽنن وغيره
٥- هاضمي سڌارينڙ دوائون
٦- وڇون- سنپيري ۽ ٻين زهري جيتن جي چڪن لي لائڻ لاءِ دوائون
٧- لوٽو ڀاڻي چاڻي پيئڻ لاءِ ۽ وڏيڪ ڪم وٺڻ لاءِ ٻيا ٻاسڻ ٻنا مسواڙ دڪاندارن کان ملندا آهن جي ڪم لاهڻ بعد ملي ڏوڻي صفا ڪري انهن کي واپس ڏبا آهن.
٨- هڪ هٿ ٻتي جنهن ۾ وڏين چٽين ۽ وڏن ڳوڻن مان گاسليٽ پرانيندو وڃجي.
٩- ناريج لنيو وڏن شهرن مان ٻتڙيون ملي سگهن ٿيون مگر ڪجهه مهانگيون.
١٠- بوٽ ڀٽو ڪپڙي جو ربڙ جي تري سان ٺهيل. وڏين چٽين ۾ بوٽ ملي سگهنتا ۽ مرمت لي سگهن ٿا جوراب ۽ پتلون.
١١- گرم گنجي ۽ ٽوپي رڳو سرد ڀاڱن ۾ ڪم ايندا.
١٢- گرم لوئي ۽ ڪجهه وڇائي سمهڻ لاءِ بسترو.
١٣- خشڪي کان ٻيرن تي نڪرنڙ داڻن ڦٽن ۽ اڦن تي لائڻ لاءِ ملم.
١٤- ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ صابڻ.

(راجپوتي اتهاس جو هڪ ورق)



چنڊرباڙي جي ترار

ليکڪ:- لکميچند- ٽي- روپچنداڻي

سرينگر ۾ هن مهل عالمگيري جهنڊو پيو ڦڙڪي. اورنگزيب جي طرفان راجا رگهبير سنگهه ڪم ڪار پيو هلائي. اورنگزيب رگهبير سنگهه جي بهادريءَ ۽ ايمانداري مان خوش ٿي هن کي "ڪشمير جو صوبي" جو خطاب ڏنو هو. رگهبير سنگهه ڏاڍيءَ هوشياريءَ سان ڪشمير جو چرخو پئي هلايو. آسپاس جا ننڍا ننڍا راجائون سڀ هن جي اڳيان ڪو ڪڇي نه سگهندا هئا. ساڳي وقت سرحد جا بدمعاش به هن جي اڳيان ڇينو ساهڻ جي همت ڪري ڪين سگهندا هئا. ڪشمير جي سونهن چوڏس چوڌار مشهور آهي. چا پرش چا استري سونهن ۾ ڪوبه سڄي سنسار ۾ هندستان تي ميچ ڪين سگهندو. سنسار ڀر انهي کهڙي ته پاوتا سان ڏسي ته جنهن ماڻهوءَ جي من ۾ پاو پريل آهي تنهن کي ته ڪشمير جي وڻن جي پن پن ۾ سونهن ڏسڻ ۾ ايندي آهي. سڀ سپاڻي ڪرڻ وارا سڀلاني انهي سڀلاني نظر سان ڏسندا آهن. مالهي گلن جي بهار ۾ مست ٿيندو آهي ته ڪوي (شاعر) استرين ۽ پرشن جي نيڻن جي سونهن جي ورڻن ڪرڻ ۾ پنهنجو سڄو بل خرچ ڪندا آهن.

چوڻ جو مطلب آهي ته ڪشمير جي سونهن ورڻن ڪرڻ کان ٻاهر آهي. جنهن وستوءَ جي سونهن جو ورڻن ڪري نٿو سگهجي سا جڏهن ڪنهن ماڻهو کي پراپت ٿئي ٿي تڏهن هو ڏاڍو سکي ٿيو ٿئي. سو رگهبير سنگهه جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. رگهبير سنگهه هن وقت ڦوهه جواني ۾ هو. هڪ ڪاشميري استري رگهبير جي ويرتا تي مستاني هئي. ان استري جو نالو هو سر سندري، پر ماڻهو هن کي سندري ڪري ڪوٺيندا هئا. سندري هڪ وڏي زميندار جي ڌيءَ هئي هن جي پالنا پوشنا ڪشمير جي سندر جل وايوءَ (آب هوا) ۾ ٿي هئي سندس سڄو سڊول ۽ ڦڙتيلو هو جنهنڪري رگهبير سنگهه کي به اها استري وڻي ويئي. چوڪريءَ جي ماءُ پيءُ کي به اها ڳالهه آڙي آئي. شڀ مهورت ۾ ٻنهي جو وهانءُ ٿيو ۽ سندري رگهبير سنگهه جو محلات وڃي وسايو. سندريءَ جي سونهن پورنماسيءَ جي چنڊ سمان چمڪندڙ ڏسي رگهبير سنگهه ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ سندري به رگهبير سنگهه جهڙو سندر ۽ سورمو پراپت ڪري ڪپڙن ۾ نٿي سمائي. ٻئي گهوٽ ڪنوار آنند ۾ گذارڻ لڳا.

هندن جو سڀني کان وڏو راجا پرٿوي راج چوهان جنهن سنجوڪتا راڻيءَ جي رنگ روپ تي لٽو ٿي محلن ۾ ٿي پيو هو اهڙو ۽ ورهين جا ورهيه پيو ٻاهر ڪڍڻ جو نالو به نه ڳڌائين رگهبير سنگهه به سندريءَ جي پوڄا جي جار ۾ اهڙو ڦاسي ويو جو ٻاهر اڪرڻ جو نالو به نه واريائين. راج ڪاج جو چرخو ڪئن ٿو هلي تنهنجي نه هنکي ڪا پرت به ڪا نه هئي. جيتوڻيڪ رگهبير سنگهه جي ڏاڪي ڪري هن جا وزير سڀو ڪم پيا ڪندا هئا ته به رگهبير سنگهه جو ڌرم هو ته راج ڪاج جي پاڻ نظر ڪري.

سڀا سارا به ورهيه رنواس ۾ پيو هجڻ ڪري راج جو سڀو ڪم ڊانوا ڊول ٿي ويو. خزاني وڃي لڙو ورتو. لشڪر کي پگهار ٿي ڪونه مليو. جن جن غريب غربن کي جا سهائتا ملندي هئي تنهنجي اها بند ٿي ويئي. خزانچي ويچارو ويلا ڇا ڪري! جڏهن خزاني ۾ ڪوڏي به نه ٿي، پوءِ هو ڪنهنکي ڏي، ۽ ڇا ڏي؟ دهليءَ ۾ به اها چرچا هلڻ لڳي ته ڪشمير رياست ڏانهن ٻن ورهين جو خراج (ڍل) وهيل آهي. شاهي خزانچيءَ اها حالت اورنگزيب جي اڳيان پيش ڪئي. اورنگزيب يڪدم ولي خان کي سنڌ ڏيئي روانو ڪيو ۽ هن کي حڪم ڏنائين ته ٻن سالن جي ڍل هڪدم وڃي وصول ڪري. ولي خان پنهنجي فوج وٺي جهٽ اچي ڪشمير ۾ ڪڙڪيو ۽ رگهبير سنگهه کان ٻن ورهين جو خراج گهريائين. ويچاري رگهبير سنگهه جا نشا ٽٽي ويا. خراج ڏي ته ڪٿان آڻي ڏي؟ خزانو خالي هو. پوءِ جا چٽ ٿي ويئي هئي. هنجي هڙ ۾ به ڏوڪڙ ڪونه هو. رگهبير سنگهه جون وايون ولڙيون ٿي ويئون. ڪري سو ڪري ڇا؟ ولي خان کان ڪئن عزت بچائي؟ ڇا ڪجي؟ ڪا واهه ڪانه پئي ڏسي. ولي خان به ڏاڍو ڪوڙي سڀاءَ وارو ماڻهو هو. هن هنکي چتائي ڇڏيو ته جيڪڏهن پنجن ڏينهن اندر خراج نه مليو ته راجا کي قيد ڪري دهليءَ وٺي ويندس ۽ ڪشمير ۾ شاهي جهنڊو چاڙهي ان تي شاهي قبضو ڪيو ويندو.

ولي خان جو ليا پو سڄي رياست ۾ رڄي ويو. هاڻ سڄي پرجا شوڪ ساگر ۾ لڙهڻ لڳي. راجا وٽ ڌن دولت ته ختم ڪا هئي. سو چيندي ويچاريندي ٽي ڏينهن نبري ويا. باقي چوٿون ڏينهن هو. راجا راڻي کي گهٻرائجي چيو "پياري! هاڻي ڇا ٿيندو؟ سڀاڻي ولي خان قلعي تي ڪاهه ڪندو. شاهي لشڪر جي سامهون ٽڪڻ به شينهن جي غار ۾ هٿ وجهڻو آهي. هاڻي ڇا ڪجي؟"

راڻيءَ راجا کي سمجهائي چيو "توهين دل نه هاريو. منهنجي پتا جا ڏاج ۾ ڏنل گهڻا ڳهه رکيا آهن. مان سمجهان ٿي ته انهن سڀني زيورن مان ڍل جو پورائو ٿي ويندو".

رگهبير سنگهه- پر لوڪي به دهليءَ ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ٿيو آهي.

راڻي- ته توهين دهليءَ وڃي انهيءَ ڳالهه جو فيصلو ڪري اچو. ولي خان کان اڳيئي توهين اها ڳالهه وڃي بادشاهه کي سمجهايو نه ته ايتيون سڀنيون ڳالهيون پڌي اورنگزيب ٿپي ويندو. توهانکي هنجي سڀاءَ جي سڌ آهي.

رگهبير سنگهه - راڻي! تو واهه جا وات ٻڌائي آهي. مان سڀاڻي وڏي اسر گهوڙي تي چڙهي ويندس ۽ توکي ڇڏڻ تي دل نٿي لڳي. ڇا ڪريان؟ لاچار آهيان.

راڻي - مهاراج! وڃڻو ضروري آهي ته ته مان وري ڪا توهان کي هڪ پل به ڇڏڻ واري آهيان؟ توهين ته منهنجي پراڻن جا آڌار آهيو.

رگهبير سنگهه اهڙيءَ ريت پنهنجي راڻيءَ کان موڪلائي اچي محلات کان ٻاهر نڪرڻ تي هو ته اوچتو پنجن ڏهن سپاهين ونئي مٿس حملو ڪيو. ٻاهر تي هيٺان اوچتي آيل ڪڙڪندي ڏسي راجا ۽ راڻي ٻئي گهٻرائجي ويا. ٻه چٽري وڏا جي ويلي وڪال ڪين ليندا آهن. راجا راڻي جهٽ ٻاهر سنڀالي ويرين تي وار ڪيو. ٻن جي ته راجا خوب خبر ورتي. ٽئين کي وار ڪرڻ تي هو ته هڪڙي سپاهي وچ ۾ اچي هنجي وار کي روڪي ورتو. چوٿون سپاهي راجا مٿان وار ڪرڻ تي هو ته راڻي هڪدم وچ ۾ ٽپي تلوار هنجي پيٽ ۾ ٽنبي ڇڏي. ويچارو سپاهي چڙهون هٽي ڪري پٽ پيو. راڻي جي اهڙي ويرتا ڏسي ٻين ٻن سپاهين راڻي تي ڌاڙو ڪيو. راڻيءَ جهٽ ڦرتي ڪائي ٻاڪي بچائي ورتو ۽ هڪ سپاهيءَ تي وار به ڪيائين. اوهو ته ٻي ويو جم ٻئيءَ ڏانهن راهي ۽ پيو پيچ پاتي اٿي پيو. پڇنڊڙ سپاهيءَ کي مارڻ برابر نه سمجهي راڻيءَ هنکي للڪاري چيو "اڙي گيدي! پٺين ڪيڏانهن ٿو" ٻئي پاسي هن جو رستو رگهبير سنگهه روڪيو. ٻن پاسن ۾ ڦاسي ويچارو سپاهي پڪڙجي پيو. اهڙي ۾ ٻيا سپاهي به اچي سهڙيا جن اچي هن جي جان بچائي. پوءِ خبر پيئي ته جنهن ماڻهوءَ جي جان بچائي ويئي هئي سو پاڻ ويرخان هو. باقي ٻچيل سپاهين کي راجا ۽ راڻي تلوار جي گهاءَ سان وراندي کان هيٺ اڇلائي ڇڏيو.

ويرخان ته جڏهن لڏن ڪري اوڙيءَ جي سهاري مٿان لهي هيٺ آيو. هن پڇندي پڇندي رڙ ڪري چيو "رگهبير سنگهه! تنهن جي راڻيءَ جي سوڀيا مونکي اڄ راس مهل هيٺ چڪي آئي. جيڪا چيز تنهنجي ڀاڳ ۾ آئي آهي سا مان به هٿ ڪرڻ ٿو گهران. تنهنڪري مان سڀاڻي قلعي تي گهيرو ڪري اها ضرور هٿ آڻيندس. تون هوشيار رهج. راڻي هاڻي منهنجي هٿ مان نڪري ڪين سگهندي." اهين چوندو ته پئي ويو ۽ ويرخان پڇندو ته پئي ويو. هنکي اچي پنهنجي سر جي چنتا لڳي. مٿان راڻي هٿان نڪري نه وڃي تنهنڪري راتورات قلعي کي گهيرو ڪرڻ ٿي چاهيائين. ويرخان پڇندو ۽ ڊوڙندو جڏهن لڏن ڪري وڃي پنهنجي تنبوءَ پهتو. تتڪال نغاري تي چوٽ هڻي پنهنجي سينا کي سجاڳ ڪري حڪم ڏنائين ته راتورات رگهبير سنگهه جي ڳڙهه کي گهيرو ڪري وڃو. فوجدارن ۽ سپهه سالارن يڪدم حڪم جي تعميل ڪئي. شاهي لشڪر سڄ اڀرڻ کان اڳيئي قلع جي چوڌاري سونجهڻ لڳا. شاهي ترارين، ڀالن ۽ ٻرڇين جون چمڪندڙ چنهنبون سورج جي روشنيءَ ۾ چلڪڻ لڳيون. هوڏانهن ڪوٽ جي اندر به سندري راڻي پنهنجي

ستنا تيار ڪري پاڻ انهي ڪمان هٿ ۾ ڪنائين. راجپوتن کي ڪيسري وسترن پهرڻ جو حڪم ڏنائين. اهي ڪپڙا پهرڻا ضروري هئا. پلا شاهي فوج کي ڪير منهن ڏئي سگهندو؟ راڻي به هئي بهادر سا ڪئن پٺ ٿي پير ڏي؟ هن پوري تياري ڪري موتيءَ جي گود ۾ ليٽڻ قبول ڪيو. جڏهين ڪوٽ جي اندر پوري تياري ڪري چڪي لڌهين هن هڪڙو دوست ويرخان ڏانهن پٺيو. انهيءَ قاصد وڃي ويرخان کي چيو ته "ويرخان شاهي فوج وٺي پويان پير ڪري وڃ نه ته راجپوتي لشڪر اچي مٿان ڪڙڪندو."

ويرخان. قلعه دار ڪير آهي؟

دوست. راڻي سندري.

ويرخان. ۽ راجا؟

دوست. راجا شاهي پيل پرڻ لاءِ دهليءَ ويو آهي.

ويرخان. پر پل ته موتوت پهارڻ ڪجي. هيءَ بيقاعدي هلت ڇا لاءِ؟

دوست. توهين دهليءَ مان ڏن ونڻ آيا هئا. جيڪي مليو ٿي سو وٺي وڃو ها پر توهان پاڻ بيقاعدي ڪم ڪيو.

ويرخان. ڏس، هندن وانگر اسين بيوقوف ڪين آهيون. اسين دوکيبازي، دغابازي ۽ چالاڪيءَ سان ڪم ڪندا آهيون. هي راڄ ڪاڄ ڪا مسخري نه آهي. اسان کي نه حڪومت جو حڪم بجا آڻڻو آهي.

پنهي ۾ اهڙيءَ ريت بات چيت پئي هلي ته اوچتو ڪوٽ مان دوست کي موٽي اچڻ جو حڪم پهتو. دوست ويرخان کي چيو ته توت جواب ڏيو ته توهين لشڪر وٺي موٽي ڳا وڃو ڪين توهان جي لڪا ڪي ڪجي؟ مان ڪوٽ ۾ موٽي ويندس ته توهان جو واجب ٿي ويندو.

دوست جي ڳالهه ٻڌي ويرخان ڪجهه همسجي ويو. هنکي راڻوڪي ڳالهه دل ۾ لڳي آئي ته عورت جي هٿان مار کائي مان قلعي مان پاڇي اکتو آهيان. خدا نه پلائي ته راڻيءَ پوري تياري ڪئي ٿي ڏسجي. توهان جي گولن پهچڻ جي حد اندر شاهي فوج به پهتي آهي جيڪڏهن راجپوتن توبون چوڙيون ته ٽنگون سنيءَ ۾ اچي وينديون. اهو ويچار ڪري هن دوست جي موٽي وڃڻ کان اڳيئي هن سفيد جهنڊو کڙو ڪري ڇڏيو. ڏسندي ڏسندي فوج واپس وڃڻ لڳي. دوست ڪوٽ ۾ موٽي آيو هو ڏانهن رگهبير سنگهه به وڃي دهليءَ لڪاءُ ڪيو ۽ شاهي دربار ۾ حاضر ٿيو. خراج ڀري ڪان معافي گهريائين ۽ ويرخان جي سڄي بدمعاشي جو حال ڪري ٻڌايائين.

رگهبير سنگهه جي واتان ويرخان جو حال ٻڌي اورنگزيب هنکي دربار ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڪيو ۽ رگهبير سنگهه کي ڪابل وڃڻ جو حڪم مليو. رگهبير سنگهه ڪجهه فوج وٺي ڪابل ڏي اسهيو. راڻيءَ کي ڇني لکي پٺيائين ته اورنگزيب جي حڪم سان آءٌ ڪابل چڙهي لو وڃان. اتي شاهي دبدبو ۽ سڪو ڄمائي مان هڪدم سويرو اچي حاضر ٿيندس توسان راڄ جو سڀ ڪم راڻي سنڀاليندي رهي. سردارن کي هدايت ڪيائين ته راڻيءَ جي ڪم ۾ ذرو به دست اندازي نه ڪن.

ٿورن ڏينهن ۾ راجا رگهبير سنگهه ڪابل پهتو. ۽ انهيءَ بدمعاش سردارن کي قيد ڪري دهليءَ روانو ڪيائين. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪابل ۾ پوري شانتي ٿي ويئي.

[٢]

مهينا گذري ويا. رگهبير سنگهه جو ڪو سماچار ڪونه آيو. سندريءَ هڪڙو سوار دهليءَ روانو ڪيو. هنکي سمجهائي ڇڏيائين ته راجا جي پڪي خبر لهي اچ. سوار اتي اچي جاچ ڪئي پر هنکي ٻيو ڪو پتو ڪونه پيو سواءِ هنجي ته راجا رگهبير سنگهه ٻن مهنن کان ڪابل ٽڪيو پيو آهي. جڏهن سوار موٽي آيو تڏهن هن جي واتان سڄي ڳالهه ٻڌي راڻي ڏاڍي گهٻرائجي ويئي. ڌيرج هٿان ڇڏائي ويس.

پرجا ۾ صلح سانت هئي. لوڪن مزي سان وقت پئي گذاريو. وڻج واپار بادستور پئي هليو. پرجا جي پرسنتا جي ڪا حد نه هئي، پر راڻي جي دل اداس هئي. جهڙو حال مڻ بنا نانگ جو ٿيندو آهي تهڙوئي حال هو راڻيءَ جو. "پتي بن سڀو سنسار." ٽڙيل گل جهڙي مشڪ هنجي چهري تان اڏامي ويئي هئي. راڻي جيتوڻيڪ پرجا جي اڳيان بناوتي کل مک سان ڳالهه ٻولهه ڪندي هئي ته به هن جو من پنهنجي پريتم جي وڇوڙي جي دک ۾ پيو جلندو هو. هوءَ سدائين اهو پئي ويچار ڪندي هئي ته منهنجي سرير روپي باغ جو مالهي ڪڏهن موٽي ايندو ۽ منهنجو من جو منورٿ ڪڏهن پورو ٿيندو. راڻي ڏهاڙي ڪوٽ جي ڪنگرن وٽ وڃي راجا جي واٽ واجها ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن آڪاش ۾ ڪارا ڪارا ڪڪر ڏسي سمجهندي هئي ته اجهو ٿو اهو اچي منهنجو پراڻناٿ.

سڄو سارو سال لنگهي ويو. راجا نه ڪا پاڻ چٺي پتري پٺي نه ڪا خبر چار موڪليائين. راڻي پريشان هئي. هن دربار ڪوٺائي خاص خاص سردارن کان راءِ پڇي. سڀني جي راءِ اها اچي بيٺي تـه راجڪمار راجيندر سنگهه کي پهريائين دهليءَ موڪلجي ۽ پوءِ ڪابل، جتي راجا جو پورو پورو پتو پئجي وڃي. راجيندر سنگهه پئي ڏينهن اُسهڻ ٽي هو ته اوچتو دهليءَ کان هڪ سوار اچي سهڙيو. راڻي سوار کي ڀاڳوت گهرائي هنکان سک سماچار پڇيو. سوار ٿيلهي هنجي اڳيان رکي. راجيندر سنگهه ٿيلهي مان خط ڪڍي پڙهڻ لڳو. اڃا ٿوروئي پڙهيائين ته لفافو هٿ مان ڪري پيس. چهرو پيلو ٿي ويس. هٿ ڏڪڻ لڳس. راجيندر سنگهه "غضب ٿي ويو" چئي پٽ تي ويهي رهيو. راڻي به هيسجي ويئي. هن رڙ ڪري پڇيو "پٽ راجيندر ٻڌاءِ ته ڇا ٿيو آهي. پوري پوري ڳالهه ٻڌاءِ!"

راجيندر. "ماتا!" ماتا!! رڻ ٿي ويو. سرينگر جو راڄ ٻڏي ويو. مهاراج پرلوڪ پڌاري ويو.

راڻي- راجيندر سنگهه هاڻي هـي راڄ ڪاڄ تون سنڀال. مان سڀاڻي سوير پتيءَ جي سيوا ڪرڻ لاءِ هن وٽ وينديس. چکيا تيار ٿي وڃي. سواميءَ جيءَ جي هڪ ترار ۽ هڪ وڳو ڪپڙن جو توشا خاني مان آڻي ڏي. مان سڀاڻي ستي ٿينديس." دربار

جي سهڻي سردارن پٽن ۽ ڪٽيون ڪيون نه واڻي ستي نه ٿي پر هنجي پڪي ارادي جي اڳيان ڪير هنکي سمجهائي سگهي. پوءِ ڏينهن ڪوٽ جي ميدان ۾ چکيا سينگاري ويٺي. واڻي داسين سان گڏجي ڪيسريا پوشاڪ پهري گلن جو هار هٿ ۾ کڻي چکيا وٽ آئي. هن رگهبير سنگهه جي چتر ڏانهن نهاري چيو "پراڻ ناٿ توهان وٽ اچڻ لاءِ تيار آهيان. بس مونکي پنهنجي شرڻ ۾ وٺو." انهن چئي هن چکيا کي نمسڪار ڪيو. هنجي انگ انگ ۾ پتي پريم ٻٽي جوليون چڙهيون. هن جو چهرو پرڪاش وان ٿي چمڪڻ لڳو.

پنهنجن سکين ۽ سهيلين کان موڪلائي هوءِ اچا چکيا تي پنهنجا چرڻ رکڻ تي هئي نه ايتري ۾ گيڙو وستر پهريل هڪ سادو اڳيان اچي هنکي چيو "چا! سندري توئي پڪ آهي نه تنهنجو پتي توکي سورڳ ۾ ملندو؟"

سندري - هان! انهيءَ ۾ به ڪو سنديهه آهي. هو اوس مونکي وئڪنٺ ۾ گڏبو.

سادو- پر ڌرم گرنٿن ۾ لکيل آهي نه مرڻ کانپوءِ منش جو وري جنم ٿيندو آهي. تنهنجي پتيءَ ڪٿي وڃي پيو جنم نه ورتو هجي، جنهنڪري هو توکي گڏجي نه سگهي.

سندري - تون سادو آهين نه به خبر نه اٿئي نه ڇتري مري وئڪنٺ ۾ وڃي واسو ڪندو آهي؟ جيڪڏهن ڪٿي جنم لڌو به هوندائين نه به سچي پريم جي ڇڪ هڪڙي کي ٻئي کان جدا ڪري نٿي سگهي.

سادو- منهنجو پتي جنم ۾ ويساهه ڪونهي. واڻي! جڏهن جهنگ کي باهه لڳندي آهي تڏهن وڻ سڙي ويندا آهن. ان مهل هوشيار پکي اڏامي پنهنجو ساهه بچائي ويندا آهن. مورک پکي جهنگ سان ڪوڙي پريم جي دوکي ۾ پنهنجو سر وڃائي ويهندا آهن. سندري! تنهنجي لاءِ راڄ پاٽ سڀ موجود آهي. ڳهلن پکين وانگر پنهنجو سر نه وڃاءِ!

سندري- سادو! درست آهي. پر مون انهيءَ جهنگل جا ڦل ڦول کائي ساهه بچايو آهي. هاڻي ڇا انکي وپدا جي وقت ۾ ڇڏي ڏيان؟

انهن چئي اچا واڻي چکيا تي پير رکڻ تي هئي نه ويس ڌاري سادو ويرخان پنهنجو رنگ بدليو. يڪدم گيڙو وستر لاهي سندريءَ کي لامارو ڏنائين. واڻي جهٽ پٽ سهي ڪيو نه ويرخان ويس مٽائي اڳيان بيٺو آهي. هن ترار ڪڍي ڪڙڪو ڪري چيو "بدمعاش تنهن ڏينهن رات جو منهنجي هٿان بچي ويو آهين! هاڻ نه توکي پورو ڪندس".

ويرخان- سندري! مان ڏاڍي جتن سان تو وٽ پهتو آهيان. اڄ نه ڪئن به ڪري توکي وٺي ويندس.

سندري! جيڪڏهن منهنجي ترار تنهنجو رت پي نه سگهي ته اهائي ترار منهنجي سهائتا ڪندي. تون مونکي هٿ ڪري ڪين سگهندين. شينهن جي مڇ جو وار ۽ ڇتريءَ جي ترار ۽ پتي ورت استريءَ جي سر کي هنجي مرڻ کانپوءِ ٿي ڪو هٿ لائي سگهندو آهي.

ويرخان- هيڏانهن نهار سندري! منهنجن سپاهين جي سامهون تنهنجي هڪ به نه

هلندي. هڪ ٻاسي آهي جهنگ ۾ ٻي ٻاسي آهن منهنجا هيترا سارا سپاهي. تون ڪيڏانهن ڀڄي وڃي سگهندين ؟

ويرخان جي والان ايترو ٻڌندي راڻي چتيءَ شينهڻ وانگر اچي هن تي ڪڙڪي. وار ته خالي ويو پر هن جو ڪن ڪپجي ويو. ٻئي وار سان راڻيءَ جي ترار ڀڄي پيئي. ايتري ۾ راجيندر سنگهه به اچي سهڙيو. ڏاڍي گهمسان جي جنگ جٽي وئي. مسلمان ۽ راجپوت سپاهي پاڻ ۾ لڙڻ لڳا. انهيءَ مارا ماريءَ ۾ ويرخان پٺ ڀاتي اٿي پيو. پر وڃڻ وقت چوندو ويو ته سندري! انهيءَ جو ويرمان ضرور وٺندس. ڪشمير جو تخو خاڪ تي ويندو.

سندري. بيوقوف! راجپوت ته مڪين جي پرواهه ڪين ڪندا آهن. تو جهڙا گيدي چور منهنجي محلات ۾ ڀاري پائيندا آهن. (پٺتي) راجيندر سنگهه! اڄ اهو وقت ٿيو آهي. مان هاڻي راڄ وٽ ڪانه ويندس. تون راڄ جو ڪم سنڀال. مان پاڻ دهليءَ ويندس ۽ پتو ڪڍندس ته منهنجي پتيءَ کي ڪنهن ماريو آهي. دهليءَ کان پوءِ ڪابل ويندس. ممڪن آهي ته انهيءَ ۾ ويرخان جو به هٿ هجي.

اتين چٽي راڻي ترت دهليءَ ڏانهن ڪاهي هلي ۽ وڃي ٿورن ڏينهن ۾ اتي پهتي. هن سڄي قصي جو فرياد ڪرڻ چاهيو پر هن کي جواب مليو ته قصوروار فريادي ۽ جي ڳالهه نه ٻڌبي. ويرخان سپهه سالار بڻجي ڪابل روانو ٿي ويو آهي.

راڻي سمجهي وئي ته هتي ڪو داد فرياد ڪونه ٿيندو. تخت تي ڪو اڪبر جهڙو نياءُ ڪاري ڪونهي پر اورنگزيب آهي. هن مردانو ويس ڪري، پٽڪو ٻڌي ۽ ترار لٽڪائي، ڪن چوندن سائين سان گڏجي هوءَ ڪابل ڏانهن ٻنڌ پيئي.

”سب دن هوت نه ايڪ سمان“ سمو سدائين ڦرندو رهندو آهي. ڏينهن پٺيان رات، رات پٺيان ڏينهن، سک پٺيان ڏک ۽ ڏک پٺيان سک لڳو ٿو رهي. سرينگر جي فتح ڪرڻ جون خوشيون دهليءَ ۾ منايون ويئون ۽ ختم ٿي ويئون. سرينگر ۾ جا ڏک جي لهر اٿي سا به ساڻس ٿي وئي. راڻي ڪابل ڪان موٽي آئي. ڏينهن گذري ويا. هوءَ پنهنجو راڄ ڪاڄ ڪرڻ لڳي. پرجا ڦلڻ ڦولڻ لڳي. راڻيءَ جي حڪومت جو ڏاڪو جمي ويو. راجا کي آهستي آهستي ماڻهو وساري ويٺا.

راڻي وڏي ويلي اٿندي هئي. سنان ڪري نتيم جي ڪرپا ڪندي هئي. پوءِ باغن باغيچن ۾ گهمي ڦري چڙيا کانو ڏسي دل وندرائيندي هئي. راڄ ڪاڄ جي وقت هوءَ ديوان خاني ۾ وڃي سڀني ڪمن جي نظر پاڻ رکندي هئي. پئسي ڏوڪڙ جو حساب ڪتاب جا چيندي هئي. فوجي سپاهين جي ديک ريک ڪندي هئي ۽ لشڪر جي نگراني پنهنجي سر ڪندي هئي. هوءَ ڪم ۾ اهڙي رڌل رهندي هئي جو جڻ ته پتي وسري ويو هوس.

راڻيءَ کي ڪابل مان موٽي اُن مهين ڪان وڌيڪ گذري ويا هئا. راجا صاحب

جي ورسي به اچي ويجهي پهتي. هڪ ڏينهن راڻي اوير تائين سمهي رهي. هوڏانهن پرهم مهورت يعني وڏي اسرائيندي هئي هيڏانهن اج سج مٿي چڙهي آيو. اوچتو هڪ ڪانءُ جي ڪان ڪان پڌي چرڪ ماري اٿي کڙي ٿي. پکيءَ کي چوڻ لڳي. "اج ڪيترن ڏينهن کانپوءِ پتي جي مورت پئي ڏٺيم. توا چي اها به هتائي چڏي. مون هن سان گڏ پئي رانديون ڪيون.

انهيءَ کان وچوڙي چڏيئه. هاءِ! جيڪڏهن منهنجو پراڻ پيارو پرلوڪ ۾ نه ويو هجي ها ته جيڪر تنهنجو وات مٺي کير سان پري چڏيان ها. خير، وڃ. ڪالڳل اڏامي وڃ ۽ منهنجي پياري کي وڃي نياپو ڏي ته مان به سگهو ئي اتي اچڻ واري آهيان.

سپني ۾ راڻي پنهنجي پتي کي ڏٺو ته هو سرڳ جي باغ ۾ پسار پيو ڪري. پاڻ به هن سان گڏ آهي. هوءَ پنهنجي پتيءَ کي هر هر ياد ڪري ساڻي ٿي ويندي هئي. پوڄا جو سامان کڻي داسي آئي، راڻي پوڄا ڪرڻ ويٺي پر نجاڻان اج هن جو من پوڄا ۾ لڳو ئي نٿي. هوءَ وري وري پتي کي ياد ڪري ٻانهي کي چوڻ لڳي "داسي! مونکي پتي ديو ڪوئي، مان هن وٽ وڃڻ ٿي چاهيان" داسي نماڻو ٿي چيو: "راڻي! توهان ڀواني جي پوڄا ڪندي رهو. سڀ ڪلياڻ ٿيندا."

راڻي داسي جي ڳالهه ڏاڍي ڌيان ڏني. وري ديويءَ ڏانهن نهاريائين ته اديت درشن پاتائين جڻ ته ديوي ڀواني آسيسا پيئي ڏي ته ائين برابر آهي.

پتي شيوا کان سرس استريءَ جاتيءَ لاءِ سنسار ۾ ٻي ڪا به وستو نه آهي. راڻيءَ ديوي ڀواني کي هٿ جوڙي ويندي ڪئي. پتيءَ سان گڏ جڻ جي اچا ڪري محل ۾ هلي ويئي. ٻئي ڏينهن دربار ٿي. راڻي سنگرام سنگهه کي گهرائي چيو ته ڪنهن ماڻهوءَ کي راڄ ڪاج هلائڻ لاءِ مقرر ڪريو. مان پتيءَ ديو جي درشن ڪرڻ لاءِ سرڳ پڌارڻ ٿي چاهيان. مان ڪالهه هن سان باغ ۾ پئي گهميس ۽ ڀوانيءَ به جڻ ته آگيا ڏيئي ڇڏي آهي راڄ ڪاج سنڀالڻ ڇترين جو مرڪ آهي. مان هاڻ پتي ديو جي شيوا ڪرڻ وينديس:

سنگرام سنگهه ويندي ڪري چيو "راڻي صاحبه! دهليءَ واري لفافي جو ڇا ٿيو؟ انجو ڪهڙو فيصلو ٿيندو؟" راڻي ورايو "ڇترين جي اڳيان دنيا جو ڳري کان ڳرو سوال فيصل ٿي ويندو آهي. توهانکي جئن واجب نظر اچي تئن ڪجو. البت هڪڙو ڪم سو ضرور ڪجو. منهنجو چڙياخانو ۽ جهنگلي جانورن واري جڳهه جئن قائم رهي. انکي ڏسي مونکي دلجاءِ ٿيندي رهندي. جن جانورن کي مان پنهنجن هٿن سان کارائيندي پياريندي هيس. جيڪڏهن راڄ اهو خرچ سهي نه سگهي ته اوهي بند ڪري ڇڏجو".

راڻيءَ اهي ڳالهيون ويٺي ڪيون ته شاهي پيغام جي اچڻ جي خبر هنکي ڏني ويئي. راڻي انهن ماڻهن کي دربار ۾ حاضر ڪرڻ جي آگيا ڏني. ٻه ڏاڙهين وارا سپاهي زرهه پهريل دربار ۾ حاضر ٿيا. سلام ٻلام

۽ خير، گستاخيءَ سان چوڻ لڳا: ”اسانکي شهنشاهه اورنگزيب موڪليو آهي.“

راڻي اکيون ڳاڙهيون ڪري چيو ”توهين ڪهڙي عهدي وارا ماڻهو آهيو؟ ادب جي طريقي جي ذري ۽ خبر نه اٿو. خير، ڇڏيو ڇا چوڻو اٿو“.

شير علي- مان شير علي خان پنجهزاري آهيان. عالمگير سردارن کي انجي ڪا ضرورت ڪانهي.

راڻي- اسڀيه ۽ جهنگلي! تو الين سمجهي ته هڪ استري راڄ گديءَ تي ويٺي آهي، اها سڀيتا ڪٿي آهي؟ ياد رک! منهنجي سيني ۾ ڇترين جي دل ۽ رڳن ۾ راجپوتن جو رت آهي. منهنجي دربار ۾ جيڪو اسڀيتا ڏيکاريندو آهي تنهنکي سڀيتا جو سبق سيکاريو ويندو آهي.

شير علي- سبق ته پوءِ پڙهائجو پر پهرين شاهي فرمان جو جواب ته ڏيو.

راڻي- بداءِ ڪهڙو فرمان آهي؟

شير علي- توهين بنا موڪل دهليءَ کان ڪابل ڇو ويا؟ ويرخان کي ڇو قتل ڪيوَ؟ هن جا خوني ڪپڙا ڪٿن شاهي ڪئمپ ۾ موڪليا ويا؟

راڻي- پهرين سوال جو جواب ته شخصي آهي. هڪ شينهڻ پنهنجي شينهن جي ڳولا ۾ بن بن ڳوليندي ڦوليندي وتندي آهي. جيڪڏهن مان پنهنجي پتيءَ کي ڳولهڻ لاءِ ڪابل ڪاهي ويس ته ڪهڙي ٻلي ماريم؟ ٻيو سوال- تنهنجي مونکي ڪا ۽ خبر نه آهي.

شير علي- راڻي صاحبه! ڇو ٿا ڪوڙ ڳالهايو.

راڻي- شير جي چرپر اچي توُن شينهڻ کي ٿو ڇيڙين! جنهن عالمگير جي ڀروسي تي تون ڪڏين ٿو سو منهنجي شخصي ڳالهين بابت پڇي نٿو سگهي.

شير علي- توهانکي پورو جواب ڏيڻو پوندو. جوش نه ڏيکاريو، نه ته مان توهان لاءِ ٻيو ويرخان بنجي ويندس.

هاڻي راڻي چپ ڪري نه سگهي. هن راڄ سنگهاسن تان هيٺ لهي چيو ”اڇي! وٺ! وڃ تون ۽ ويرخان وٽ“ راڻيءَ جو هٿ اڃا مٿي ٿي هو ته ٻئي سپاهي هن جو هٿ جهلي ورتو. راڻي ڪنڌ ورائي سپاهي ڏانهن نهاريو. هنجي هٿراڏو ڏاڙهي هيٺ ڪري بيٺي، ڏسي ته اڳيان پتي ديو بيٺو آهي! راڻي ڏاڍو منجهي ويئي. ڏيان سان ڏسي چوڻ لڳي ”ڪير! پتي ديو؟“ ائين ويچاريندي راڻي مورڇا ٿي ڪري پيئي.

[۴]

قصو هيئن هو جو رگهبير سنگه جڏهن ڪابل ۾ پهتو تڏهن ويرخان ۽ انهيءَ فوج ۾ وڃي شامل ٿيو- ٻئي جسونت سنگه جي هٿ هيٺ ڪم ڪندا هئا. ويرخان وجهه وٺي رگهبير سنگه کي قيد ڪري ڪابل جي قلعي ۾ بلا اٿو ڪري ڇڏيو. ساڳي وقت اهو ۽ ٿي هلايائين ته رگهبير سنگه جنگ جي ميدان ۾ مارجي ويو. اها خبر دهليءَ ۽ سرينگر تائين پڄ پهچايائين. ٿورن ڏينهن کانپوءِ راڻيءَ کي هٿ ڪرڻ جي لاءِ هو سرينگر ويو. راڻي ستي ٿيڻ تي هئي. ويرخان جي

مرضي هنکي زبردستيءَ سان قيد ڪرڻ جي هئي. پر هنکي سڦلتا نہ ملي. ويرخان ڪابل ڏانهن هليو ويو. راڻي دهليءَ ويئي- ساڳي وقت ويرخان کان ويرُ وٺڻ جي لاءِ هوءَ هنجي پٺيان ڦرندي رهي. هوءَ بہ ڪابل ۾ پهچي جسونتسنگ کي درخواست ڪرڻ واري هئي تہ سندس پتي سرڳواسي ٿي ويو آهي. پر هن ائين ڪين ڪيو. راڻي برابر بدلي وٺڻ لاءِ وجهہ ڳوليندي رهي. هڪڙي ڏينهن سپاهين ويرخان جي خوني پوشاڪ تنبوءَ جي ٻاهران ڏٺي. پر انکان پوءِ راڻي ڏسڻ ۾ ڪا نہ آئي. شيرعلي خان ۽ رگهبيرسنگ جو پاڻ ۾ چڱو رستو هو. هن قلعدار کي چؤ چاڙ ڪري رگهبيرسنگ جا بند خلاص ڪرايا. ڇوٽڪاري کانپوءِ ٻيئي دهلي آيا. اتي اچي شيرعلي خان ويرخان جا سڀ ڪرتوت عالمگير بادشاه کي ٻڌايا ۽ ثابت ڪري ڏيکاريائينس تہ رگهبيرسنگ جو ڪو بہ ڏوهہ ڪونهي. بادشاهہ خوش ٿي رگهبيرسنگ کي راجا جو خطاب ڏيئي سرينگر اماڻيو. شيرعلي بہ هن سان گڏ همراهہ ٿي هليو ۽ عين انهيءَ وقت راجا کي راڻي جي اڳيان پڌرو ڪيائين جنهن وقت هوءَ پنهنجي پتي ديوت وڃڻ واسطي پئي سنبري.

[٥]

راجا ۽ راڻي جو ميلو ٿي ويو. راڻي سندري پنهنجي پراڻ پياري سان گڏجي جهنگلي جانورن ۽ پکين جو ديدار پئي ڪري، انوقت راجا کي هوءَ بہ پيئي سمجهائيندي ويئي تہ سنڪٽ جي سمي انهن ٿي پسن پکين کي ڏسي مان دل وندرائيندي هيس. چي "هلو هلي هنجون ٻازيون ۽ کيل ڏسو" راجا ورايو تہ مونکي جهنگلي جانور وڻن ٿي ڪين. نيٺ راڻي جي زور ڀرڻ ڪري راجا ڪٺهڙي وٽ ويو ۽ جهنگلي جانور ڏسڻ لڳو. ڏسندي ڏسندي هڪڙو ڪٺهڙو آيو. جنهن ۾ هڪڙو ماڻهو بند ٿيو پيو هو. راجا چٽائي هن ڏانهن نهاريو ۽ پڇيائين تہ هي ڪير آهي؟ راڻي اتر ڏنو تہ هو توهانجي اڳيان اچيتو. توهين ذرا ڌيان ڏيئي هنکي ڏسو. راڻيءَ قيديءَ کي چيو تہ قيدي! ڏس تنهنجو مالڪ بيٺو آهي. هنکي پرڻام ڪر! ويرخان جهڪي ادب سان سلام ڪيو. راجا هن جو سلام ورايو ۽ پيار سان هنکي ٻاهر ڪڍيو ۽ اڳين حرڪتن لاءِ هنکي ابهہ دان يعني معافي ڏني. راڻيءَ چيو "ٻڌ ويرخان! جيڪڏهن هڪ پتورتا ڇترياڻي چاهي ها تہ توکان ويرتوار جي ڌار سان وڻي سگهي ها. پر مون ائين ڪين ڪيو. هاڻي ٻڌاءِ تہ توکي ڇا کپي؟"

ويرخان ڪنڌ هيٺ ڪري ڌيمي زبان سان چيو: "راڻي مان پنهنجن حرڪتن جو ڦل پائي چڪو آهيان. اڳتي اوهانجي مرضي جئن وڻيو تئن ڪريو" شيرعلي ڪنڌ نمائي ويرخان کي ڇوٽڪاري ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي. ويرخان ڇڏيو ويو. هو خوش ٿي ويو هليو، پر وڃڻ ويل هن راڻيءَ جي ساراهہ جا ڍڪ ڀريا ۽ چيائين تہ مونکي اڳي ڇترياڻي ويرتا جي ڪم ٿي ڪا نہ هئي. هاڻ مون لاءِ هڪ ئي راهہ کليل آهي تہ پنهنجن ڪرتوتن لاءِ خدا کان معافي گهران ۽ باقي بچيل زندگي خدا جي بندگيءَ ۾ بسر ڪريان. ائين چئي هو سرينگر ڇڏي دهليءَ مان ٿيندو مڪي مديني هليو ويو. هيڏانهن راجا راڻي سکشانتيءَ سان راڄ ماڻڻ لڳا. شيرعلي سلام ڪري دهليءَ موٽي ويو.



جواني جي ڪهاڻي

جي آدمي اڄ ڪلهه دنيا ۾ بلڪل مشهور آهن، انهن مان ڪيترن جي جواني جي ڪهاڻي تازو شايع ٿي آهي. اها ڪهاڻي هت مختصر طور ڏجي ٿي.

مسٽر ايڇ-جي-ويلز جي ساري دنيا ۾ جيڪا عزت آهي، پنجاهه سال اڳي انهي باري ۾ ڪنهن رتي پر به اميد ڪا نه هئي ته پنهنجي لياقت جي آڌار تي هو ايڏي وڏي درجي کي وڃي پهچندو.

مسٽر ويلز جو جنم ١٨٦٧ع ۾ ٿيو هو. هو طبيعت جو نازڪ هوندو هو. ٢٠ سالن جي عمر ۾ ان کي ڪوبه زندگي جو مقرر آدرش نه هو. هو شروعات ۾ هڪ پوشاڪن وڪڻندڙ دڪاندار وٽ نوڪر بيٺو. ان وقت نه فقط کيس پئسي جي تنگي هئي پر ڪا نڪ ۽ پيئڻ جون به سهوليتون ميسر نه هيون. نوڪري ۾ گهڻو وقت چئني طرفن کان اونداهي ٿي سمجهيائين ۽ آئينده لاءِ ڪٿان به روشني نظر نٿي آيس. ساري عمر ڇا هن دڪان ۾ رهي آدمين جي پوشاڪن جي ماپ وٺي زندگي بسر ڪرڻي پوندي؟ دل چيو "نه!" هن دڪان جي نوڪري ڇڏي ڏني. ان

ڪانپوءِ مئٽرڪ پاس ڪري سڪول ماستر ٿيو. ان وقت منجهس لکڻ جو شوق پيدا ٿيو. ڪهاڻيون ۽ افسانا لکڻ لڳو. ١٨٩٥ع ۾ ان جو مشهور ڪتاب (The time machine) شايع ٿيو. ان سان گڏو گڏ مشهوري ۽ ڪاميابي کيس جهٽا لا پهرائي. ان وقت به سندس زندگي پسندي موجب ڪا نه گذري رهي هئي. آئينده اونداهو ۽ غير يقيني هوس، ليڪن سندس حوصلو نه گهٽيو. هن سمجهو ته اهو قلم ڪنهن ڏينهن کيس عزت ۽ مشهوري جي اوچي آسڻ تي وهاريندو. خيال مدد ڏنس ۽ اڄ ايڇ-جي ويلز دنيا جي چوٽ چڙهيل هستين ۾ اوچو درجو رکندڙ آهي.

هندستان جي اڳين وائسراءِ مرحوم لارڊ ريڊنگ جو پهريون نالو روفس انڊڪس هو. هڪ ساڳ سبزي جي ڪاروبار ڪندڙ گهر ۾ جنم ٿيو هوس. سندس پيءُ ميوي جو واپار ڪندو هو. روفس به پنهنجي پيءُ وارو ڌنڌو اختيار ڪيو. هنجو لاڙو پئي ڪنهن به ڪار ڏانهن ڪو نه هو. دنيا ۾ ايڏي وڏي درجي حاصل ڪرڻ جي کيس ذرو به اميد

ڪاڻ هئي. هڪ ڏينهن هنکي خيال آيو ته جيڪر جهاز ۾ نوڪري ڪريان. هو اتر امريڪا ڏانهن ويو. هن هڪ مشهور جهازي ڪمپني جي آفيس ۾ نوڪري ڪئي. اتان کيس دنيا جي ڇڪر ڏيئي اچڻ ۾ مدد ملي. سندس زندگي ۾ نوان امنگ ۽ نيون اميدون جاڳيون. هو جهازي نوڪري جي وقت ۾ هندوستان ۾ آيو هو. هندستان ڏسي کيس دل ۾ هي خيال آيو ته هڪ ڏينهن هن هندستان ۾ وڏو لارڊ بڻجي ايندس.

واپس اچي لنڊن ۾ سٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين، مگر لنڊن ۾ خاص ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهيو. تڏهن امريڪا اسهڻ جو ارادو ڪيائين. ان وقت ۲۴ سال عمر هئس. جهاز تي چڙهي چڪو هو. ماءُ چيس، "پيا سڀ ڏندا ڇڏي بئرسٽر بڻج. جيترو نه نوڪي عقل آهي اوترو گهڻو ڌن دولت حاصل ڪري سگهندين." هن امريڪا وڃڻ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو. ۱۸۸۷ع ۾، ۲۷ سالن جي عمر ۾، بئرسٽر ٿيو ۽ ٿوري عرصي ۾ نامور بئرسٽر ٿي ويو. سندس ساليانو آمدني ۳۰ هزارن پائونڊن تائين وڃي پهتي. آڏي پڇا ڪرڻ ۾ بي مثال ۽ تقرير ڪرڻ ۾ باڪمال! ۱۹۰۴ع ۾ پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو، ۱۹۱۰ع ۾ انگلنڊ جو سالسٽر جنرل ۽ ۱۹۱۳ع ۾ لارڊ چيف جسٽس. ان بعد سپيشل قونصل، فارين منسٽر ۽ آخر ۾ هندستان جو وائسراءِ.

رالس ري موٽر گاڏي جي ايجاد ڪندڙ سر هينري ري جي ڪهاڻي به اهڙي طرح عجائبن سان پر آهي. هن وقت سندس عمر ۷۰ ورهيه آهي. سندس جنم غريب گهر ۾ ٿيو هو. هڪ پيو به مشڪل سان کيس ڪاڌو نصيب ٿيندو هو. ۱۰ سالن جي عمر ۾ اخبارون وڪڻڻ جو ڌنڌو شروع ڪيائين. ان بعد ڪتابن جي دڪان ۾ نوڪري ڪيائين. صرف ٽي سال سڪول ۾ پڙهڻ جو موقعو مليس. پوءِ کيس پوسٽ آفيس ۾ نوڪري ملي جتي ٽاور پهچائڻ جو ڪم ڪندو هو. اتان نوڪري ڇڏي دانڪاسٽر نالي شهر ۾ هڪ ننڍي ڪارخاني ۾ وڃي نوڪر بيٺو. ان بعد هڪ عجيب واقعو ٿي گذريو.

۱۹ سال عمر هئس، لورپول اليڪٽرڪ ڪمپني جي چيف انجنيئر سان ملاقات ٿيس. هو کيس محنتي معلوم ڪري بلڪل خوش ٿيو. کيس بجلي ڪمپني جي ڪارخاني ۾ نوڪري ملي وئي. ڪجهه عرصي بعد اهو ڪارخانو بند ٿي ويو. هينري ري پنهنجو هڪ ننڍو ڪارخانو کوليو. هو سارو وقت ڪلن پرزن ٺاهڻ ۾ خرچ ڪرڻ لڳو. هن جو ڌيان موٽر گاڏي طرف ويو. ڏاڍي محنت بعد هن ري انجڻ تيار ڪئي.

۱۹۰۴ع ۾ لارڊ لنڪنڪ جي پٽ رالس سان سندس ڄاڻ سڃاڻ ٿي. هنجو پيءُ هوائي جهاز جي حادثي ۾ مئو هو. رالس کي ڪنهن ڪارخاني کولڻ جو ويچار هو. ان وقت رالس ۽ ري ملي رالس ري ڪمپني قائم ڪئي. رالس جي موڙي ۽ ري جو دماغ ۽ محنت ڪم ۾ لڳي ويا.

ڪيترن قسمن جا تجربا ڪيا ويا. ڪلن پرزن جي ڪيتري ترقي ٿي سگهي ٿي، سواري ڪندڙن کي ڪيترو آرام پهچائي سگهجيتو وغيره. رالس ري گاڏي اڄ دنيا جي بهترين موٽرن ۾ ڳڻي وڃي ٿي. هن حالت ۾ به ري غور ۽ خوض ڪندو رهيتو. هنجي دماغ کي آرام ڪونهي. ۱۰ سالن جي عمر ۾ جو ڇوڪرو سڙڪن تي اخبارون وڪڻندو ڦرندو هو کيس خواب خيال ۾ به ڪو نه آيو هوندو ته اڳتي هلي دنيا ۾ کيس ايتري مشهوري ۽ ايتري دولت حاصل ٿيندي.

اخلاق جي پابندي

ليکڪ:- مهاتما موهنداس ڪرمچند گانڌي.

انسان جي دل ۾ ٻه دريون آهن، جن مان هڪڙي هن کي ڏيکاري ٿي جيڪي هو هينئر آهي ۽ ٻي جيڪي هو ٿيڻ کپي. ساڳيءَ طرح جئن معمولي وديائون، جئن دنيا آهي تنهن سان ٿيون لاڳاپو رکن، تئن نيتي ڌرم جي وديا، جئن دنيا هئڻ کپي تنهن سان ٿي تعلق رکي.

هر ڪنهن انسان جو فرض آهي ته پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ۽ جيڪي هو هينئر آهي تنهنجي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ۽ پاڪي جسم، دل ۽ دماغ ۾ سڌارڻ لاءِ جفاڪشي ڪندو رهي. جيڪي فساد ۽ فتنا ۽ انياءَ، پاپ ۽ ايمان ۽ ٻين خرابيون ڪيا آهن، تنکي پوجهي ۽ انهن کي ناس ڪرڻ جو جوڳو جتن ڪري. جهڙيءَ طرح ڪنهن جاءِ جي اڏاوت جي وقت ليسين ڪارگر ته آهي جيسين اها ڏيکاري ٿي ته جاءِ ڪئن جوڙجي، تهڙيءَ طرح نيتي ڌرم جون سکيائون به اوستاءِ ڪمائتيون آهن جيستاءِ اهي اسان جي جيوت ليم ۾ آڻيون ٿيون. جيڪي اخلاقي اصول يا نيتيءَ جا سدانت عمل ۾ آندا وڃن سي ڪنهن ڪم جا آهن. اسين ڪيترا ماڻهو ٿا ڏسون جن کي ڪيترائي اخلاقي مثال ۽ قول ڪنٺ آهن ۽ جي وڏي زور شور سان انهن جو ٻين کي اُپديش ڪندا پر پاڻ انهن تي هڏيءَ ڪونه هلن. پيا وري چون ته اخلاقي قانون رڳو پرلوڪ جي توشي لاءِ آهن. پر اسين دعوي سان چئي سگهون ٿا ته جيڪو پنهنجي جيوت اخلاق جي قانون پٺاندر نيم ۾ آڻڻ لاءِ تيار نه آهي تنهنکي لفظ جي حقي معنيٰ سان انسان چئي ڪونه سگهبو. اسان کي سچ ۽ ڌرم ۾ پنهنجو آنند ڳولڻ کپي، پوءِ ڪٿي اسان کي هن دنيا ۾ ڪيترا به هرج ۽ هاڃيون سهڻيون پون.

ايشور سروشڪتيوان آهي. هو پورنتا جو پتلو آهي. ڪنهن کونه هن جي ديا ۽ نياءَ جو انت لڌو آهي. پوءِ ڪئن اسين جي پاڻکي هن جو ڀڳت چوايون ٿا، سي نيتيءَ جا نيم ڀڃي سگهون؟ اسان کي ڦل جي اِڇا يا آس رکي اخلاقي حياتي نه گذارڻ کپي. نيڪيءَ جي زندگي اسان تي فرض رکي ويئي آهي، نه ته ڪو آن

مان اسان کي فائدو ٿيندو، ٻيو چا ڪاڻ ته اهو سرشتيءَ جو اٽل ۽ انادي نيم آهي. چڱا ڪم سچ ته اسان لاءِ ڪاڏي ۽ ڪپڙن کان به بهتر آهن. اسان کي جيڪو بک ۾ کاڌو ڏني ٿو تنهن کان به وڌيڪ اُن جو شڪرگذار رهڻ کپي، جو اسان کي چڱي ڪم ڪرڻ جو وجهه ڏني ٿو.

ڪو ڪونه جو رڳو ڏيکاءُ جو خيال ٿو رکي، يا جيڪو دنيا ۾ نالي ڪرڻ لاءِ سڌائتو آهي، سو سچو نيڪ اخلاق ماڻهو ٿي سگهندو. نيڪ اخلاقي ڪي صفائيءَ تي آهي، نڪي علم ۾ آهي ۽ نڪي وري محنت تي آهي؛ البت اهي اخلاق جا جزا چئبا، پر اهي ماڻهوءَ کي نيڪ اخلاق بنائڻ لاءِ ڪافي نه آهن. جيڪو سچو پچو نيڪ اخلاق ماڻهو آهي، سو گڏائتي جيوت گذاري ٿو. نه ته ڪو اُها اُنکي فائدو پهچائي ٿي پر چاڪاڻ ته اهو اصل هن جي وجود جو قانون آهي ۽ سندس حياتيءَ جو دم آهي. غرض ته اخلاق پنهنجو انعام پاڻ آهي.

سريشٽ نيتي

اڄ ڪلهه، اخلاق بابت ماڻهن جا خيال ڪي پختا چئبا ۽ نڪي اونهائي ليکبا. مثلاً ڪي اهڙا آهن جي چون ٿا ته انسان کي نيڪ اخلاقيءَ جي ڪا ضرورت ڪانهي. ٻيا وري هن راءِ جا آهن ته ڌرم ۽ نيتيءَ جي وچ ڪو سچو سنبنڌ آهي ئي ڪونه. درحقيقت ڪو ڌرم يا دين، نيتيءَ کان جدا ٿي ڪين سگهندو. جيڪي ماڻهو نيتيءَ جي لشڪام پيروي ڪن ٿا سي ئي سچا ڌرمشت آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجي

ملڪ جي ڀلي لاءِ سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن سي حقيقتاً اعليٰ درجي جا نيڪ اخلاق ماڻهو آهن. **جرمي بينٿم** جنهن ماڻهن ۾ ورڌيا ڦهلائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو، جو قيدين جي حياتي سڌارڻ لاءِ نهايت جفاڪش هو ۽ جنهن پنهنجن همراطنين جي هت لاءِ ڪيترن قاعدن پاس ڪرائڻ ۾ چڱو ڀاڱو ورتو، تنهنکي بلڪل اعليٰ درجي جو نيڪ اخلاق ماڻهو سڏڻ کپي.

سچي نيڪ اخلاقي ڪا ٻين جي پيروي ڪرڻ ۾ ڪانهي پر پنهنجي روح سوءِ پنهنجي لاءِ سچو مارگ ڳولهي اُن تي ٻي ڌياني ءَ سان هلڻ ۾ آهي. سچي اُنتي سچ جي اهڙيءَ طرح جفاڪش ڳولا ۽ پيروي ڪرڻ کانسواءِ ناممڪن آهي؛ يعني ته اُنتيءَ ۽ سڌاري جو اخلاق تي گهڻو دارومدار آهي.

اسين پنهنجون خواهشون ۽ مرادون ٻن دفعن ۾ ورهائي سگهون ٿا: هڪڙيون خودغرض ٻيون لاغرض. ڪل خود مطلب خواهشون بد اخلاق آهن. پر اُها خواهش ته پاڻ سڌاري ٻين جو ڀلو ڪريان حقيقي اخلاقي آهي. ٻي پاسي طرف، جيڪڏهن اسين پنهنجي خدمتن جي ٻين سان لاف زني ڪندا سين يا انهن جي ٿانءَ ۾ پورجي ويندا سين ته اسين نيڪ اخلاق سڏجڻ جا اڌڪاري نه آهيون. چڱو ڪم رڳو ڀلائي ڪرڻ جي مراد سان ان جي ڳولا ۾ آهي.

ڪو شخص يا ڪو ڪٽنب جو پاڻ ۾ بد اخلاقيءَ جي جيوڙن: جهڙوڪ ڪوڙ ڪپت

۽ نفاق کي گهٽ ڏني ٿو، اهو هميشه لاءِ نابود ٿئي ٿو. چڱائي ڪرڻ جي طاقت ڪا انسان کي ٻاهران ڪانه ٿي اچي. اها انسان جي اندر ۾ هميشه موجود آهي، پر رڳو انسان کي نيڪ اپاون سان اُنکي وڌائڻ کپي. وڏي ۾ وڏو اخلاقي قانون اهو آهي ته اسين مخلوقات جي ڀلي لاءِ ڪنهن به اجوري جي اميد کانسواءِ ڪم ڪريون. جڏهن اسين هيءُ هڪڙو نيتيءَ جو سدا اصول گرهڻ ڪنداسين، تڏهن پيا سڀ نيتيءَ جا نيم پاڻ کان پاڻهي پڌرا ٿي پوندا.

نيڪ ڪرم

اخلاق جو سوال، انسان جي ڪيترن معمولي ڪمن ۾ نٿو اچي ڇاڪاڻ ته اسين گهڻو حصو ته رڳو دستورن جا پابند آهيون. البت ڪيترن ڳالهين ۾ دستورن جي پيروي ڪرڻ ضروري آهي. انهن جيڪڏه هر ڪو پنهنجي هلندو ته دنيا ۾ انڌ ڌنڌ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿيندو. پر اکيون ٻوٽي دستورن ۽ رواجن جي پابندي ڪرڻ، اخلاق جي خلاف آهي؛ ڪو به ڪم جو خود به خود پنهنجي مرضيءَ موافق نٿو ڪجي سو اخلاقي ڪونه چئي سگهبو. جي اسين ڪلن جيان ڪم ڪنداسين ته پوءِ اخلاق جو وري ضرورتي ڪهڙو آهي. جيڪڏهين اسين ڪنهن ڪم کي اخلاقي ٿا چوڻ گهرون ته اهو ڪم باهوش فرض سمجهي ڪيل هجي. انديءَ طرح، ڪل جيان اُسردو ڪم ڪرڻ ۽ باهوش ڪل جيان ڪم ڪرڻ ۾ تفاوت آهي. بادشاه

جو ڏوهيءَ کي معافي ٿو ڏئي سو پاڻ ته چڱو ڪم ٿو ڪري، پر جو نوڪر بادشاه جو معافي نامو ٿو کڻي وڃي سو جڻ هنجي هٿ ۾ هڪ اوزار آهي. پر جيڪڏهين اهو نوڪر بادشاه جو معافي نامو فرض سمجهي پهچائي، ته پوءِ هنکي بادشاه جي هٿ جو اوزار نه چئبو، بلڪ هن جو ڪم اخلاقي ليکيو ويندو. جو ماڻهو پرمت تي پنهنجي عقل هلائڻ کانسواءِ هلي ٿو انهنکي ڪڏهن ڪانه خبر پئي سگهندي ته سداچار ۽ سلڇڻائي ڪهڙي وستو آهي. سورهيه سڏائين لوڪ جي ڀلي ڪاڻ دستورن ۽ رواجن جي برخلاف ويا. اهو ماڻهو سداچاري ڪونه ليکيو ويندو جو پنهنجن راهن ناهڻ ۾ يا انهن جي چٽي پڌائڻ ۾ بيڌپو نه آهي، يا جيڪو وويڪ انوسار نٿو هلي. پر اهو ليکين نامڪن آهي جيسين هن اهو محسوس نه ڪيو آهي ته وويڪ جو آواز ايشور جو آواز آهي؛ ته اهو هر ڪنهن ڪرم يا وچار جي پاپ يا پڃ جو آخرين منصف آهي.

ڪنهن جي به ڪم جي نيڪ اخلاقي يا بد اخلاقي پڌائڻ لاءِ انسان کي ڪم جي ڪندڙ جي مراد ڏسڻ کپي. ڪم نيڪ آهي يا بد آهي سو مراد تي منحصر آهي. مثلا، فرض ڪريو، ته ٻه ماڻهو غريبن کي کارائين ٿا: هڪڙو رحم وچان، ٻيو نالي ڪڍڻ لاءِ يا پنهنجي شان رکڻ لاءِ، يا ڪنهن ٻيءَ اهڙيءَ خود غرض مراد سان. جيتوڻيڪ ڪم ٻنهين حالتن ۾ ساڳيو آهي، پر هڪڙيءَ حالت ۾ اخلاقي آهي ٻيءَ ۾

ٻڌرو ٻي اخلاقي آهي. تنهنڪري ڪو به ڪم اخلاقي ڪونه چيو ويندو جو ڪنهن نيڪ مراد سان نه ڪيو ويو آهي.

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته چڱي ڪم جو نتيجو يا ته اسانکي ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي يا لاپداڪ نه ٿيندو آهي. پر اسان کي ڪم جي نتيجي جو خيال ئي نه ڪرڻ کپي. اسان کي رڳو پاڻ کي اها پرتيت ڏيڻي آهي ته اسان جو ارادو پاڪ آهي ۽ ڪم جو ڪرڻ تا سو خود خاصو آهي، باقي ٻيو سڀ ڌڻيءَ تي ڇڏيون. تواريخ نويسن سلطان سڪندر کي "اعظم" ڪري ڪوٺيو آهي. هو جتي ٿي ويو، تتي وڃي ٿي تعليم، هنر، وگيان ۽ يوناني چالون ۽ رسمون وڌاءِ. پر هنجو ارادو هو ته ائين ڪري پنهنجو نالو ڪڍان. هاڻي اسين هن جي ڪمن کي اخلاقي سڏي سگهنداسين؟ هو ڀلي وڏو جنگي سپهه سالار يا هاڪارو حاڪم ٿيو هجي، پر ائين ڪونه چيو ويندو ته هو ڪو وڏو بزرگ يا نيڪ اخلاق ماڻهو هو.

مذڪور بيان مان تڏهن معلوم ٿيندو ته ڪو ڪم ڪٿي چڱو به هجي ۽ نيڪ ارادي سان ڪيو وڃي، تڏهن به اهڪي اخلاقي نه ڪوٺيو ويندو جيسين ڪ اهو ڪنهن لاڀ جي لالچ کان سواءِ نه ڪيو ويو آهي. منهنجي لاءِ صبح جو سوير اٿڻ ڪو وڏو ڳڻ ڪونهي جيڪڏهن آءٌ آفيس ۾ دير سان وڃڻ جي ڊپ کان ۽ پنهنجي نوڪريءَ وڃائڻ جي سبب کان ائين ڪندو آهيان! ساڳيءَ طرح منهنجي سادي ءَ جيون گذارڻ ۾ ڪو سٺو ڳڻ ڪونهي جيڪڏهن رڳو عيش جي سامان جي ناموجودگيءَ سببان لاچار ائين ڪندو هجان. پر جي شاهوڪار هجي به آءٌ ڄاڻي واڻي، انهيءَ مراد سان سادي حياتي اختيار ڪريان ته جو عيش ۽ آرام منهنجي غريب ڀائرن کي نٿو جڙي سگهي، سو مون لاءِ ماڻڻ پاپ ٿيندو. ساڳيءَ طرح جي آءٌ پنهنجن نوڪرن کي، انهن جي نوڪريءَ ڇڏي وڃڻ جي ڊپ کان روز وڌائي ڏيندس ته آءٌ ڳڻوان ڪونه سڏبس. پر جيڪڏهن آءٌ ائين سمجهي ڪريان ته اهو منهنجو فرض آهي ته آءٌ پنهنجي ڪمائي، انهن پنهنجن زيردستن سان ونڊي کائان، ته پوءِ منهنجو ڪم ڳڻائتو ٿيندو. انهيءَ ڪري جيڪو ڪم ڊپ يا رنج يا ڪنهن ٻئي سبب کان ڪيو وڃي ٿو، سو ڪم ڳڻائتو نه چئبو.

اهڙيءَ طرح تمام چڱن ڪمن کي به اخلاقي ڪم ڪونه چيو ويندو جيڪڏهين اهي خود مطلبيءَ جي خيال کان ڪيل هوندا. البت سڀ خود مطلبي ڪم ڪي هروڀرو خراب ڪونه هوندا، پر انهن کي اخلاقي سڏڻ، اخلاق کي داغ لڳائڻو آهي. چوا ٻو ايمانداري سٺي ۽ قيمتي آهي؛ پر جو ماڻهو انهيءَ سبب کان ايماندار آهي ڇاڪاڻ ته سٺي نيتي آهي، تنهن کي سچو پڪو ايماندار ڪونه چئبو. اهڙيءَ طرح "پريم" پڻ ايشوري ڳڻ آهي پر اهو جيڪڏهن خود مطلبيءَ تي ٻڌل آهي ته پوءِ اُنکي ايشوري ڳڻ نه چئبو. جهڙي شيڪسپيئر بخوبيءَ چيو آهي ته "پريم پريم نه آهي جيڪڏهين تبديل ڏسي پاڻ به بدلجي ٿو."

سڀ چڱا ڪم جي پرلوڪ جي سکن جي آس کان ڪيا وڃن ٿا سي به اخلاقي نه

آهن. اُهڙي ماڻهو گهٽ آهن جو ستيه جي پيروي ان لاءِ ڪري ته جو سچ سچ آهي. اهڙي سچو ڀڳت آهي جو پنهنجي ڪڏهن خواب ۾ به پنهنجي ڀڳتيءَ جي قل جي اڇا نٿو ڪري. انهيءَ ڪري جيڪو ماڻهو پنهنجن دوستن ڏانهن سچو آهي ۽ دشمن ڏانهن ڪوڙو آهي تنهنکي گهڻي سمجهڻ کپي. اسين تڏهن چٽائيءَ سان ڏسي سگهون ٿا ته ڪنهن به ڪم جو اخلاقي ٽيڪو نيت ارادي جي قسم تي ٿو مدار رکي. جنهن صورت ۾ اسين ڪنهن ماڻهوءَ جي دليان پيهي نه سگهندا آهيون ۽ نڪي ورتي هن جي اندروني خيالن جي خبر ٿي ٿي سگهيئون تنهن صورت ۾ هنجي ڪمن جو فيصلو ڪرڻ البت ڏکي ڳالهه ٿي پئي. ۽ اسانکي سڀ ڪجهه هن ڪسوٽيءَ سان جاچڻ کپي.

نيم، جو مڙني نيمن کان مٿي آهي

اسين ٻاڻ مرادو اخلاق جي ڪسوٽيءَ سان ڪم جي چڱائيءَ يا لڳائيءَ جو فيصلو ڪندا آهيون. ڪنهن ڪم کي چڱو يا مدو ڪوٺڻ لاءِ اسين اُن جو فائدو يا نقصان ڪونه ڳڻيندا آهيون. اها اسان جي چڱائي يا اڱائي جي پروڙڪن خيالن تي منحصر آهي، جي خيال اسان زمان ماضيءَ مان بي خبر گرهڻ ڪيا آهن. جڏهن ڪو ماڻهو ٻئي کي نقصان پهچائيندو آهي ته اسين اهو ته ڪاريون ٿا، پوءِ ڪٿي اسان تي اُن جو اثر نه به ٿيندو هجي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو اسان جي همدردي به ڪٿي ڪڪرميءَ سان ٿيندي آهي تڏهن به اسين هن جي ڪم کي ننڊڻ ۾ ڪونه هٻڪندا آهيون. اڪثر ڪري اسين فيصلو براڻو نه ڪري سگهندا آهيون، ڪٿي جو اسين ڪل ڪمن جون مرادون نٿا جاڻي سگهون؛ تڏهين به اسين هميشه ٻي ڪم کي، پوءِ ڪٿي اُن مان اسانکي لاڀ جڙندو هجي، بُري ٿي چاڻندا آهيون.

انهيءَ مان صفا ظاهر آهي ته ڪنهن ڪم جي اخلاقي تميز اسانجي شخصيءَ پسنديءَ يا نا پسنديءَ تي ڪانهي. اڪثر ڪري اسان جي همدردي سچي اخلاق سان ٺڪندي معلوم ٿيندي آهي. اسين پيار وچان ڪا شيءِ پنهنجي ٻار کي ڏيندا آهيون ۽ جيڪڏهن اُها ٻار لاءِ نقصانڪار آهي ته پوءِ اُها اُنکي ڏيڻ اخلاقي نڪته نگاهه وٽان غلط آهي. پيار تي مٺجي زهر ٿي پوندو، جيڪڏهن اخلاقي قياس جي ڏوريءَ ۾ بدل نه هوندو.

اخلاقي قانون جي بي خوبي اها آهي ته اُو انادي ۽ اڻ ٽر آهي. ديش جي حدن ۽ جاتيءَ جي پيدن کان پري آهي. اکين کولڻ سان سج ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ بند ڪرڻ سان نٿو اچي. انهيءَ جي اها معنيٰ نه آهي ته ڪا سج ۾ خامي آهي، پر اسان جي نظر ۾. ساڳئي نموني ۾، جيستائين اسان جون اکيون اگيان ڪري انڌيون آهن، تيستائين اسين نيتي ڌرم جو نيم نٿا محسوس ڪري سگهون. ۽ جڏهن اسانجي نظر چٽي ٿئي ٿي تڏهين اسانکي اُنجي انيٽي ڪرڻ ۾ ڪا مشڪلات ڪانه ٿيندي. جڏهن ماڻهن جون اکيون خود مطلبيءَ سببون بند ٿيو وڃن تڏهن اُهي بد اخلاقيءَ کي اخلاق،

ڪوڙ کي سچ ۽ اوگڻ کي گڻ سمجهي ويهندا آهن. پر اهو وقت جلد ايندو جڏهن ماڻهو پنهنجا سوارٿ تياڳي، پنهنجي نظر اخلاق جي اٽل قانون تي ڌريندا. نيڪي ڌرم جي وديا اڃا ٻاراڻي اوستا ۾ آهي. ماڻهو هيل تائين وڏو ڀاڱو ٻاهران دنيا جي اسرارن جي اوک ڊوک ۾ رڌل رهيا آهن. انسان کي، اخلاقي دنيا ۾ اڃا تائين اهڙو ڪو بي ڊپو کوجنا ڪندڙ ڪونه مليو آهي. نيڪيءَ جا سچا نيم تڏهين ثابت ٿيندا ۽ ساڌڻ ۾ ايندا جڏهين اُن جي کوجنا لاءِ اهڙي بي مطلب پرجستائي ڏيکاريندا سون جهڙي اسين ٻاهرين ودياڻن لاءِ ڏيکاريون ٿا.

اخلاقي دنيا جا قانون انسان جي ڀاوَن ۽ رائن تي هرگز منحصر ڪونهن، اُهي ماڻهن جي جوڙيل قانونن جيان بي بقا آهن، پر اُهي انادي ۽ سچا آهن. تنهن ڪري انسان تي انهن جي پيروي ڪرڻ لاءِ خود سرڪار جي قاعدن جي پيروي ڪرڻ کان به زياده فرض آهي. حڪومت جو ناراضپو، ڀلي اُن جي قاعدي جي انحرافي، پر سر کٽي ڪري سگهجي، پر اسين ڪڏهن ڪونه اخلاقي قانون ڀڃي، ڌڻيءَ جو ناراضپو کٽي سگهندا سين. جڏهن سرڪار جو قاعدو، ايشوري احڪام جي مختلف ٿئي ٿو تڏهن بيشڪ انسان جو پرم ڌرم آهي ته اُن جي نافرماني ڪريون.

وڏي ۾ وڏو تفاوت، ملڪي يا سرڪاري ۽ اخلاقي قاعدي جي وچ ۾ اهو آهي جو اخلاقي قاعدي جي جاءِ بنه ماڻهوءَ جي روح اندر آهي. حق (ستيه) انسان جي اندر موجود آهي. اُن جو انتر آتما ۾ اهڙو هڪ مرڪز آهي جنهن ۾ اُنجو ديرو آهي. پاپ پيو ڪائيندو ڇو ته سچ سچ آهي ۽ ڪوڙ ڪوڙ آهي. بنه دين ۽ اخلاق کان ويل به پاڻکي گڻوان سڏڻ ۾ فخر وٺندا آهن سبب ته هو به اخلاق جي پابندي مڃين ٿا. اها ئي نيڪي ڌرم جي نيم جي مهما آهي. اهو ڪڏهن به دستور يا رسمون يا ماڻهن جا رايا ڳاڻاٽي ۾ نٿو آڻي. اڪثر ڪري دستور اخلاق سان همساز ٿي ڪين سگهندو. سقراط حق لاءِ شهيد ٿيو ڇو ته سندس حق جي پروڙ عام ماڻهن جي رائن کان اُبتڙ هئي. پر جنهن سچ جي لاءِ هن پنهنجي جان قربان ڪئي سو سچ هميشه سچ ئي رهندو آهي ۽ هميشه سچ ئي ٿي رهندو. سچ ۽ سچائي ڌڻيءَ جي دنيا جو هميشه قانون ٿي رهندا.

ڪو به ماڻهو يا ڪا به قوم پاڻ لئي جزا سزا واهڻ کان سواءِ اخلاقي قانون ڀڃي نٿي سگهي. چور پنهنجي ئي چوري ڪري ٿو ۽ ٺڳ پاڻکي ئي ٺڳي ٿو. اڌرم جي کٽي ٿوري وقت لاءِ جيءُ ٿئي ٻراڳي پوءِ اوس انجي ڪيءُ ٿيڻي آهي. **آسيريا ۽ بئبيلان** جون سلطنتون اڌرم ڪري نابود ٿي ويون. جڏهن **يونان ۽ روم** ستيه ۽ ڌرم جو مارگ ڇڏيو، تڏهن سندن وڏا دانشمند ۽ بزرگ به ڪين زواليت کان ڪين بچائي سگهيا. فرانس جو وڏو انقلاب در حقيقت ڇا هو؟ ظلم ۽ ناحق جي خلاف جهاد هو. ٻئي طرف جو ماڻهو ڌرم ۽ ستيه جي مارگ جو پانڌيڙو ٿئي ٿو سو هميشه بزرگيءَ ۽ سرفرازي کي رسي ٿو. جيڪو ڪٽنب يا جيڪا نيات اهو مارڳ وٺي ٿي سا سداءِ وڌي ۽ ويجهي ٿي. صلح، آزاديءَ ۽ سعادت جون نعمتون اُنهن قومن تي ورسنديون جي حق ۽ انصاف جي قانون جي پيروي ڪنديون.

ايشيا کنڊ جي سجاڳي

ليکڪ:- مولائي شيدائي

اُڻويهين صدي تائين يورپي لوڪ سڄي ايشيا کنڊ مٿان ڇانئجي ويا، اُنجو سبب هي هو جو وٽن سٺا جنگي هٿيار ۽ فوجي تعليم هئي. ايشيائي قومن کي نئين نموني جي هٿيارن کان واقفيت ڪانه هئي، ٻيو ته سندن حڪمران خود مختيار ۽ آپيشاهه هئا.

مغربي لوڪ واپارين، سياحن ۽ مشنرين جي لباس ۾ ايشيا ۾ وارد ٿيا. ايشيائي قومن جي غفلت، سادگي ۽ حڪمرانن جي ڪم طاقتي ۽ نفاقي مان فائده پرائي مٿن قبضو ڄمائي سندن گهرن جا مالڪ بڻجي ويٺا. مغربي قومن ايها دعوا پيش ڪئي ته اسان پورب ديش ۾ اَمن اَمان، نئين تعليم ۽ نئين تهذيب جي روشني آندي آهي. ڇا اُهي پنهنجي دعوا ۾ سچا هئا؟ سندن تهذيب ۾ تعليم مشرق تي ڪيتري وقت تائين جٽاءُ ڪيو؟

اٽڪل اڌ صدي مس گذري ته مشرق وارا پنهنجي قديم آزادگي، سادگي ۽ آسودگي کي ياد ڪري آزاديءَ جي يڌ جي ميدان ۾ ٽپي پيا. مٿين بيداري لاءِ ٻه سبب هوا. (١) اڳي پورب ديش جون سموريون پيداواريون پورب ۾ ئي رهنديون هيون جنهنڪري پيٽ جي سوال کان هرڪو آجو هئو. ڪمي لوڪن جو گذران ڳوٺاڻن هنرن تي منحصر هئو. يورپي قومن سائنس جي ٻهانه سان نيون ڪلون ايجاد ڪري ڏکيو سمو پيدا ڪيو آهي. ايشيا کنڊ جون قيمتي پيداواريون پڇم ڏانهن ڪڇي وڃڻ لڳيون، انڪري مشرق جا رهاڪو هر حال ۾ ڪنگال ٿي پيا. پيٽ جو سوال کين روزمره تنگ ڪرڻ لڳو. ويتر جو سندن نوجوانن مغربي تهذيب ڏانهن لاڙو رکيو اُنڪري قديم سادگي بدران منجهن عياشي ۽ ڪاهلي پيدا ٿيڻ لڳي. (٢) اُڻويهين صدي جي آخر تائين ته مشرق تي مغربي لوڪن جي فوجي قابليت ۽ فوجي هٿيارن جو سڪو ويٺل هو پر ١٩٠٤ ۾ مشرقي قومن مان جاپان جهڙي ننڍڙي ملڪ رشيا جهڙي عظيم الشان مغربي طاقت کي خشڪي ۽ بحري رستي جيتي مشرقي قومن جي دلين ۾ هڪڙي نئين اُميد

جي جهلڪ پيدا ڪري ڇڏي. هندوستانين، افغانن، ايرانين ۽ ترڪن انهن جا لوڪ جيڪڏهن جاپاني روس جهڙي سلطنت کي جيتي سگهيا ته ڇا اسين آزادي حاصل ڪري ڪين سگهنداسون؟ جاپان جيڪو مشرق اڳيان مثال پيش ڪيو اُنجو نتيجو هنو يت نڪتو جو ايشيائي قومون مغربي هٿيارن مان واقف ٿيڻ لڳيون ۽ منجهن مغربي فوجي تعليم رائج ٿيڻ لڳي. جنهن جنهن مشرقي قومن جي فوجي نظام ۾ سڌارو ٿيندو ويو تنهن سندن آزادي جي اميدن ۾ پڻ اضافو ٿيندو ويو. (٣) يورپ جون قومون سڀ هڪ رنگ آهن. منجهن مذهبي فرقه بندي ڪين آهي. اُهي سڀ عيسائيت جي هڪڙي دائري اندر شامل آهن. بخلاف اُنجي ايشيا کنڊ مختلف نسلن، جدا جدا رنگن ۽ سڀني مذهبن جو مرڪز آهي. اهڙي اختلاف ڪري ايشيائي قومون صدين کان هڪ ٻي کان وچڙيل رهنديون آيون آهن. يوروپي قومن کي مٿين مذهبي فرقه بندي جي ڪري موقعه هٿ لڳي ويو.

اڄ به يوروپي قومون انڪري پاڻ کي اُمن اُمان رکڻ جون اجاره دار تصور ڪن ٿيون جو سندن دعوا موجب ايشيا خاص ڪري هندوستان ۾ مختلف مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا. مٿيون ٻ ونگ ۽ زبردست سياسي چال به گهڻو وقت جٽاءُ ڪري ڪين سگهي. ڇاڪاڻ جو ويهين صدي جي شروعات کان ايشيائي قومون مذهب کي بالائي طاق رکي سياسي جدوجهد کي لڳي ويون آهن. مثال لاءِ هندوستان ۾ جيڪڏهن ورڻن جو سوال مٽجي چڪو آهي ۽ هريجن لاءِ مندرن جا در کلجي ويا آهن ته ايران جا شيعا، ترڪ ۽ سني جي صدين کان هڪ ٻي کان وچڙيل هوا سي هينئر آزادي جي شاهراه تي اتحاد ۽ عمل جي ڏور ۾ هڪ ٿي بيٺا آهن. غرض اُنگوره کان ٽوڪيو تاءِ ۽ راس ڪماري کان پامير تاءِ ايهو ئي آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته ايشيا آزاد آهي. ان باري ۾ خود يورپ وارا تسليم ڪن ٿا ته هينئر ايشيائي قومون بيدار ٿي چڪيون آهن.

(٢)

ايشيا تي اڄ ٻن مذهبن جو قبضو آهي (١) هندو ڌرم جنهن کان هندوستان، سيلون، برما، سيام، چين ۽ جاپان روشني ورتي. (٢) اسلام جنهن جو هنو قت هندوستان، ملايا، افغانستان، ايران، عراق، شام، ترڪي ۽ عربستان تي اثر آهي. جيتوڻيڪ ٻنهي مذهبن جا مٿا ڌار ڌار آهن پر سياسي نڪته نگاه سان سڀني ملڪن جي ايهائي خواهش آهي ته اُهي مغربي قومن جي فولادي چنبن کان آزاد رهن. گويا ايشيا وارن جو سياسي نصب العين هڪڙو آهي. بخلاف اُنجي يورپ وارن جو سياسي وايو منڊل گهڻو بگڙيل آهي.

مثال لاءِ لنڊن جي ڪورٽ آف سينٽ جيمس، برلن جي ريشتاغ، پئرس جي ڪونسل-ڊي-اورسي، ماسڪو جي يونٽن پارٽي يا روم جي گرانڊ فئسسٽ پارٽي وارن جا سياسي ايوان ڌار ڌار آهن. يورپ ۾ جيسين (Autocracy) جو دور هلندو پئي آيو تيسين يورپ وارن ڪا به ٻاهرين ملڪن تي فتح ڪا نه ڪئي هئي. ١٦٨٨ ۽ ١٧٨٩ ۾ انگلنڊ ۽ فرانس ۾ انقلاب پوڻ ڪانپوءِ يورپ ۾ جمهوريت ۽ پارليامينٽري راڄ پوڻ جو آغاز شروع ٿيو. تنهن ڪانپوءِ يورپ وارا ٻاهريان ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ اُٿيا. ساڳي ريت ايشيا جنهن صدين کان جو دور هلندو پئي آيو اُتي اُڻويهين صدي جي پڇاڙي ڌاري جمهوري ۽ پارليامينٽري راڄ برپا ڪرڻ لاءِ قومن سان جدوجهد شروع ڪئي. ترڪ عثماني شهنشاهت کي جمهوري سانچي ۾ ڍالڻ کي لڳي ويا. ايراني قوم پرست قاچار شهنشاهت کان بيزاري ڏيکارڻ لڳا. غيور افغان پنهنجي خود اميرن کان جرڳ لاءِ گهر ڪرڻ لڳا. چيناڻي مانچو خاندان جي شهنشاهن جي خلاف هٿ پير هڻڻ لڳا. هندوستان جي ١٨٥٧ واري بلوه کي ٿيهارو ورهيه ڪن مس گذريا ته ڪانگريس جو پڙاڏو بڌڻ ۾ آيو! دنيا ڏٺو ته ايشيا وارا پنهنجي اندروني انتظام کي سڌارڻ ۾ ڪامياب ٿي نڪتا. پهريون ١٩١٢ ۾ چين ۾ جمهوري راڄ برپا ٿيو. عالمگير جنگ ڪانپوءِ جڏهن يورپ وارا رومانف، هوهينزالرن، هئبسبرگ ۽ عثماني شهنشاهتن کي ڪيرائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي تڏهن ايشيا ۾ به بيداريءَ جي نئين لهر پيدا ٿي. ايشيا ۾ جيڪي به مختيارالمطلق حڪومتون هيون تنجو خاتمو ٿي ويو. ترڪي اندر مجلس عاليه مليه برپا ٿي. ايران ۾ مجلس جو نئون دور شروع ٿيو. افغانستان جهڙي ملڪ ۾ ١٩١٩ جي جنگ استقلال ڪانپوءِ پهريون دفعو جرڳ قائم ٿيو. هندوستان ۾ رولٽ انڪٽ ڪانپوءِ ڪانگريس سوراج لاءِ فيصلو ڪري ڇڏيو. گويا ايشيائي قومن پنهنجي ملڪيتن جون واڳون جو اڳ مختيارالمطلق بادشاهن جي هٿن ۾ هيون سي پاڻ سنڀالي ورتيون. تاريخن ۾ مثيون زبردست ”سياسي ڦيرو“ (Political change) سڏجڻ ۾ اچيٿو. اڳ ايشيا جون واڳون خود مختيار بادشاهن جي هٿن ۾ هيون جي بيدردي سان ملڪ ۽ قوم جا خزانا پنهنجن ذاتي معملن تي خرچ ڪندا هوا. يورپ وارن جا قرضائي هوا. يورپ جون سرمائيدار قومون سندن حڪومتن اندر سياسي جار پکيڙي سندن مقصوباتن تي قبضا ڄمائيندڙيون هيون. وزراتن کي مجال نه هئي جو بادشاهن جي ڪمن ۾ دخل ڏئي سگهن. خوش قسمتي سان ايشيا

جي صدين جي ڏتڙيل غلام قومن کي
قدرت بهترين تجربيڪار دماغن وارا
اعليٰ انسان نصيب ڪيا جنهي نگراني
۽ راهنمائي هيٺ اڄ اُهي قومون
آزادي جو ساهه کڻي ٿيون. سندن
شخصيت ۽ تجربي اڳيان يورپ جون
سرمائيدار قومون عاجز نظر اچن
ٿيون! اڄ ترڪ، ايراني، افغان،
چيني ۽ هندي جي اڳ هڪ ٻي کان
وڇڙيل هوا نه رڳو هڪ ٻي سان همدردي
رکن ٿا پر سڀني جي اها ئي خواهش
آهي ته هندوستان آزاد رهي. ڇاڪاڻ
جو هندوستان ايشيا ۾ مکيه ملڪ آهي
جنهنجي آبادي ۳۵ ڪروڙ آهي ۽
سندس جملي پکيڙ سڄي يورپ جيتري
آهي. اهڙين حالتن ۾ ايشيائي قومون محسوس
ڪري رهيون آهن ته جيسين ۳۵ ڪروڙ
هندوستاني آزاد ڪين ٿيا آهن تيسين سندن
آزادي به خطره ۾ رهندي. انڪري
سڄي ايشيا بلڪ دنيا جون اکيون
هن وقت هندوستان جي سوال تي کتل
آهن. پائين چئجي ته دنيا جي اَمن
۽ اَمان جو دارومدار هندوستان
جي آزادي تي منحصر آهي.

(۳)

ڇا هندوستاني پنهنجي آزادي جي
گهر ڪرڻ ۾ حق بجانب آهن؟
هندوستاني ڏسي رهيا آهن ته سندن پاڙيسري
جي تعداد ۾ ڪا نٿن گهڻو گهٽ آهن
جنهي آمدني سندن معمولي صوبي
کان به گهٽ آهي سي هڪ ٻي پنيان
آزادي حاصل ڪري رهيا آهن.
جيڪڏهن اهڙي پيٽا ڪري ڏسنداسون
ته اسانکي ڇٽائي سان خبر پئجي
سگهندي ته آزاديءَ جي جد و جهد
ڪرڻ ۾ ايشيائي قومن جي رفتار
موجوده زمانه ۾ ڪيتري رفتار تي
آهي. ۱۹۲۳ ۾ لاسين ڪانفرنس ۾
۾ ترڪي آزادي حاصل ڪئي.
۱۹۱۴ کان ۱۹۲۲ تائين مصر انگريزن کان
آزادي حاصل ڪئي. عربستان ۽
عراق آزاد آهن. ۱۹۰۷ کان وٺي
۱۹۲۶ تائين ايران يورپ جي چنبن کان
نڪري آزاد ٿيو. ۱۹۲۲ ۾ افغانستان
۾ جرگ (State Council) جو آغاز شروع
ٿيو. تعليم، تجارت ۽ ڏارين ملڪن سان
تعلقات قائم ڪرڻ ۾ افغان ڪامياب
ٿيا. غرض ڪيرو کان وٺي ٽوڪيو تائين
جيڪي به هندوستان جا پاڙيسري
ملڪ آهن سي آزاديءَ جو اڄ دم پري
رهيا آهن. اُن حالت ۾ اِهو لازمي
امر آهي ته هندوستاني آزادي جي
گهر ڪرڻ ۾ حق بجانب آهن. هندوستاني
پنهنجي آزادي جي جد و جهد ۾
ايشيائي قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾
ڏيئي بيٺا آهن. جڏهن ايشيائي قومن
کي هندوستانين سان همدردي آهي
تڏهن هندوستان به ساڻن همدردي ۽
جو قدم کڻندو ٿو اچي. سيوره جي
ذليل عهدنامه وقت ڪانگريس جي
ترڪن سان همدردي هئي. افغانستان
جي انقلاب وقت هندوستان امان

الله خان سان همدردي ڏيکاري. اڄ جاپان ۽ چين جي جنگ ۾ هندوستان چينائن سان همدردي رکيتو. اهڙيطرح ايشيا کان سواءِ يورپ سان به هندوستان همدردي رکيتو. مثال لاءِ اڄ فسطائي طاقتون يورپ ۾ جمهوري طاقتن جي خلاف آهن. ان باري ۾ هندوستان جي همدردي جمهوري سلطنتن سان آهي. جنگ حبش وقت ڪانگريس اٽلي جي ظالمانه قدم ڪڻڻ تي نفرت ڏيکاري. ١٨٥٧ واري بلوه ۾ هندوستان انگريزي هٿيارن کان شڪست کائڻ کانپوءِ سياست جي ميدان ۾ قدم رکيو. جيسين هندوستانين ۾ مغربي تعليم گهٽ هئي تيسين هندوستان جي آزادي جي رفتار به سست هئي. پر جئن جئن هندوستانين مغربي تعليم پرائي ۽ برطاني ڊپلوميسي مان واقفيت حاصل ڪئي تئن ڪانگريس جو آواز اڳي کان وڌيڪ بلند ٿيندو ويو. ١٩٠٩ ۾ منٽو مارلي ائڪٽ (Minto Morley Act) موجب هندوستان کي جيڪي سڌارا مليا تنهجي عيوض وفادار هندوستانين عالمگير جنگ ۾ انگلنڊ کي جيڪا مدد ڏني سا ڳالهه دنيا جي تاريخ ۾ عالم آشڪار آهي. هندوستاني آفريڪا جي ٻوڙهن جهنگن، عراق ۽ مصر جي ٻرندڙن رڻپٽن، فرانس جي برفاني علائقن ۾ انگلنڊ جي دشمن جا جنگ جي ميدان مان قدم اکيڙي ڦٽي ڪيا. خود انگلنڊ جي پارليامينٽ جي ميمبرن ڪرسين تان اٿي هندوستاني بهادر فوجن جو شڪريه ادا ڪيو. ضرورت هئي ته جنگ کانپوءِ هندوستان سان انصاف ٿيڻ گهرجي ها. پر برطاني وزارت جي مدبرن مان مسٽر لائڊ جارج، لارڊ ڪرزن ۽ مسٽر مانٽيگو هندوستانين لاءِ جيڪو ١٩٢١ ۾ نسخو تيار ڪيو سو اهڙو ڪارگر ثابت ڪين ٿيو جو زخمي هندوستانين جي زخمن لاءِ ڪا فوري مرهم جو ڪم ڏيئي سگهي! انڪري لاچار ٿي امن رستي ڪانگريس ”سوراج“ جو پروگرام قوم اڳيان پيش ڪيو. مٿيون پروگرام جنهن جي معنيٰ آهي ”ديش جي سيوا ڪرڻ ۽ سوديشي بڻجڻ“ سو رڳو هندوستانين لاءِ ڪين آهي پر سڄي ايشيا جي بيداريءَ لاءِ پيغام آهي. مٿين پروگرام ۾ اهو به ڏيکاريل آهي ته ايشيائي لوڪ مغربي تهذيب جي طلسم هوش ربا کان نڪري پنهنجي قديم شاندار تهذيب تي قائم رهن. اهو ايشيا کنڊ جنهن ڪو سمورن دنيا کي مذهب، تهذيب، هنر، علم ۽ حڪمت، واپار جو سبق سيکاريو سو اڄ ڇو يورپ اڳيان محتاج ٿئڻ کپي؟ اها پوتر سرزمين جنهن حضرت محمد عليه وسلام، مهاتما ٻڌ، ڪنفيوشس ۽ زرو شٽر جهڙا مها ودوان پيدا ڪيا تنهجي گيان کي اڄ ايشيائي ڇو وساري وينا آهن؟ اهو ايشيا کنڊ جنهن چنگيز،

خالد بن وليد، تيمور، خسرو پرويز، آسوڪا، چندرگپت ۽ وڪرما جيت جهڙا سيناپتي پيدا ڪيا ڇا اڄ اُن سرزمين ۾ ساڳيو جوهر موجود ڪينهي؟ اُهي سندربن جنهن مرايادا پرشوتم جهڙن ديوتائن ايشيا کي قوميت جو پيغام پهچايو، جنهن سري ڪرشن جهڙن يگوانن دنيا کي پريم ڀڳتي جو پيالو پياريو ڇا اُهي سندربن اڄ ويران ٿي ويا آهن؟ اُهي ايشيا ئي ڪاريگر جن مصر جا فلڪ بوس اهرام، بابل جا بلند مينار، پرسيپالس جا ايوان، راميشور، ٻڌگيا جا مندر ۽ تاج محل جهڙا خوبصورت محلات تعمير ڪيا ڇا اهڙن ڪاريگرن جو اڄ ايشيا مان وجود غائب آهي؟

(۴)

توري سوچ ۽ ويچار جي ضرورت آهي. يورپ وارن جي ڪاه ايشيا وارن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪرڻ لاءِ هڪڙو خواب هو! اُها اونداهي رات هينئر ختم ٿي چڪي آهي. ايشيا وارن جي نئين جيوت جي پرڀات شروع ٿي آهي. هرهڪ خزان جي موسم نئين بهار جي پيغام آڻي ٿي. اڄ وري مها راشٽر، سوراشٽر، ڪاشي ۽ پرياگ جي سندربن مان پريم جي پڪار ٻڌڻ ۾ اچي ٿي ايشيا جي صحرائن مان سوين قيس ۽ اويس پيدا ٿي چڪا آهن. ايشيا اڄ به علم ۽ هنر جي کاڻ آهي جتان هزارين بي بها گوهر پيدا ٿي رهيا آهن. يورپ وارن جي مادہ پرستي (Matterialism) ايشيائي روحانيت جي شڪتي اڳيان عاجز آهي. جيڪڏهه يورپ جي سرزمين دزرائلي، بسمارڪ، ڪارل مارڪس، لنن، هٽلر ۽ مسوليني جهڙا دماغ پيدا ڪري سگهي ٿي ته ايشيا جي سندربن ۽ صحرائن مان مهاتما گانڌي، ڊاڪٽر سين يات سن، جواهر لعل نهرو، سعد زاغلول، اتاترڪ ڪمال، رضا شاه پهلوي جهڙا سيناپتي، فلاسافر، ديش ڀڳت ۽ سياستدان پيدا ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهه يورپ جي نازڪ آب و هوا شيڪسپيئر دانتي ۽ گوئٽي جهڙا شاعر عالم وجود ۾ آڻي سگهي ٿي ته مشرقي خشڪ آب وهوا ۾ مولوي رومي، ٽئگور ۽ اقبال جهڙا دماغ ايشيا وارن جي دلين ۾ سوز ۽ ساز پيدا ڪري سگهندا. يورپ پنهنجي اوج کي رسي هينئر پٺتي هٽي رهيو آهي. سندس ايشيا ۾ بدل عمارت جا ٿنڀا هڪ ٻئي پٺيان پٽ اچي ڪري رهيا آهن. ايشيا وري نئين سر اقبال جي ڏاڪڻ تي چڙهي رهيو آهي. يورپي تهذيب جي طلسم جنهن ڪجهه وقت لاءِ ايشيا جي نوعمر جوانن جي دلين تي قبضو ڄمايو هو اُن طلسم جي هرهڪ ڪڙي ايشيائي منتر سان پاڻمرادو ڀڄندي ٿي وڃي. اُهو وقت پري ڪين آهي جڏهن هيڪر وري يورپ کي پنهنجي اُستاد ايشيا جي ٻڌي ۽ گيان (Wisdom) اڳيان سيس جهڪائڻو پوندو. ڇاڪاڻ جو ايشيا پراچين سمي کان وٺي ديوتائن جو آستان هلندو ٿو اچي.

پريم ۽ سڳنڌ

ليکڪ:- هري - جي - دريا ڻي، (دلگير).

هر ڪنهن ديس جي ساهتيہ ۾ ڪئين اشارا آيل آهن تہ گونا گون رنگن ۽ جدا جدا قسمن جي خوشبوءِ جو اثر سونهن ۽ سوڀيا، خاص ڪري زناني زيب ۽ عام دل جي جذبات يعني نفساني محبت تي تمام گهاٽو گهرو آهي. هن ليک ۾ مان رنگن جي لاڳاپي کي ڇڏي، فقط اهو ڏيکارينديس تہ سڳنڌ ۽ سرهاڻ جو جسماني پريم سان ڪيترو قدر تعلق آهي.

سڀ کان اول، انهيءَ ڳالهہ ڏانهن ازخود ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو تہ اها عورت ئي آهي جنهنجي سڳنڌ ۽ سرهاڻ جي تعريف ۾ دنيا جي جدا جدا شاعرن وڏهي شعر لکيا آهن ۽ گيت ڳايا آهن. زالون (خاص ڪري دکن ۽ گجرات پاسي) پنهنجي چوٽن ۾ گل، ڦل وجهنديون آهن ۽ ڪپڙن ۾ نفيس خوشبوءِ جا عطر اوتينديون آهن ۽ مڙد وري ڪوٽن ۾ گل وغيره وجهندا آهن. ان کان سواءِ رومالن ۽ وارن ۾ عطر ۽ سرها تيل وجهڻ ۽ اهڙا ٻيا بہ ڪئين نمونا آهن، جن سان پنهنجي بدن واسجي ٿو. انهن ڏٺو ويو آهي تہ زالون ايل قليل ڏانهن مڙدن کان گهڻو مائل آهن. شايد انهيءَ جو بہ ڪو من-وديا (Psychology) جو يا ڀيو ڪو وگياني سبب هجي.

اهو عام آزمودو آهي تہ جنهن جاءِ ۾ ڪنهن خاص قسم جي بدبوءِ هوندي آهي، اُتي انساني ٻاهر دير سان پڙڪندي آهي، مگر باغ ۾، خاص ڪري بهاريءَ جي موسم ۾ جڏهن قسمين قسمين گل ڦل دماغ کي جدا جدا سڳنڌ سان معطر ڪندا آهن، اُتي جسماني عشق دل ۾ پڙڪو ڏيئي اٿندو آهي. انهيءَ ڪري ئي شاعري دل بهار ۾ ازغيبي امنگ سان پورو ٿي ويندي آهي.

"آئي رت بسنت جي، ڪنڌار ڪڙيا،
ڪستوري خوشبوءِ ٿي، اچي پونثر پيا،
مونکي محبت مڙيا، لتا ڏک سک ٿيا."

(شاهہ)

ساڳيءَ طرح **وال-گووند** پنهنجي محبوبہ کي سک مان سڏڙو ڪري چوي ٿو:

"آءُ منهنجي منڙي!
سبز پوٽن ۾ تا مشڪن گل گلاب جا،
ڪارا ڪڪرن تا عرش تي؛
رابيل ۽ سوسن ٽڙن تا،
ساوري تلاءُ جي پر تي؛
بلبل ڳائي ٿي گيت،

آهي هوا ۾ خمار،
ٻيا ٻي قول هزارين،
صبا ۾ پکڙن ٿا سڳند،
آءُ منهنجي منڙي!"

مصر جي هڪڙي گيت ۾ به اهڙو آلاپ آلاپيل آهي. جيتوٽيڪ منجهس وڌاءُ گهڻو آهي، ۽ ايتري قدرتي نزاڪت ڪانه آهي، پر ته به منجهس نازڪ خيالات پکيڙيا آهي:-

"مان جيڪر ڌوٻي هجان،
جو هميشه ڌوئي نو ڪپڙا،
منهنجي دل جي راڻيءَ جا،
مان جيڪر سندس رومال مان سڳهان.
عطر جي رهيل خوشبوءِ،
لڌي مان سندس واس وٺي سگهندس."

هندو شاسترن ۾ ڏيکاريل آهي ته پريم جي ديوتا (Cupid) کي عام تير ڪمان جي بدران گلن جو ڌنش ۽ ٻاڻ آهن. منجهس ڪيترو نه مطلب ۽ معنوي رکيل آهي!

چين جي هڪ دلڪش راڳ ۾ هيٺيون سٽون آيل آهن:-

ٽينسن جي سيني حسين ڇوڪرين مان مون فقط ٻارهن پسند ڪيون آهن:-

ڪنيفو جي نزاڪت ۾ شاعرانه خيال پوئل آهن،
منجهس جلوه جو جمال، ۽ غيب جو ڪمال آهي،
سندس عڪس سوهاڳ سان ڀرپور آهي،
ٻي-جو صاف ۽ شفاف آهي،
سندس جسم عاج آهي ۽ آلما برف،
ڪلي لوڙي روئي، ته پي ساڳي وٺندڙ،
جڏهن پنهنجا گلابي چپ کولي ٿي،
تڏهن ساري ٽينٽسن کي خوشبوءِ سان ڀري ٿي!"

ايران جي شعر ۾ به اهڙا خيال جهجها آهن - پر هتي به شاعرن گهڻو ڪري زالن جي زينت جو نقش وڌو چٽيو آهي. مرد گهڻو ڪري گل ڦل ۽ ٻيون سڳنڌيون ڪم نه آڻين. **گلستان** ۾ **سعدي** پنهنجي معشوق جي جسمن - ڇهري ۽ خوشبودار وارن کي وڏي آسمان ۾ اڏايو آهي ۽ پڳل دل سان وڌو ڳائي ٿو ته ڪٿي نه باد صبا جي نازي ماڪ - پنل خوشبو ڪيس عشق-گاه ڏانهن اوري آڻي رهي آهي. **حافظ** به چڱا چٽ وڌي چٽيا آهن:-

"بتي دارم که گرد گل ز سنبل سايه بان دارد
بهار عارضش خطي بخون ارغون دارد"

وري ٻئي هنڌ:-

"نه من بر آن گل عارض بسرايم و بس
که عندليب تو از هر طرف هزار اند"

يا:-

"نقاب گل کشيد زلف سنبل
گره بند قباي غنچه واکرد"

فريد دين عطار پنهنجي **پند-نامه** ۾ لکي ٿو ته زالن کي خوشبودار تيل ڦليل ۽ رنگيل پير ڏيڻ سان خوش ڪري سگهجي ٿو. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن بغداد جي خليفي وٽ ڪنهن حسين نازنين کي دربار ۾ ڪنيزه ڪري وٺي آيا. سندس چهرو چنڊ کي شرمائيندڙ هيو ۽ جسم شاخ گل جيان لچڪندڙ. مٺي زبان سندس زيور ۽ عقل خزانو هيس. رات جي چپ چپاتيءَ

ڀريل اولاد جي پوش ۾ حسين خليفي کي
پنهنجي جوڀن ۽ جسم سونهن کان انڪار
ڪيو. تنهن تي خليفي ڪاوڙ جي شاهي
ڏنڊي سان سندس مغز ٿي ڦوڙيو. "وڃڻ ڏي
نه تلوار سان مونکي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏ،
پر مونکي همت نه آهي" نازنين ڪاوڙ مان
چيو. تنهن تي خليفو صاحب ويچار ۾ پئجي
ويو ۽ آخر آهستگيءَ سان پڇيائين، "پلا
الهيءَ جو سبب ڪهڙو منهنجي جان؟"
"تنهنجي وات جي بدبوءِ منهنجي دل ۾
تولاءِ تڪرار پيدا ڪري رهي آهي. موت
سان آءٌ هڪ دفعو مرد اٿس يا تنهنجي ڏپ
سان ....!"

خليفو شرم ۾ ٻڏي ويو ۽ صبر ۾ رهيو.
دوائون وٺڻ شروع ڪيائين ۽ آخر سندس
وات مان گلن ڦلن جي سرهاڻ اچڻ لڳي.
ٿوري وقت کان پوءِ الهيءَ ساڳيءَ حسين
کي هن پنهنجي شاهي بيگم بڻايو. جڏهن
ماڻهن سبب پڇيس، تڏهن چوڻ لڳو، "هن
مونکي منهنجا عيب ٻڌايا ۽ ٻيهڪوري
مونکي پيار ڪندي هوندي"!

ايران جي گلشن ۽ عربستان جي وچ
گهڻو مفاصلو ڪونه آهي. شاعر **مطنبي**
پنهنجي محبوب واسطي هيئن ٿو چوي:-
"هنجا سنهڙا چپ گلابي گلن جي پنکڙن کان
وڌيڪ نازڪ ۽ خوشبودار آهن. هنجي
سنبل مثل زلفن کي ڏسي مشڪ ختن بازار
۾ سستي ٿي پئي." (Arabian-Nights) ۾
هڪ زال جو هن طرح بيان ڏنل آهي:-
"سندس اکيون ڪاريون، ۽ وات خوشبودار
آهي. سندس صوف مثل ڳلن ۾ وائيل ۽
گلاب جي خوشبوءِ جو ميل آهي."

گهڻا يو اساڻي **شاهه صاحب** به نه آهي.
خاص ڪري موهل راڻي ۾ ته اچي پلٽ
پلٽان ڪئي اٿس:-

"عطر ۽ عنبير سين تازا ڪياتون تن،
مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوڏا ساڻ چندن"

وري پئي ڪنهن هنڌ:-

"اگر اوطاقن ۾، ڪٿوري ڪئن،
اوليائون عنبير جا مٽي تاڪ ٽڙن"

جڏهن راڻو موهل سان رسي ويو آهي،
تڏهن پرينم ڪـــي لوچ ٽاڻ لاءِ درد ڀريون
دانهون ڪري هنڪي پنهنجي "مشڪ ماڻڻ"
لاءِ عرض عروض ڪري رهي آهي:-

"رس ۾ رسڻ گهوريو، اڌ اوراهون چور،
لوريءَ ڪاڪ ڪڙي ٿي، ساڻ سرڪند سور،
اچي چندن چوڙ، نه سوڀيا سکياڻي ٿيان"

زالن جي سڳنڌ وغيره کي ڇڏي شاهه
سائين مڙدن ڏانهن به ڪئي ڪئي اشارو
ڪري رهيو آهي، جئن ساڳي سر موهل
راڻي ۾ چئي رهيو آهي:-

"اچي ٿي عطر جي منجهان مڪت بوءِ"

عمر ماروئيءَ ۾ پڻ مارئي ور ور ڪري
"وارن واسڻ" جو ذڪر ڪري رهي آهي.
ساڳيءَ ريت سسئيءَ پنهوءَ ۾ پڻ **سچل سر
مست** جڏهن

"ڪيچئون آيو ڪاڦلو ڪٺي عطر عنبير"

جا ٻول ٻولي رهيو آهي. ساڳيو المست
شاعر پنهنجي پيڪڙي، قرب جي قاصد کي
سڏ ڪري چوي ٿو:-

"آءٌ ڪانگل ڪانئين، تا تون تي عطر اوليان"

پئي هنڌ وري سندس ڪنهن کي ڪٿوريءَ
۾ ٻوڙڻ لاءِ چيو اٿس.

ٿو ڏيئي ۽ جام لٽا ڇيئي واري ڳالهه ۾ پڻ اهڙا ڪئين اشارا آيل آهن، جئن:-

"ٽڙهن ٻوءِ مشڪ عطر جي اچي منجهانس خوشبوءِ"
(سچل)

يا:-

"واسيا ولن ويس ۾، هين ڪنهن جي ڪستوري"
(سچل)

سنڌ جي جهونن شاعرن کي ڇڏي، جيڪڏهن اڄ ڪلهه جي نون شاعرن تي نظر ڦيرائبي ته به اهڙي نموني جون تشبيهون وغيره ۽ پيا اشارا گهڻا نظر ايندا:-

"جهوڪ شهر جون جايون،
مشڪ عطر سان مايون،
وڻ ته چندن سي واسن."
(وڪيل شاه)

يا:-

هلي جو يار خوش اطوار منجهه بازار يا ٻاهر،
ٿئي مهڪار خوشبودار مان رفتار ره ره ره.
(بلبل)

يا:-

صاف سيني سان سڄڻ ٽنهنجي جڏهن گل ملندو،
مان ته سمجهانئو تڏهن ٿيندي قيامت گل جي.
(بيوس)

يا:-

ٽنهنجي وارن جي عجب خوشبوءِ خرخر کي ڏسي،
سوز ۾ سنبل سڙي، ۽ رنج ۾ ريحان رهي.
(دکايل)

ٽنهن کانسواءِ "ناز" "زلف مشڪين" بابت گهڻا ئي دفعا لکيو آهي. ٻين شاعرن بي گهڻو چيو آهي.

يورپ جي جهونين ۽ نين ٻولين ۾ اهڙيون ڳالهيون گهڻيون لکيل آهن. (Illiad) جي ڇهين ڪتاب ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪئن (Andro Mache) وٽي اچي ٿي (Astyanax) کي پنهنجي خوشبودار ڇاتيءَ ۽ ڳلاٻي اره ڏاٿهن.

Horace هڪ حسينه تي لکيل شعر کي هئن ٿو ختم ڪري:-

"پڇيو ماٿا ٿون ڏکن ٿيون،
پنهنجي جوان پٽن واسطي،
پڻ خوف کن ٿا پيدا ۽ پيوسن،
۽ ٿيون غريب ڪنواريون پڻ،
ته متان ٽنهنجي مهڪار،
هنن کي بيهوش ڪري ڇڏي!"

شيڪسپيئر، انگلنڊ جو ناٽڪ نويس به **روميو-جوليٽ** ۾ ساڳئي نموني جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. Cymbeline ۾ هو رڙ ڪري چوي ٿو، "...... اها سنڌس مهڪار آهي، جا ڪوٺيءَ کي سرهاڻ سان ڀري رهي آهي."

انگلنڊ جو ڪمال شاعر Shelly پڻ هڪ هنڌ لکي ٿو:-

"مٺا رلاءِ سيج گلن جي بڻائجي."

Chatoau briand به پنهنجي Atala ۾ وارن جي سڳنڌ جو عجب اثر ڏيکاري رهيو آهي:-

"انهيءَ ڏينهن،
ٽنهنجي ڪاڪل مان هوا گهلي،
آئي منهنجي منهن ۾،
۽ ٿو پاڻ کي اڇلايو،
منهنجي سيني متان،
اُن وقت مون سمجهيو،

ته ڪي غيبي گلن جون ڊيوڙيون،
مون کي چمي رهيون آهن."

Franz-Grillparzer پڻ اهو انسان هو، جو فقط زناني سڳنڌ ۽ سرهاڻ تي مدهوش ٿي نفساني خواهش ۽ تمنا جي طوفان ۾ گهاڙجي ويو. پاڻ لکي ٿو:-

"مون مس ...... ڪي ڪڏهن به پيار نه ڪيو، پر جيڪڏهن ڪٿي ڪيم به، ته اهو پڻ ڏينهن کان وڌيڪ نه. هر هڪ پل ۾، هر هڪ ساعت ۾ هوءَ مون ڏانهن وڌيڪ لاغرض ٿيندي وئي، ۽ منهنجو پيار منهنجي دل ۾ اجها منڊڙ چراغ مثل گل ٿي ويو. بعضي بعضي هوءَ مون کي پنهنجا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندي هئي ۽ مون کان پڻ منهنجا ڪتاب اڌارا وٺندي هئي. جنهن به ڪتاب کي هوءَ هٿ لائيندي هئي، تنهن ڪتاب مان هڪ خاص خوشبو ايندي هئي، جا هوءَ ڪتب آڻيندي هئي. هينئر ته چار پنج مهينا گذري ويا آهن، جو مان هن سان نه مليو آهيان. تازو اڄ هن مون کي هڪ ڪتاب موٽائي موڪليو آهي، جو هن کي اڳي اڌارو ڏنو هيم. جنهن جي خوشبو سنگهي رهيو آهيان تنهن منهنجي دل ڏڙ ڏڙ ڪري رهي آهي ۽ مان هن کانسواءِ پيو ڪو به خيال ڪري نٿو سگهان. جيڪڏهه هوءَ هتي حاضر هجي ها ته مون ۾ سندس واسطي انساني آگ پڙڪو ڏئي اڳي کان به زور شور سان ٻري ها ۽ مون کي ساڙي رکي ها."

سپين جي مشهور ناول (El Gusano de luz) (ڪاپ ڪيمپتو) ۾ هڪ مزيدار ڳالهه لکيل آهي ته هڪ جوان سندري ڪنهن ڳوٺاڻي نوجوان سان گڏ جي ٿي، جنهنجي ڪپڙن مان هڪ قسم جي خاص خوشبو اچي رهي آهي. هنجي دل ۾ هڪ عجيب جذبات پيدا ٿئي ٿي، جنهنکي نه هوءَ سمجهي ٿي ۽ نه جنهن بابت ڪجهه ڳالهائي سگهي ٿي. ٿوري وقت کانپوءِ هوءَ پنهنجي ماءُ سان گڏجي ٿي ۽ هن ۾ به اهڙا ڳوٺاڻي نوجوان واري ساڳي خوشبوءِ سنگهي ٿي، پر تفاوت فقط هي آهي ته هيءَ خوشبوءِ اڳينءَ کان گهڻي تيز آهي، جئن پراڻي شراب ۾ باس گهڻي ٿيندي آهي. تنهن کانپوءِ هوءَ هر روز ماءُ جي ٽوپيءَ (Hat) ۾ منهن وجهي سندس خوشبوءِ سنگهندي هئي ۽ اها چٽڪ عادت ناهي ڇڏيائين. جيڪڏهن انکي ڪو هزار ٽوپيون آڻي ڏئي ها ته هوءَ خوشبوءِ سنگهي پنهنجي ماءُ جي ٽوپي يڪدم لهي سگهي ها!!

ڪائونٽ ٽالسٽاءِ پڻ اهڙي قسم جون ڳالهيون لکيون آهن. (War and Peace) ۾ هو ڏيکاري ٿو ته ڪئين (Count Pierre) جي دل (Princess Helen) سان شادي ڪرڻ تي آئي ٿي، جڏهن هو ناچ گهر ۾ سندس عطر جي خوشبوءِ سان معطر ٿي ويو هو. (La-faustin) ۽ سندس ڀاءُ (Jules) جي لکيل ڪتاب (Ranee Mauprin) ۾ به ساڳي ڳالهه آهي، جا هيٺ ڏجي ٿي:-

"آخر هن سان پريم جو پيچ اهڙو پختو پئجي ويس جو هوءَ جڳهه ڪي ڇڏي فقط هن لاءِ ۽ هن ڪري جيئڻ لڳي. هو سندس آرزوءَ جي ابتدا ۽ انتها هو. جيا پو ۽

آڌار هو...... آخر جڏهن موڪلائڻ جو وقت آيو، تڏهن هوءَ روئندي هن سان ٻلڪل لڳي ۽ پنهنجا هٿ هنجي وارن ۾ وجهي، يڪدم مٿن دستانا چاڙهي ڇڏيا ئين. اهو سڄو ڏينهن، ۽ پوءِ ايندڙ ڏينهن، جڏهن هوءَ پنهنجي مڙس ۽ ڌيءَ جي حاضري ۾ هئي، هن پنهنجي هٿن کي (جن کي هن ڌوتو نه هو) ويٺي سنگهيا ئين. اهڙيءَ طرح هنجي وارن جي خوشبوءِ ذريعي سڄو ڏينهن وٽئي پنهنجي ساجن جو واس ورتائين*.

هندستان ۽ ٻين ديسن ۾ اهڙيون ڳالهيون ۽ اهڙا اشارا پيا ڪتبن آهن، جي هتي ڏيڻ اڻو سگهان. جي ٿي سگهيو ته ٻئي ڪنهن دفعي "جدا جدا رنگ ۽ سنڌن پوريءَ سان تعلق" تي ليک لکي لوڪن اڳيان پيش ڪندس.

نوٽ:- هن ليکجو پهريون خيال (Dr. Iwan Bloch) جي هڪ ليک تان ورتو ويو آهي.

سانوڻ جي رت

وزن:- فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلات

١- آئي رُت سانوڻ سندي مينهن وسي ڪڪرا ملار،
ٻوٽ وسيا ۽ پٽ وسيا سرها ٿيا سانگي سنگهار.

٢- گاه ساوا سبز ٿيا هو سؤ پيا پاٽـــن تراه،
ڀريا پوئن وٺي چؤطرف پنهنجا ڏڻ ڏرار.

٣- سب ڇڏي ٻيليون ۽ ٻورا پور لڪتا سانگ لي،
ڳئون وٺي ڳنوار پنهنجون مينهيون ميڙي مهار.

٤- ذوق شاديون ٿيون ولهارن ۾ وڏا ڪيا وس وسن،
سو پٽن چاڙهي آڏي وڻنا پڪا پنهنجا پهوار.

٥- هڪ طرف گاجيون ۽ گوڙيون ٻي طرف ڪوڪيون ڪنون،
مينهن ٿهه ٿهه ڪيو ٿمن باهيون پون چوڏس هزار.

٦- خوش ٿيون سرهيون سنگهارون پٽ ڦون سينگار ڪيو،
لوڀيون لاکيون لال سرتي ڳچيءَ پوپو پايو هار.

٧- ڪيا منڊل پرساس پرسي گلِ ٽڙيا پونن مٿي،
زعفـــران و سنبـــل و نـــرگس ڪلغـــا ڪنڌار.

مرحوم گل محمد هالائي (گل)

١٦ اپريل

ليکڪ :- ڪنور راجيندر سنگھ.

ڪنور صاحب بلڪل وڏنڊي نگاھ سان هي، شيواجي جو جيون چرتر لکيو آهي هي ليک "گرئنڊ ڊيل" نالي مشهور ڪتاب جي آڌار تي لکيو اٿس.

١٦ اپريل هندوستان جي اتهاس ۾ هڪ مکيه تاريخ آهي. ٣١١ ورهه اڳ، ان ڏينهن شيواجي جو جنم ٿيو هئو. اهي پورا آتما ئون روز روز پيدا ٿيون ٿين جي دنيا ۾ پنهنجو نام و نشان ڇڏي وڃن ٿيون. هونئه به هي دنيا آهي، جنهن ڪيئي آيا ڪيئي ويا، پر سڀني جو اچڻ وڃڻ هڪ برابر نه آهي. جيڪي پنهنجي لاء ئتا جيئن اهي مري جيئرا ٿين ٿا. ۽ ٻيا اهڙا وري ٿورا آهن جي مٺن جي برابر آهن. وڏن ماڻهن جو رستو گلن سان ڇانيل نه هوندو آهي. انهن کي تڪليفن سان اهڙو ته مقابلو ڪرڻو پوندو آهي جو فقط انهن جي دل ئي ڄاڻي ٿي.

شيواجي جي زندگي تي نظر وجهبي ته هڪدم معلوم ٿيندو ته انجي رستي ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتن دربيش آيون پر هن مڙس ٿي انهن کي منهن ڏنو. ڇا نه سندس دلي طاقت هئي!

شيواجي جي اتهاس ڄاڻڻ کان اڳ، ۾ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته انوقت ديس جي، حالت ڪهڙي هئي ۽ هندوجاتي ڪهڙي مصيبت ۾ گرفتار ٿيل هئي. گهري سٺل انسان کي سجاڳ ڪرڻ ۾ ڪيتري نه دقت ٿيندي آهي پر ان جاتي کي جاڳائڻ ڪيڏو نه مشڪل ڪم هو جا پنهنجو پاڻکي وساري سون هزارن سالن کان سٺل هئي. اهو وقت هندوجاتي جي جيوت ۽ موت جو هو. مهاطاقتور مغل حڪومت جو هٿن ٻيرن سان مقابلو ڪرڻ شيواجي جوئي ڪم هو.

ڪي تواريخ نويس شيواجي کي دوکي باز ۽ وشواس گهاتي لکن ٿا. جيڪڏهن هو ديوسمان افضل خان جي پاڪر ۾ ڇپيا ئجي پاسريون پيهائي ها ته ڪيس جيڪر اهي لقب نه ملن ها. هر ڪو انسان پنهنجي بچاء لاء طاقت آهر ڪوشش ڪريٿو. اهو قدرتي سڀاء آهي. يؤ جي ڄاڻ قدرتي گيان دواران پراپت ٿيندي آهي. شيواجي تي وشواس گهاتي هجڻ جو دوش تڏهن لڳائي سگهجي ها جڏهن هو پهرين حملو ڪري ها. جڏهن سندس جان تي اچي مصيبت ڪڙڪي تڏهن ئي هن لوهي چنبن کان ڪم ورتو.

سنہ ١٢٩٤ع کان مهاراشٽرا تي افغانن جا حملا شروع ٿيا هئا ۽ ١٣١٣ع تائين انهن کي پوري فتح ملي چڪي هئي. مرهٽن کي پنهنجي وڃايل آزادگي وري حاصل ڪرڻ کي ساڍا ٽي سؤ ورهيه گذري چڪا هئا.

مالوجي راؤ احمدنگر جي بادشاهه وٽ نوڪر هئو ۽ هنجي شادي هڪ دربار جي وڏي عهديدار جي ڌيءُ سان ٿي هئي. ١٥٩٤ ۾ کيس هڪ پٽ ڄائو جنهنجو نالو شاهجي رکيائين. هنجي شادي ڏاڍي عجيب ڍنگ سان ٿي هئي. ان وقت احمدنگر ۾ هڪ لاکوجي نالي وڏو شاهوڪار آدمي رهندو هو. هنجي شاهي دربار ۾ ڪافي عزت هئي. وٽس هولي جو ڏڻ ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو هو. سنہ ١٥٩٩ واري هولي جي موقعي تي لاکوجي جي ڌيءُ جيجا بائي، مالوجي جي پٽ شاهجي تي ڍوڙي ڍوڙي رنگ وجهڻ لڳي ۽ هو به انجي پڳڙي لاءِ ٽي ڍڪيو ۽ مٿس گلال ٿي هاريائين. ٻئي گلال سان رڱيل هئا ۽ ٻنهي ٻيني ٿي ڪليو ته اپٽري ۾ لاکوجي الاجي ڪٿان اچي نڪتو ۽ انهن ٻنهي کي اهڙي طرح خوش ٿيندو ڏسي پاڻ به بلڪل خوش ٿيو ۽ سندس واتان نڪري ويو ته ”ڪهڙي نه عجيب جوڙي آهي.“ اميدون اکين تي پردو وجهي ڇڏينديون آهن. مالوجي پنهنجن دوستن جو ڌيان انهن لفظن ڏانهن ڇڪايو. لاکوجي کي سپني ۾ به اهو ڌيان نه هئو ته سندس رواجي شبدن جو ڪو غيرواجبي ارٿ ڪيو ويندو. سماج جي خيال کان لاکوجي ۽ مالوجي جي وچ ۾ رات ڏينهن جو فرق هو. ان وقت لاکوجي لکن جو مالڪ هو ته مالوجي فقط هڪ رواجي سپاهي هو. مالوجي جي ڳالهه کي لاکوجي ان وقت ڪلي ٽاري ڇڏيو، سمجهيو هوندائين ته هولي ۾ گهڻيئي اهڙا چرچا ۽ مسخريون ٿينديون آهن. مالوجي چپ ڪري وهڻ وارو شخص نه هو. هنجي نظر آسمان ۾ هئي، هن ٻي ڏينهن باقاعدي مڱڻي جي نينڍ موڪلي. لاکوجي جو منهن ٽامڻي هڻي ويو ۽ انهي پيغام کي پنهنجي بي عزتي سمجهي چوائي موڪليائين ته هن اپمان جو فيصلو دوبدو لڙائي ڪندي. هن جهڳڙي جي خبر وڃي بادشاهه جي ڪنن تائين پهتي. هنکي ڳڻتي وڌي ويئي. هن ٻنهي مان هڪ کي به ناراض ڪرڻ نٿي گهريو. لاکوجي جي هندن ۾ خوب ناموس هئي ۽ مالوجي وري بهادري ۾ مشهور هئو. بادشاهه مالوجي کي پنج هزاري (ان وقت اهو عهدو تمام اوچو سمجهيو ويندو هو. پنج هزار فوج جو اهو آفيسر ٿيندو هو) جو عهدو عطا ڪيو ۽ جاگير به ڏني. ان کان پوءِ لاکوجي کي سمجهائي جيجا جي شادي شاهجي سان ڪري ڏيڻ لاءِ راضي ڪيائينس. پنجن ڇهن سالن

کان پوءِ جيجا جي شادي شاهجي سان ٿي. انهن جي ڀيڻ پٽ جو نالو سمڀاجي هو، جو هڪ رواجي جنگ ۾ مارجي ويو هو. شاهجي ٻه پنهنجي پيءُ مالوجي جيان احمد نگر جي بادشاه وٽ نوڪري ۾ بيٺو هو ۽ سنه ١٦١٦ ۾ جڏهن ان حڪومت جو ڏيئو گل ٿي ويو تڏهن هو بيجاپور هليو ويو ۽ اتان جي بادشاه کيس سنڌس پيءُ واري جاگير عطا ڪئي.

بيجاپور هڪ پراڻي مسلماني حڪومت هئي. هوءَ نالي ۾ سو آزاد هئي پر حقيقتاً دهلي جي بادشاه جي اڌين هئي. شاهه جهان احمد نگر جي حڪومت کي لڙائي ڪري جيتيو هو جنهن کيس بيجاپور تي قبضي ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي. شاهجي جي جاگير دهلي واري رستي تي هئي. جڏهن دهلي کان حملو شروع ٿيو تڏهن ٿورن ڏينهن تائين شاهجي انهن سان وڙهندو رهيو. پر هو لڙائي ٻه ڪيستائين ڪري؟ ڪيڏانهن شاهجي ۽ ڪيڏانهن شاهي فوج! جڏهن مقابلي مان ڪجهه ڪو نه ڪٿو تڏهن هو سمڀاجي کي ساڻ ڪري بيجاپور هليو ويو. جاگير کي ڦٿو ڪيائين ۽ پنهنجي استري جيجا ٻائي کي ٻه ڇڏي ڏنائين جنهن سان سنڌس اڻبڻت هئي. جيجاٻائي شونير نالي ڳوٺڙي ۾ هلي وئي ۽ اُتي رهڻ لڳي. ساڻس فقط پنج اٺ وشواسي نوڪر هئا. مصيبت ۾ ڪير ڪنهن کي مدد ڏيندو آهي؟ جڏهن پٽيءَ تي متائس هٿ کڻي ڇڏيو ته ڏهن ڪنهن سان شڪايت ڪري؟ سچو ڏينهن سنڌس جاءِ جو دروازو بند رهندو هو. دهلي ۽ بيجاپور جي فوجن جا سپاهي چوڌاري لٽ ڦر ڪندا رهندا هئا. پکهار ڪنهن کي ڪانه ملندي هئي. تڏهن هو پوءِ ڪن تي ڇا! هو فصل پيلائي ڇڏيندا هئا، جانور هڪلي ويندا هئا، ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي زوري کڻي ويندا هئا. اهي سڀ اتياچار هندن متان ٿي ٿيندا هوا. جيجاٻائي گرڀ وتي هئي ۽ هر وقت لڙائن جا احوال پيا ڪن پوندا هئس. وڳيان دوارن اهو ثابت ٿيو آهي ته گرڀڻي عورت جو ڏسندي يا ٻڌندي اهنجو اثر ٻار متان پوندو. شيواجي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي بهادر ٻڻجي رهيو هو. اهو حال نيپولين جو ٻه ٿيو هو. شيواجي جي ماءُ ڪيترا دفعا سپنو لڌو هو ته ديوي کيس چئي رهي آهي ته سنڌس پيٽ وارو پٽ وڏو پراڪرمي ۽ پرتاپي ٿيندو ۽ هندو جاتي جو اُڌار ڪندو. ١٦ اپريل ١٦٢٧ع جو

"شاهه ڪو للن، دلي دل ڪو دلن
افضل ڪو ملن، شوراج آيا سرجا"

شاهجي پنهنجي وڏي پٽ سمڀاجي سان گڏ بيجاپور ۾ هئو، تنهنڪري شيواجي جي پالڻ پوشڻ جو سمورو ٻار جيجاٻائي تي پيو. چئني طرفن اشانتي ڦهليل هئي. اهڙين حالتن ۾ هوريان هوريان شيواجي ڇهن سالن جو ٿيو.

مغل فوج اچا بہ شاھجي جي ڳولا ۾
هئي، پر هوءَ سڀاجي ٻيجاپور ۾ سلامت
هئا. انهن کي پنهنجو غصو تہ ڪنهن
تي لاهي اچڻو هو، تنهنڪري جڏهن
کين اها خبر پئي تہ جيجا ٻائي ۽
شيوا جي ڪٿي لڪل آهن تڏهن
اچانڪ انهن حملو ڪيو ۽ جيجا ٻائي
پڪڙي ويئي، ليڪن کين شيوا جي هٿ
نہ آيو. هنکي هڪ نوڪر پنهنجي دروازي
کان جهنگ ڏانهن وٺي ڀڄي ويو.
جيجا ٻائي کي پالڪي ۾ وهاري کيس
مغل سينا سان ويمبڪ ۾ آندو ويو.
ٽي سال سارا نوڪر شيوا جي کي
جهنگلن ۾ لڪائيندو آيو ۽ جيجا ٻائي
هڪ ڳوٺڙي ۾ قيد رهي. چوٿين سال
جڏهن شيوا جي جي عمر ڏهہ سال
ٿي تڏهن موقعو وٺي جيجا ٻائي قيد
مان ڀڄي نڪتي ۽ اُتي وڃي پهتي
جتي شيوا جي لڪل هئو.

دهلي ۽ ٻيجاپور جي وچ ۾ وقت بوقت
ڇيڙ ڇاڙ ٿيندي رهندي هئي. ليڪن
مقابلو وري ڪهڙو هو؟ ڪيڏا نهن
مغل حڪومت ۽ ڪيڏانهن ٻيجاپور!
جڏهن صلح جون ڳالهيون ٿي هليون
تڏهن شاهہ جهان ٻيجاپور جي نالي
طور سلطان کي هڪ گهوڙو موڪليو.
جواب ۾ جو خط ويو سو علم ادب
(ساهتيہ) جو هڪ عجيب نمونو هئو.
گهوڙي جي ٻين تعريفن سان گڏ ان
خط ۾ هي بہ لکيل هو تہ ” اُنجو پڇ
ليلاءِ جي وارن کان بہ وڌيڪ خوبصورت
آهي “. ١٦٣٧ع ۾ دهلي ۽ ٻيجا ... ي
وچ ۾ صلح ٿيو. هينئر شاهجي، جيجاٻائي
۽ شوا جي کي ٻيجاپور گهرائي ورتو.
شاهجي ٻي بہ شادي ڪئي هئي جنهن
مان پڻ کيس هڪ پٽ ڄائو هو جنهن
جو نالو **بيڪوجي** يا **ونايڪوجي**
هئو. شاهجي جيجاٻائي کي انهي لاءِ
ڪونہ گهرايو هو تہ هو ساڻس گڏ رهي
پر انهي غرض سان گهرايو هئا ٿينس
تہ جئن شوا جي کي لکڻ پڙهڻ سيکاري
کيس ٻيجاپور جي بادشاهہ وٽ نوڪري
وٺي ڏئي ۽ سندس شادي ڪرائي.
اڄ ڪلهہ جي پٽائن جي بہ ساڳي نقطہ نظر
آهي تہ ڇوڪرو چاهي گود ۾ هجي
خواه پنڌ ڪري سگهي تہ هڪدم کيس
شادي ڪرائجي جئن سندس پيءُ
کي سنتوش ٿئي تہ هن پنهنجو فرض
پاليو. ڪهڙي نہ عجيب فرض ادائي
چئجي! جيجاٻائي شوا جي جي شادي
جي بلڪل برخلاف هئي. هنجي اها
مرضي نہ هئي تہ سندس ٻيجاپور ۾
شادي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ اُتون جا
هندوان وقت آچار ۽ وچار کان
ڀرشٽ هوا. شوا جي جي ماءُ ۽ پيءُ
جي وچ ۾ مت ڀيد تہ هئو پر هو ماءُ جي
ڏوري ۾ ٻڌل هئو. شاهجي شيوا جي
سان راضي بہ هئو ۽ ناراض بہ. هو
راضي انهي ڪري هو جو هو چالاڪ
۽ ڳالهائڻ جو چتر هو. هو ننڍپڻ کان
وٺي راندين روندين جي بجاءِ
پيءُ سان حڪومت جي ڳالهين بنسبت

بحث ڪندو هو. هو ڪانئس ناراض ان ڪري هو جو هو سخت ضدي هو ۽ جڏهن ضد تي چڙهندو هو ته ڪنهن جي به ڪا نه ٻڌندو هو. هڪ ڏينهن شاهجي شواجي کي سلطان سان ملائڻ لاءِ وٺي ويو. رواج موجب آدمي ايترو جهڪي سلام ڪندا هئا جو سندن سر ڌرتي سان گسندو هو. شاهجي کي به ائين ڪرڻو پوندو هو ۽ ان ڏينهن به ائين ڪيائين. شواجي صرف هٿ جوڙي نمسڪار ڪئي، جئين مرهٽا پنهنجن وڏن جي مرحبا ڪندا هئا. پيءُ جي سمجهائڻ ٻجهائڻ تي به شواجي مٿو ٽيڪي سلام نه ڪيو. دربار ۾ شاهجي جي خوب عزت هئي جنهنڪري شواجي سزا کان بچي ويو. شاهجي بلڪل ناراض ٿيو ۽ ان ڏينهن کان وٺي شواجي سان واسطا ٽوڙي ڇڏيائين. شواجي کي جڏهن وٽندو هو لٽڻ ڪندو هو، پر بيجاپور ۾ ڪرڻو ٿي چاهوس، هو سارو ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن گهمندو ڦرندو هو. ان وقت الون جا هندو بلڪل هيسايل ۽ دٻايل هئا ۽ سيڪجهه سهي ويندا هئا. گهڻو هٿيا ٿيندي رهندي هئي، پر ڪنهنکي به همت نه ٿيندي هئي جو اُن جي مخالفت ڪري. شواجي لاءِ هيءَ ڳالهه سهڻ مشڪل هئي. هن اهو ورو ڪري هڪ ڏينهن بلوو ڪيو. هن دفعي به هو پيءُ جي رسوخ ڪري بچي ويو. جڏهن شاهجي ڏٺو ته جي اها حالت رهي ته سندس به خير ڪونهي تڏهن هنکي پنهنجي ماءُ سوڌو جاگير ۾ رهڻ لاءِ اُماڻي ڇڏيائين.

جاگير نالي طور جاگيــر هئي. دهلي ۽ بيجاپور جي وچ ۾ اٽڪت سبب فوج هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦرلٽ ڪندي هئي. ڪنهن جي به جان ۽ مــال سلامت ڪو نه هو. اهڙين حالتن هيٺ ڪو به کيتي جي ڪم ڪرڻ وارو ڪو نه رهيو هو. ماڻهو گهر ڇڏي هليا ويا هئا ۽ ڦرمــار ڪري پنهنجو گذر ڪندا هئا. جيڪا ڪسر باقي رهي هئي سا ١٦٣١-١٦٣٢ واري ڏڪر پوري ڪري ڇڏي. ڊاڪن به رڻ ٻاري ڏنــو هئو. مصيبت اڪيلي نه ايندي آهي. شواجي جي عمر هينئر ١٣ ورهيه هئي. ڪيس پڙهائڻ لاءِ سندس پيءُ **داداجي ڪونڊ ديو** نالي هڪ پنڊت کي مقرر ڪيو. هو نه فقط مهاتما ۽ ودوان هو پر ساڳي وقت هوشيــاري سان انتظام رکندڙ به هو. هن شواجي جي سکيا سان گڏ جاگير جي انتظام تي به ڪافي ڌيان ڏنو. ڦٽل شهر کي وسندڙ ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي، ساڳي حالت جاگير جي هئي. داداجي ڊاڪن کي مارڻ لاءِ وڏي انعام جي پڌرائي ڪئي، ۽ زمين جو رقب گهٽو گهٽائي ڇڏيائين.

جاگير جا هينئر ڀاڳ کليــا. ڊاڪن جو ڊپ گم ٿي ويو، اُجڙيل ڳوٺ نئين سر آباد ٿيا ۽ کيتن ۾ فصل ٿيڻ لڳا. شواجي جي جاگير جو سڀ کان مکيه ڳوٺ پونــو هو. لٽ ڦر جي ڊپ کان بلڪل اُجڙي ويو هو. سواءِ ڀن ٽن گهرن جي اُتي ٻيو ڪجهه نه هو. جڏهن پوئين دفعي مسلماني فوج اُتان نڪتي هئي تڏهن سيناپتي اهي گهر به ڊهرائي ڇڏيا هئا ۽ ڳوٺ جي وچ ۾ هڪ لوهه جو ٽنپو کڙو ڪيو هوائين. جڏهه داداجي

ڏنو ته انڌ وشواس سبب لوڪ انهيءَ ڳوٺ ۾ وسنو ڪرڻ کان ڊڄن ٿا ته ڏهن هن ٿنڀي کي پٽرائي قٽو ڪيو ۽ سونءِ جو هو، جنهن ۾ ٻه سفيد ڏاند جوٽيل هئا ۽ ڳوٺ ۾ لڳارايا ٿيئن. ان ڪري آدمي راضي ٿيا ۽ سندن شڪ شبهه دور ٿيا.

دادا جي، شواجي لاءِ، آءِ هڪ جاءِ جوڙائي جنهنجو نالو رنگ محل رکيائين. شواجي پنهنجي ملڪ جي بهادرن جون ڪٿائون ڏاڍي پريم سان ٻڌندو هو. هنکي کهڙي خبر ته هڪ ڏينهن انهن بهادرن جي فهرست ۾ سندس نالو به لکيو ويندو. شواجي کي پنهنجي اُستاد ۽ ٻين ڊپائي جي آزمائش وٺڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هو پهاڙ جي انهن چوٽين تي چڙهي ويندو هو ۽ انهن گهاٽين ۾ لهندو هو جتي هنجا سائي قدم اڳتي وڌائڻ کان پيا ڇرڪندا هئا. اها عادت ايندڙ گهٽنائن جي پاڇي جي سمان هئي. جا ٿي جم کان وٺي هن اينتري دلي طاقت ڏيکاري جنهنجو مثال دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. شواجي جا هٿ ٻلڪل ڊگها هئا. اهڙن هٿن واري کي "آجان ٻاهو" ڪري سڏيو ويندو آهي. اهو عام وشواس آهي ته اهڙو شخص استاد ارڻ شڪتي وارو ٿيندو آهي.

هينئر شواجي جي عمر ١٩ سال هئي. چيو ويندو آهي ته ١٩ سالن جي عمر ۾ انسان جو ڪجهه هوندو آهي، ساري حياتي تائه اتين ئي رهندو آهي. چاهي مورک هجي يا ودوان. انهيءَ عمر ۾ وڏيارن ۾ پختگي ايندي آهي. جيڪڏهن شواجي چاهي ها ته ٻيءَ ڏاڏي جيان بيجاپور ۾ وڏي ۾ وڏي جڳهه تي نوڪر بڻجي ها ۽ ساري حياتي آنند سان وتيت ڪري ها. پر سندس جنم وٺڻ جو مقصد ٻيو ڪو هو. هو شروعات کان وٺي پنهنجي "هندو راڄ" قائم ڪرڻ جا سپنا لهي رهيو هو. ان سمي جي حالتن تي ڌيان ڏيڻ سان اها هڪ ناممڪن ڳالهه معلوم ٿئي ٿي پر اها حقيقت آهي ته ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ وڏن آدمين جو ئي ڪم آهي. فرانس جي هڪ حڪمران وٽ هڪ عورت درخواست کڻي آئي. حڪمران چيو ته هي ناممڪن آهي. عورت چڙي جواب ڏنو ته جيڪا ڳالهه ممڪن آهي سا ته ٿي ويندي پر جيڪا ناممڪن آهي سا ئي توکي پوري ڪرڻي آهي. هينئر شواجي جي اڳيان هي سوال هو ته پنهنجن سپنن کي ڪهڙي ريت عملي جامون پهرائي. پنهنجن ارادن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ اهو ضروري هوس ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻه ڪو قلعو پنهنجي قبضي ۾ آڻي. پوني جي اوله طرف وارن ٽڪرن تي ڪيترائي قلعا هئا ۽ انهن ۾ به **تورن ڳڙهه** جو درجو سڀني ۾ مکيه هو. انتي قبضي ڪرڻ سان شواجي لاءِ ڪيترو اون ئي سهوليتون پيدا ٿين ها. پر اهڙي مکيه قلعي کي قبضي ۾ آڻڻ ڪل مسخري ڪا نه هئي. هڪ طرف مسلمانن جي گهٽي تعداد ۾ فوج هئي ته ٻئي طرف شواجي جا سؤ اڌ پوٽلڳ هئا، جنکي جنگي سکيا شواجي پاڻ ڏيندو هو. زمين ۽ آسمان جو سنڌو هو! پر قدرت

جا ڪم ٻرا لا آهن! تورن ڳڙهه جي جياگرافيڪل حالت اهڙي هئي جو گرمين ۾ اُتي سردي رهندي هئي، ۽ چؤماسي ۾ برسات پوڻ سان اتي تڪليف وڌندي هئي. کاڌي پيئڻ جي چيزن ملڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي. پنهنجي جان کي جوکي ۾ وجهي ٿي کو اوڏانهن ايندو ويندو هو. اتي جيڪو لشڪر رهندو هو سو ۽ اُنجو سينا پتي بلڪل تڪليف ۾ وقت گذاريندا هئا. سنه ١٦٤٦ع جي برسات ۾ ته ڪين لڪ ۾ دم اچي ويو هو. تنهنڪري سينا پتي اهو فيصلو ڪيو ته برسات جي وقت ۾ هتان نڪرڻ ٿي گهرجي. چئني طرفن شانتي هئي، ڪنهن طرح جي ڊپ جو انديشو ڪونه هو. راڄڌاني مان موڪل گهرائڻ کانسواءِ ئي ان سال جي برسات ۾ قلعو خالي ڪيو ويو ۽ فوج هيٺ لهي آئي. شواجي کي منهن گهري مراد ملي. جنهنجي ڪيس ڪا اميد ڪانه هئي سو ئي موقعو ڪيس هٿ ۾ آيو. شواجي پنيين طرف کان اچي قلعي تي قبضو ڪري ورتو. قلع ۾ جيڪي هٿيار پنوهار موجود هئا سي ڪيس هٿ آيا ۽ خوب خزانو به هٿ لڳس. شواجي دل کولي پنهنجي ساٿين کي انعام ڏنا.

شواجي جي هن بهادري جي ڪم سندس گرو دادا جي کي به ڊيڄاري ڇڏيو. هن پنهنجي هڪ خط ۾ اهڙو ناراضپو به ظاهر ڪيو. هن شاهجي کي به هڪ خط لکي موڪليو. شاهجي ڪو به جواب ڪونه لکي موڪليس. هن شروعات کان اهو سمجهيو هو ته هڪ نه هڪ ڏينهن شواجي سبب هنتي اچي آفت ڪڙڪندي. مسلمان سينا پتي شواجي جي شڪايتن جو هڪ پورو دفتر لکي بيجاپور موڪليو. شواجي به سلطان جي سيوا ۾ خط موڪليو ته منهنجو ارادو قلع هٿ ڪرڻ يا بغاوت ڪرڻ جو نه هو. منهنجو مطلب فقط اهو هو ته اوهان کي ڏيکاريان ته انهي قلع جو سينا پتي نالائق آهي، جو برسات جي تڪليفن کان ڀڄڻ لاءِ اُتان لشڪر ڪڍي هليو ويو آهي. شواجي جو مطلب هو ته جيئن هن خط وڪتابت ڪرڻ سان ڪجهه وقت ملي وڃي. هينئر ڪيس روپين جي پرواه ڪانه هئي. هن بيجاپور جي درٻارين کي رشوت ڏني ته جيئن جلد فيصلو نه ڪيو وڃي. هيڏانهن قاصد پوني ۽ بيجاپور جي وچ ۾ ڊوڙي رهيا هئا ته هوڏانهن شواجي پنهنجي ڪم ۾ رڌل هو. هو **راج ڳڙهه** پهاڙي جي مورچي جي مرمت ڪرائي رهيو هو جيئن بيجاپور جي طرف کان اُتي حملو ٿي نه سگهي.

سنهه ڳڙهه جو قلعو پوني کان ١١ ميلن جي مفاصلي تي آهي. شواجي اُتون جي سنڀاليندڙ کي رشوت ڏني ته هو ڪيس قلعي ۾ اچڻ وڃڻ ڏيندو رهي. بس پيو ڇا هو؟ اهو قلعو به بنا تڪليف جي سندس هٿ ۾ اچي ويو.

قسمت شواجي جي مددگار هئي، تڪليفون دور ٿي رهيون هيس ۽ رستو صاف ٿي رهيو هوس. **پرندر ڳڙهه** جي حاڪم جي مرڻ تي اُنجي ٽن پٽن جي وچ ۾ اچي فساد جاڳيو ته حاڪم ڪير ٿئي. اهو

حاڪم ظالم هئو. هڪ دفعي هو پنهنجي استري سان ناراض ٿيو ۽ ڪيس توپ سان اڏائي ڇڏيائين. شواجي کين چوائي موڪليو ته مان فيصلو ڪندس ته تنهي مان ڪير ٻيءَ جي گادي تي وهي. شواجي جي نصيب انهن جي اکين تي پردو وجهي ڇڏيو هو. هنن شواجي کي امين واريو. برسات کان پوءِ قلعي جي مرمت شروع ٿي. ويس بدلائي شواجي جا سپاهي قلعي تي مزوري ڪرڻ لڳا. ڏياري جي موقعي تي شواجي کي نينڊ ڏني ويئي. ٻنهي ڀائرن وڏي ڀاءُ کي دوکو ڏيڻ گهريو ٿي. جئين ئي هو شراب جي نشي ۾ پر ٿيو، تئين ئي هنن کيس رسين سان جڪڙي ٻڌو ۽ شواجي سان معاملي طئي ڪرڻ جي ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي. شواجي چيو ته سوچي سوچ ڪري جواب ڏيندس. اُتي هڪ ڀاڙي ندي هئي. ٻئي ڏينهن شواجي ٻنهي ڀائرن کي سنان ڪرڻ لاءِ اتي گهرايو. سڀني گڏجي سنان ڪيو ۽ ڪل ٽوڪ ٿيندي رهي. جڏهن سنان ڪري سڀئي قلعي جي ڦاٽڪ طرف وريا تڏهن ٻنهي ڀائرن ڏٺو ته بيجاپور جو جهنڊو غائب آهي ۽ ڦاٽڪ تي ٻين سپاهين جو پهرو آهي. انهن جي پيرن هيٺان جڻ زمين کسڪندي نظر آئي. ليڪن هينئر ٻيو ڇا ٿي سگهي ها؟ پنهنجي پير تي ڪهاڙو پاڻ هنيون هئائون. شواجي ٿورن لفظن ۾ کين سمجهايو ته جيڪي ٻين لاءِ کڏ کوٽيندا آهن سي اُن ۾ پاڻ ڪرندا آهن. هنن شواجي جي اڌينتا قبول ڪئي. جيڪڏهن نه ڪن ها ته ڪري ٿي ڇا سگهن ها؟ قلعي ۾ جيترا سپاهي هئا تنهن کان گهڻا ڪولين جي ويس ۾ شواجي جا ماڻهو موجود هئا. شواجي ٻنهي ڀائرن کي ننڍيون ننڍيون جاگيرون ڏنيون ۽ ٻئي راضي ٿي ويا. مجبوري جو نالو صبر آهي.

هيڏانهن هڪ کان ٻيو قلعو قبضي مان نڪرندو ٿي ويو ۽ بيجاپور اڃا پهرين قلع جوئي فيصلو ڪونه ڪيو هو. شواجي درٻارين جو منهن پئسي سان پوري ڇڏيو هو. فيصلي ۾ دير ٿيڻ جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو هو ۽ ٻيو سبب اهو هو جو شواجي برابر بيجاپور جي سلطان کي لکندو ٿي آيو ته مان اوهان جو شيوا ڌاري آهيان ۽ مان اوهان ڏانهن زياده ڍن وصول ڪري موڪليندس. بيجاپور کي پنهنجي ٿي جان بچائڻ مشڪل هئي ۽ جيڪا ڪيس طاقت هئي تنهنجي ڪئي ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي هئي. اهڙي سمي ۾ شواجي سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ سولي ڳالهه نه هئي. ٻي ڳالهه هيءَ هئي جو سلطان بيمار ٿي پيو هو ۽ سندس بچڻ جي اميد ڪانه هئي. اهڙين حالتن هيٺ شواجي جو ڪنهن اڳ نه ورتو.

شواجي جو گرو دادا بيمار ٿي پيو ۽ هن اسار سنسار مان سندس لاڏاڻي جو وقت اچي پريو. هن شواجي کي چيو، ”تورن ڳڙه تي قبضي ڪرڻ وقت جيڪا نڪتچيني ڪئي هيم تنهن لاءِ دل ۾ نه ڪجُ، ڇاڪاڻ ته مان اهي ڪٺور لفظ تنهنجي ڀلي ڏيکارڻ جي خيال کان چيا هئا.“ شواجي پنهنجي اپراڌن جي ڪميا گهري. دادا جي کيس

آشيرواد ڏني ته ”شل هندو جاتيءَ جو اُڌار ڪندڙ بڻجين“. اها آشيرواد ڏيئي دادا جي هميشه لاءِ اکيون بوٽي ڇڏيون. شواجي کي پنهنجي گروءَ جي مرڻ جو بلڪل گهڻو ڏک ٿيو. ڏک به ڪئن نه ٿيندس؟ هو هن لاءِ سڀ ڪجھ هو. ’احسان قبول ڪرڻ‘ اوچ آتمائن جي سچا ٽپ جو پهريون لڇڻ آهي.

شواجي جي شادي ٿي ويئي هئي. هنجي استري جو نالو سبائي هو. هوءَ آدرشي عورت هئي. هنجي ڪم جو ميدان گهر هو. سس جي سيوا ڪرڻ ۽ اُنجي آگيا موافق هلڻ هوءَ پنهنجو پهريون فرض سمجهندي هئي.

انسان کي ڪاميابي ڪان وڌيڪ ٻي ڪابه چيز ڪامياب نه بڻائي سگهندي آهي. هينئر چوڌاري شواجي جي ڌم متل هئي. هندو جاتي جي رڳن ۾ نئين سر گرم رت جو دورو چالو ٿيو هو. ڪيس هينئر پوئلڳن جي ڪمي ڪانه هئي. فوج وڌندي ٿي رهيس. ڪيس هميشه اها چنتا رهندي هئي ته ڪٿان پئسا هٿ لڳي وڃن. قسمت اهو به انتظام پورو ڪري ڏنس. ڪلياڻ گڙه جي حڪمران کي اهو خواب خيال ۾ به ڪونه هو نڪي ٻي ڪنهن کي ته رستي ۾ هن سال ڪا آفت اچي ڪڙڪندي. جئين هو هميشه بيجاپور پئسا موڪليندو هو تئين هن سال به موڪليا ٿين. شواجي ته اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هو. حملو ڪري روپيا پنهنجي قبضي ۾ آندائين. ڪلياڻ گڙه جي گهٽي فوج خزاني ساڻ هئي. ڪلياڻ گڙه تي چڙهائي ڪري اُنتي قبضو ڪري ورتائين. اُتون جي گورنر جي زال به اُتي هئي. هنکي شواجي جي اڳيون آندو ويو. هوءَ پنهنجي سونهن ڪان بلڪل مشهور هئي.

انکي ايندو ڏسي شواجي ادب سان اٿي بيٺو ۽ سلام ڪيائينس. سندس سونهن جي واکاڻ ڪندي هن چيو: ”جيڪڏهن منهنجي ماءُ تنهنجي اڌ جيتري به خوبصورت هجي ها ته مان جيڪر اهڙو ڪروپ نه هجان ها.“ هن پوءِ انکي قيمتي سامان پيتا ۾ ڏيئي ڪيس ۽ سندس پتيءَ کي عزت سان بيجاپور موڪلي ڏنو. هن شواجي جي خلاف بيجاپور جي سلطان جا خوب ڪن ڀريا. هنجي غصي جي ڏڪيل باه پنهنجت ڪاني اُٿي. جڏهن شواجي ٻين قلعن تي قبضو ڪيو هو تڏهن ته ڳالهيون بڻائي هن ڪم ڪڍيو هو ليڪن هن دفعي خزاني کي لٽڻ سبب انهن ڳالهين مان ڪم نڪرڻ جي اميد ڪانه هئس. سلطان جي حڪم سان شيواجي ڪان جواب جي طلب ڪئي ويئي. جواب اچڻ کان اڳ سلطان کي ياد آيو ته شواجي جو پيءُ شاهجي موتت نوڪر آهي ۽ انکي هڪدم گرفتار ڪرايائين. سلطان جا درباري شاهجي ڪان بلڪل ناراض هوا ڇاڪاڻ ته هو هندو ٿي اهڙي درجي کي وسيو هو. هو موقعي جي تلاش ۾ هئا. موقعي ڳولهڻ سان موقعو ملي ئي پوندو آهي. هينئر ڇا ٿيو؟ سلطان جا ڪن خوب ڀريا ويا. شاهجي کي چيو ويو ته جي شواجي کي دربار ۾ نه گهرائيندين ته توکي جيئري پٿين ۾ چڻايو ويندو. ڪيس حڪم

ڏنو ويو ته خط لکي هڪدم شواجي کي گهراءِ. شاهجي کي ٻڌپ ويڙهي ويو. هن شواجي کي سڀ حال کان واقف ڪندي لکيو ته منهنجي چوڌاري پٽيون ڪنيون پيون وڃن ۽ باقي اها ڳالهه وڃي رهي آهي ته ٻه ٽي بارسرن جا اوسارا وڃن ۽ منهنجي زندگي پوري ڪئي وڃي.

شاهجي جي خط شواجي جي اڳيان هڪ بلڪل مشڪل مسئلو پيش ڪيو. فرض ڪيس زور ڪري رهيو هو ته بيجاپور وڃ ۽ قومي پريم ڪيس اوڏانهن وڃڻ کان روڪي رهيو هو. هن اهو دل ۾ سمجهيو هوندو ته بيجاپور ۾ وڃڻ معنيٰ موت جي سامهون وڃڻ. ماءُ جي ممتا به کيس وڃڻ نٿي ڏنو. جيجا ٻائي کي اهو به خيال هو ته هندو جاتي جي سڄاڳي جو آڌار شواجي جي حياتي تي آهي. اهو سڀ ڄاڻندي به کيس آرام نٿي آيو. هو انهي سوچ ويچار ۾ هو ته کيس ايشور جي پريرنا ٿي.

هن فورن هڪ گهوڙيسوار دهلي موڪليو ۽ خط ۾ لکي موڪليائين ته هو مغل شهنشاه جي اڌين رهڻ لاءِ تيار آهي. هن اهو به لکي موڪليو ته جيڪڏهن سندس پيءُ کي آزادگي ملندي ته بيجاپورواري رستي ۾ جيڪو قلعو آهي سو هو شهنشاه کي ڀيٽا ڏيندو. بيجاپور تي مڪمل فتح حاصل ڪرڻ لاءِ مغل شهنشاه کي انهي قلعي جي سخت ضرورت هئي.

شهزادو مراد بخش جو وچ هندوستان ۾ بادشاه جو عيوضي هو، تنهن شواجي کي خط لکي موڪليو ۽ اهو ڄاڻايائينس ته شاهي خلعت موڪلي وڃي ٿي. وڌيڪ اهو به لکيائينس ته بيجاپور ڏانهن حڪم موڪليو ويو آهي ته شاهجي کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي. بيجاپور دربار کي اها ڳالهه پسند ڪانه آئي پر ڏاڍي جي حڪم کي ڪيئن موٽايو وڃي؟ شاهجي کي آزاد ڪيو ويو. شاهجي کي دهلي جي دربار ۾ هڪ عهدي ڏيڻ جو به واعدو ڪيو ويو. انجو مطلب اهو ٿيو ته شاهجي جي رکيا لاءِ بيجاپور دربار ذميوار هئي.

هينئر شواجي جي اڳيان هڪ ٻيو ڀاري مسئلو پيش هو. جيڪڏهن هو مغل شهنشاه جي زبردستي قبول ٿو ڪري ۽ قلعو ڏئي ٿو ڇڏي ته هندو جاتي جي آتان جو جيڪو هو سپنو لهي رهيو هو سو سپنو ئي رهجي ويندو ۽ جيڪڏهن هو زبردستي قبول نٿو ڪري ته جيڪا هن قبوليت ڏني هئي تنهن باري ۾ ڇا ڪري. شواجي چالاڪي کان ڪم ورتو. هو دهلي دربار کي وقت بوقت خط موڪليندو هو ۽ جيڪي اڳ لکي موڪليو هئائين انکي دهرائيندو ايندو هو. اهڙي ريت دهلي دربار کي آسري ۾ رکندو آيو. نڪي قلعو ڏنائين ۽ نڪي بيجاپور جي خلاف ڪو قدم کنيائين. ڪانئس بيجاپور دربار به ڊڄندي هئي ته شواجي خلاف ڪجهه ڪرڻ سان مغل شهنشاه ناراض ٿيندو.

سنه ١٦٥٦ع ۾ بيجاپور جو نواب مري ويو. ان وقت سندس پٽ جي عمر فقط ١٩ ورهيه هئي. ملڪ ۾ بي آرامي ڦهلجي وئي. اورنگزيب کي هينئر بهانو ملي ويو ۽

شاهه جهان کي بيجاپور تي حملي ڪرڻ بنسبت راضي ڪيائين. سنه ١٦٥٧ع ۾ مغل سئنا سرحدي علائقو پار ڪري بيجاپور جي حڪومت ۾ گهڙي پيئي. شواجي چپ ۾ هو. چپ نه ڪري ته ڪري ڇا؟ ڪيڏانهن شواجي جا مٺ ڀر ماڻهو ۽ ڪيڏانهن شاهي مغل سئنا! پر شواجي موقعي جي تاڙ ۾ هو. ڪيس جهڙو موقعو هٿ آيو اهڙو هڪ هزار گهوڙا غائب ڪرايائين ۽ پوءِ پهاڙن تي وڃي لڪو. اورنگزيب جي ڪپڙن کي باهه لڳي ويئي. حڪم ڪيائين ته شواجي جا ڳوٺ اُجاڙ ڪيا وڃن ۽ جيڪي ان جا ماڻهو هٿ لڳن ان سڀني کي جمپوري ڏانهن روانو ڪيو وڃي. پر قسمت پيو ناٽڪ رچي رهي هئي. برساتي موسم شروع ٿي ويئي ۽ ان وقت مغل سئنا شواجي جو ڪجهه به بگاڙي نه سگهي. چوماسي مند پوري ٿيڻ سان شاهه جهان بيمار ٿي پيو ۽ سندس موت جي خبر چوڌاري ڦهلجي ويئي. اورنگزيب دهلي روانو ٿي ويو ۽ هار کائي بيجاپور سان صلح ڪيائين. انهي سبب اورنگزيب کي شواجي تي غصي ظاهر ڪرڻ جو موقعو ملي نه سگهيو، جيستائين دهلي ۽ بيجاپور جي نگاهن ۾ هو ڪنڊي جيان ڪڙڪي رهيو هو.

سنه ١٦٥٩ع ۾ بيجاپور جي راڄ ماتا (بادشاهه جي ماءُ) پنهنجن سردارن کي ڪٺو ڪري چيو ته اوهان مان ڪير هن ڳالهه جو انجام ڪندو ته شواجي کي شڪست ڏيئي پراڻي بي عزتي جو بدلو چڪائي وٺندس. راڄ ماتا جو پيٽيو افضل خان، جو وڏي طاقت رکندڙ، پراڪرمي ۽ ديو جيان قداور هو، تنهن هن ڳالهه جو پاٽتي بار کنيو ۽ پوءِ جڏهن سندس جوش پورو ٿيو تڏهن ڪيس ڊپ وڪوڙي ويو. افضل خان کي هرهڪ ڳالهه ۾ اپسڳڻ معلوم ٿيڻ لڳو. هن راڄ ماتا کي صلاح ڏني ته هينئر چالاڪي کان ٿي ڪم وٺڻ گهرجي. هو پهرين جي روبرو ته خوب ڦڏا ڪا چوڙيندو هو، پر سندس دل ڪاتل هئي. مسجد ۾ دعا گهرڻ ويو. انکي ملان ڏسي عجب ۾ پيو ۽ چيائينس ته لوڪي ته سرٽي ڪونهي. ان ڪري افضل خان جي رهي کهي همت به ويندي رهي. هينئر ڪيس چوڌاري موت ئي موت ڏسڻ ۾ ٿي آيو. شيڪسپيئر سچ چيو آهي ته ڪاتر موت کان اڳ ڪيترا دفعا مرندو آهي پر بهادر ماڻهو هڪ دفعو ئي موت جو مزو چکيندو آهي.

افضل خان کي ٦٤ بيگمون هيون. هن سڀني کي درياهه ۾ ٻوڙائي مارائي ڇڏيو جيئن سندس مرڻ کان پوءِ انهن تي ڪنهن جي بري نگاهه نه پوي. هڪڙو وڏو پڃرو ٺهرايائين ته اُن ۾ هو شواجي کي پڪڙي ايندو. هڪ وڏي سئنا ساڻ ڪري روانو ٿيو. رستي ۾ جيڪي به مندر آيا ٿي تن کي زمين سان برابر ڪيو ٿي ويو ۽ مورتن کي ٽوڙيو ٿي ويو. ڪيترن مسلمان اتهاس لکندڙن لکيو آهي ته شواجي ڪڏهن به ڪنهن مسجد کي نقصان ڪونه پهچايو ۽ جڏهن به ڪيس قرآن هٿ آيو تڏهن انجي اهڙي عزت ڪيائين جيئن سندس ڪو ڌرمي گرنٿ هجي.

شواجي کي سڀ خبر هئي ته افضل خان ڪهڙو انجام ڪري ۽ ڪهڙي شان ۽ شوڪت سان اچي رهيو آهي. مرهٽا گهبرائجي ويا. شواجي به غمگين هو. فوج جا عملدار کيس اهائي صلاح ڏيئي رهيا هئا ته جنگ نه ٿئي تهن صلح ڪيو وڃي. شواجي کي اها صلاح نه ٿي آئڙي. هنجو چوڻ هو ته جيڪڏهن هڪ دفعو به مسلمانن سان مقابلو نه ڪيو ويندو ته آزادگي ڪڏهن حاصل ٿيندي. ڪڏهن به صلح سان آزادگي نه ملي آهي. ٻيو ڏکيو سوال اهو هو ته مسلمان فوج سان ڪهڙي ريت مقابلو ڪيو وڃي. ماڻهن جون دليون ڏهلجي رهيون هيون ۽ همت ڪانئن ڇڏائجي ويئي هئي. شواجي کي به ڪجهه سمجهه ۾ نٿي آيو. هن پنهنجي ماءُ کان صلاح پڇي ته سندس ڪهڙو رايو آهي. مسلمانن فوج سان مقابلو ڪيو وڃي يا هيسجي صلح ڪيو وڃي؟ جيجا ٻائي صلح جي نافائدي ۾ هئي.

هيڏانهن ايها ٻڌڻ ۾ هئي ته هوڏانهن افضل خان کي ڪاميابي جي پوري اميد ۽ ڏگهيون منڌريون ڳالهيون هيون، پر ڏپ ان طرف به هو. افضل خان کي راج ماتا جو اپديش ياد آيو ۽ ڇل ڪپٽ کان ڪم وٺڻ جو ارادو ڪيائين. شواجي ڏي قاصد هٿ پيغام موڪليائين ته جيڪڏهن بيجاپور جي زيردستي قبول ڪرين ته لوڪي سلطان کان نه فقط معافي وٺرائي ڏيندس پر ساڳي وقت جيڪي قلعا ۽ زمين تو وٽ آهن سي به وٺرائي ڏيندس. افضل خان جي بيرحمي ۽ ظلم جا قصا شواجي کي معلوم ٿي چڪا هئا، تنهنڪري کيس سندس لفظن تي اعتبار ڪو نه آيو. جيڪي صلح جو پيغام کڻي آيا هئا تن ۾ هڪ برهمڻ به هئو. شواجي سڀني جو نيڪ آدرياءُ ڪيو ۽ کين چيو ته اهي ٺهراءَ تي سوچ ويچار ڪري پوءِ جواب ڏيندس. هو آدمي هليا ويا. رات جو شواجي ويس بدلائي برهمڻ جي تنبو ۾ لنگهي ويو ۽ صاف لفظن ۾ کيس پنهنجي دل جو گمان ٻڌايو ته اهي پيغام ۾ ٺڳي رکيل نظر ٿي. پهريائين ته برهمڻ هچڪيو پر جڏهن شواجي کيس مندرن ڪيرائڻ ۽ مورتين ٽوڙڻ جي ڳالهه ياد ڏياري تڏهن برهمڻ کان اها هچڪ به ويندي رهي. برهمڻ کيس اهو ٻڌايو ته صلح جو ٺهراءُ سڄو دوکيبازي آهي. شواجي لاءِ فقط اهو اشارو ڪافي هو. هن برهمڻ کي سمجهائي ڇڏيو ته افضل خان کي چئجي ته شواجي ايترو ته گهبرائجي ويو آهي جو اوهان سان ملاقات ڪرڻ جي کيس همت نه ٿيندي، تنهنڪري اوهان ان سان ملڻ لاءِ چونه هلو.

افضل خان خود اُن ڦندي ۾ ڦاسي ويو جنهن ۾ شواجي کي ڦاسائڻ چاهيائين ٿي. خان، برهمڻ جي واتان شواجي جي ڊڄي وڃڻ جي ڳالهه ٻڌي، ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. خوشامد ڪنهنجي اکين تي پڙدا نه چاڙهيا آهن؟ براهمڻ جي صلاح موجب سنهه ڳڙهه جي هيٺان ٻهاڙ تي کليل ميدان ۾ شواجي ۽ خان جي ملاقات جو انتظام ٿيڻ لڳو.

شواجي جهنگل ڪٽائي رستو صاف ڪرائي ڇڏيو هو، پر سڙڪ جي ٻنهي پاسن

ڪان باقي جهنگل ۾ شواجيءَ جا سپاهي لڪل هئا. جو ڏينهن ملاقات لاءِ مقرر ڪيو ويو هو انهيءَ ڏينهن ساري رات شواجي ڀڳوتيءَ جو پوڄن ڪيو ۽ صبح جو پوڄا ختم ڪري اڇا ڪپڙا پهريا (شواجي هميشه اڇا ڪپڙا پهريندو هو.) هلڻ وقت لوهه جا چنبا پهريائين ته جئن وقت سر ڪيس ڪتب اچن. ماتا آشيرواد ڪيس ته فتح ٿيندءِ. پر ساڳي وقت سندس اکين مان جل وهي هليو. لفظ ديش پوڄا جا هئا ۽ ڳوڙها ماءُ جي ممتا جا. شواجي هڪ سينگاريل شاميانيءَ هيٺان افضل خان جي مرحبا لاءِ انتظار ڪري رهيو هو. اچڻ سان خان ٺوڪبازي ڪندي چيو ته هڪ لٽيري وٽ ايترا پئسا! جو اهڙي ريت شاميانيءَ کي سينگاري! شواجي چپ رهيو. خير، ٻئي ٻاڪ ۾ ملڻ لاءِ اڳتي وڌيا. ڪٿي انهن ديوجسم افضل خان ۽ ڪٿي انهن شواجي جا مڙو! ملڻ وقت افضل خان جي بغل هيٺان شواجيءَ جي گردن اچي وئي. هن اهو ڪيو جنهن جي ڪرڻ جو اڳواٽ فيصلو ڪيو هئائين يعني ته هن اهڙي ريت شواجيءَ جي گردن دٻائي جو شواجي جو ساهه منجهڻ لڳو. هن جئن پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تئن هو ويو ٿي ڪيس زور سان دٻائيندو. آخر رکيا ڪرڻ لاءِ ڪاتر به بهادر ٿيندو آهي. انهي داو پيچ ۾ شواجي جو ڪجهه همٿ آزاد ٿي پيو ۽ شواجيءَ هڪدم لوهي چنبي کان ڪم ورتو. افضل خان جي سڄي پيٽ چلجي پئي. درد کان افضل خان جو زور پورو ٿي ويو ۽ انهن شواجي جو پيو همٿ به آزاد ٿي پيو. هن ساڄي همٿ سان ترار ڪڍي افضل خان تي وار ڪيو. خان گهائل ٿي ڪري پيو ۽ ٻنهي ڌرين جي لڙائي شروع ٿي وئي. سپهسالار جي ڪرڻ سان لشڪر جا همٿ پيو ڍلا ٿيندا آهن. افضل خان جي لشڪر جو اهو ارادو هو ته خان جو لاشو همٿ ڪريون. پر ان ۾ به هو ناڪامياب ٿيا. هڪ شواجي جي سپاهيءَ خان جو سر وڍي اوچي بانس جي لڪڙي مٿان ٽنگي ڇڏيو. شواجي بگل وڄائي فتح جي پڌرائي ڪئي ۽ قلعي مان توبون ڇٽڻ لڳيون. جيڪي به مسلماني فوج جا سردار ۽ سپاهي پڪڙيا ويا هئا تنکي جهجهو انعام ڏيئي عزت سان بيجاپور روانو ڪيائين. پنهنجن سپاهين کي به جهجها انعام ۽ جاگيرون عطا ڪيائين. شواجي کي چار هزار گهوڙا ۽ پنجهٺ هاٿي ۽ ٻارنهن سؤ اٺ همٿ آيا ۽ جي نقد روپيا ۽ سامان مليس سي انهن کان الڳ.

بيجاپور وارا ايترو ته دٻجي ويا هئا جو هو انهيءَ خوف ۾ هئا ته متان شواجي بيجاپور تي حملو ڪري اچي! اهو خالي دپ هون. اهو ممڪن ئي نه هئو. جنهن حڪومت مغل لشڪر جو مقابلو ڪيو هو تنهنجو مقابلو ڪرڻ سترو ڳالهه نه هئي. ان وقت بيجاپور دربار شواجي جي پيءُ شاهجي کي صلح ڪرڻ جون پوريون اختيارون سونپي روانو ڪيو. جڏهن شواجي پڌو ته سندس پيءُ وٽس اچي رهيو آهي تڏهن هو انهيءَ مرحبا ڪرڻ لاءِ اڳتي ويو. جو سر بيجاپور جي سلطان جي اڳيون سلام ڪرڻ لاءِ نه جهڪيو هو اهو هيئنر شاهجي

جي چرڻ لئي هئو. شواجي پنهنجي پٽ جي پالڪي ساڻ گڏ پيدل پئي هليو. هٿ جوڙي ۽ سر نمائي هر هڪ ڳالهه جو جواب ٿي ڏنائين. شاهجي به لچا نماڻ هو ته جنهن پٽ کي ڪپتر ٿي سمجهيائين سو اهڙو نه سپتر ثابت ٿيو جو انهيءَ سان صلح ڪرڻ لاءِ کيس اچڻو پيو. شواجي هر هر ڪميا گهري رهيو هو ته سندس جن ڪمن ڪري کيس ڏک رسيو هجي تنهن لاءِ معافي ڏي.

صلح ٿي ويو. بيجاپور شواجي جي خود مختياري قبول ڪئي ۽ جيترا قلعا ۽ زمين سندس هٿ ۾ هئا تنهن هٿ نه لاتو ويو. شواجي ۽ شاهجي جي اها پڇاڙي جي ملاقات هئي. ان کان ٿورا ڏينهن پوءِ شاهجي کي شڪار ڪندي چوٽ لڳي جنهن کان سندس موت ٿيو. (هلندڙ)

سنڌي بيت

(١)

غلام علي عشق ۾ عاشق ٿي آهين
ڪي لاهوتي لاهين لاڳا پا هن لوڪ جا.

(٢)

اندر آڳ عشق جا تن جو جوڳن جڳايا
پيا لا پريم پريت جا تن پوربين پايا
غلام علي عشق ۾ اوڏوڪي آيا
ٿيا تن سامن سڄايا اوجاڳاني اکين جا.

(٣)

اگهيا در الله جي تن جوڳين جا جاڳا
ساري هن سنسار جا لاٿا لاهوتن لاڳا
غلام علي عشق ۾ آهي آڳن جا آڳا
اوهي سامي سپاڳا عشق جي اجاريا.

(٤)

پاڻي منهن مڙهي ۾ ٿا اوڏولي اوريِن
لنڌ جا طلب جي سا چپا لسي چوريِن
جو اقرب ڪون ويجهو وسي ٿا ڏس تهين ڏوريِن
غلام علي عشق ۾ تڪ نه پيو توريِن
سي مر سمرٿيون سوريِن جي رواس ريڊا رام سان.

(٥)

مڙهي ۾ مذڪور ٿيو اُٿي جوڳي جاڳ
آهي عاشقن کي ايهو لاهوتن جو لاڳ
غلام علي اصل کون اٿن عشق اجهاڳ
سي ڏيئي ڏيل ڏهاڳ وڃي سنمک سنياسي ٿيا.

(٦)

سي سنمک سنياسي ٿيا پاڻ وڃائي پاڻ
پور پيا پروڙ ٿون جاڻ وڃائي جاڻ
غلام علي عشق جو آهي اصل هي اهڃاڻ
اوهي سامي سدا ساڻ هو هٺي هنگلاج ويا.

فقير ميان غلام علي

News, Notes & Comments

ڪانگريس جي ٻي سوڀ

اها هڪ حقيقت آهي ته هيئنر سنڌ جا ماڻهو ڪانگريس طرف ڇڪجي رهيا آهن. اڄ جي ثابتي سکر لڪ واري چونڊ مان ملي سگهي ٿي. جيڪا پهرين چونڊ ٿي هئي تنهن ۾ ديوان پوچسنگهه اٽڪل ٻه هزار ووٽ ڪانگريس اميدوار کان وڌيڪ کنيا هوا. هڪ سال بعد ساڳي تڪ جي چونڊ ۾ ڪانگريس اميدوار، ديوان مولچند سوڳواسي پوچسنگهه، جي پاڻ کان، ۱۷۰۰ ووٽ وڌيڪ کڻي سو ڏيکاري ٿو ته دن بدن ڪانگريس سنڌ جي ماڻهن جي دلين تي قبضو ڪندي وڃي ٿي.

چڱو ڪم ڪنهن جو به ضايع نٿو وڃي. ڪانگريس جنهن بي بهائي سان هندستانين جي رهنمائي ڪئي آهي تنهن ماڻهن جون دليون کسي ورتيون آهن. البت ڪي ڪي ماڻهو ۽ ان ۾ به گهڻا مسلمان ڪانگريس جي مخالفت ڪري رهيا آهن. ڪانگريس جو ڏوهه فقط اهو آهي جو هوءَ سنڌ ۾ تعصبي ڳالهين کي وزن نٿي ڏئي. پر اها خوش قسمتي جي ڳالهه آهي جو هيئنر اهڙن تعصبي انسانن جي اکين تان انڌ جا پڙدا هٽي رهيا آهن. اميد آهي ته جلد عام مسلمان، جنهن جو ڀلو ڪانگريس هٿان ٿيڻو آهي، سجاڳ ٿي ۽ ڪانگريس جهنڊي هيٺ اچي هندستان کي آزاد ڪندا.

ٻچاڙي ۾ مان پنهنجي دوست مسٽر چوئٿرام ولڀا کي سندس ڪاميابي تي مبارڪون ٿو ڏيان. آشا آهي ته هو تن من ڌن سان پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي سيوا خاص طرح ۽ سڄي سنڌ جي سيوا عام طرح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.

ڪايا ڪلپ جو چمتڪار

پنڊت مالويه جو جواني هٿ ڪرڻ لاءِ ڪايا ڪلپ ساڌن شروع ڪيو هو تنهن ان باري ۾ هڪ وڏو بيان ڪڍيو آهي جنهن ۾ هنو ايت چوي ٿو:

۱۶ جنوري ۳۸ تي دوا شروع ٿي ۽ ۲۴ فيبروريءَ تي پوري ٿي. پنڊت هردت شاستري ۽ مان جدا جدا ڪٽيائن ۾ ۵۰ فوٽن جي دوريءَ تي پورا ۴۰ ڏينهن اندر رهيا سين. اهي ڏينهن جڻ وڏي تپسيا جا ڏينهن هئا. ۴۰ ڏينهن لاڳيتو اسان نه سج ڏٺو نه وراندي ۾ اچي تازي هوا کاڌي سين. وقت گذارڻ لاءِ رڳو ٿوري وقت لاءِ ڪجهه پڙهڻ جي موڪل هئي. منهنجي ڪوٺيءَ سان لاڳيتو ڪمري ۾ هڪ پنڊت ويد منتر

پڙهندو هو ۽ ڪي ڪريا نون ڪندو رهندو هو ۽ پاسي واري ڪمري ۾ هڪڙو پنڊت شريمد ڀڳوت گيتا اچاريندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسانکي پنهنجي ڪمري ۾ ڪنهن سان ملاقات ڪرڻ جي موڪل به ملي ويندي هئي. سنان، ورزش، حجامت ٺهرائڻ وغيره جي منع هئي. دوا واري عرصي ۾ اسانکي گهڻو وقت اندريري ۾ ئي گهارڻو پوندو هو ۽ رڳو ضرورت پوڻ لـي بتي ٻاربي هئي. اسانجو کـاڌو صرف ڪاري ڳنئونءَ جو کير هو جو جيترو ٿـي سگهيا سين ٿي اوترو ملندو سين ٿي. مان روز ڏيڍ سير ٻه سير کير پي ويندو هوس.

دوا مان فائدا

منهنجي دوست پنڊت هردت شاستري ۽ مونکي ڪايا ڪلپ مان ڏاڍو فائدو پهتو. پنڊت شاستري کي، جو مونکان ۱۴ سال ننڍو آهي، تندرستيءَ ۾ گهڻو فائدو پهتو آهي. دوا کان اڳ ۽ پوءِ ڪڍايل فوٽن مان ئي اها ڳالهه صاف ظاهر آهي. منهن جو وزن ۹ پائونڊ وڌيو آهي. چمڙي جي رنگ ۽ بيهڪ ۾ سڌارو آيو آهي. منهنجي اکين جي روشني وڌي آهي. منهنجي يادگيريءَ جي شڪتي به گهڻو وڌي آهي. وار اڳي کان وڌيڪ ڪارا ٿيا آهن. هٿ اڳئين کان گهٽ ڏڪن ٿا.

مان هاڻي سڌو ٿي هلي سگهان ٿو. جا نراسائي مون کي وڏڙهيندي نظر ٿي آئي سا صفا دور ٿي ويئي آهي ۽ ان جي جاءِ تي اميد ۽ وشواس جا نوان سلا ڦٽي رهيا آهن.

پنڊت مالوي آخر ۾ ويچار ڪيو آهي ته انهن رشين ۽ وئدن جـي ڪا الفوس هندو يونيورسٽي ۾ سڏائي وڃي جن کي ڪايا ڪلپ جو پورو گيان آهي جيئن اهي پنهنجا خيال هڪ ٻئي ۾ ڏيئي وٺي هڪ طريقو ڪڍن. سندس ارادو آهـي تـه هندو يونيورسٽي ۾ رساين وديا (حڪمت سيکارڻ جو ڪالو) کوليو وڃي.

سر اقبال جو ديهانت

ڪهڙو هندستاني سر اقبال جي موت، ٻڌي دک نه ڪندو؟ هو انهن ٿورڙن هستين مان هو جن قلم جي نوڪ سان هزارن آدمين جون دليون پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتيون هيون. هو هندستاني شاعرن جي آسمان ۾ هڪ روشن ستارو هو. هنجي موت هڪ خال پيدا ڪيو آهي جو ڀرجڻ مشڪل آهي.

سر اقبال اعليٰ درجي جو شاعر هو. سندس جواني جي وقت جو شعر قوميت ۽ جواني جي جذبن سان ڀريل آهي ۽ اهو هميشه امر رهندو. هيٺيون قومي غزل ته بلڪل مشهور آهي.

”ساري دنيا سي اچها هندستان همارا“

جيئن سندس عمر وڌي ٿيندي ويئي تيئن سندس شعر مان تازگي به گهٽ ٿيندي ويئي. پڇاڙي جي وقت ۾ اردو شعر ڇوڙي ڇڏي پارسي شعر چوندو هو. ويجهڙائي ۾ راجنيتي ڳالهين ۾ به ٽپي پيو پر ان ۾ فتحياب نـه ٿيو. جيڪو شعر چيو اٿس تنهنجو ترجمو ڪيترن دنيا جي ٻولين ۾ ٿيو آهي. بدقسمتي سان سندس شعر جو سنڌي ۾ انواد ڪونه ڇپيو آهي. اميد ته ڪو نه ڪو سچو اقبال

جي شعر جو سنڌ واسين کي سواد ورائي سنڌ جي ساهت جي شيوا ڪندو. سر اقبال جي يادگيري سنڌ ۾ ڀي کهڙي اموني ۾ موزون طرح قائم ٿي سگهي ٿي؟

اوڙيسا جي گورنر جي سيڪريٽريءَ هيئين پڌرائي ڪئي آهي:- راڄنيتي جي بي اعتباريءَ جهڙي حالت هئڻ ڪري پڪ آهي ته اوڙيسا جي موجوده گورنر جي موڪل تي رواني ٿيڻ ڪري حالتون نازڪ ٿينديون. گورنر اهو نيڪ نٿو سمجهي ته هو پنهنجي اڳئين رٿ موجب ڪو موڪل تي وڃي. لنهن ڪري پرانت جي بهتريءَ جي خيال کان ڪيس ٻيو ڪو رستو ڪو نه ٿو سجهي سواءِ ان جي ته هو پنهنجي موڪل رد ڪرائي. هند منتري ۽ گورنر جنرل سندس اهو عرض قبولي سندس موڪل رد ڪئي آهي. الهيڪري وزارت جو گهوٽالو دور ٿي ويو ڇاڪاڻ ته گورنر موڪل تي وڃڻ رد ڪيو.

احمد ڳڙهه ڏاڙي واري ڪيس جو هڪ جوابدار چوڌري شير جنگ لاهور سينٽرل جيل مان آزاد ڪيو ويو. هنکي ڏهه سال جيل جي سزا ڏني ويئي هئي جنهن مان هن ٨ سال سزا ڪاٽي هئي. هن هڪ پريس عيوضي کي ٻڌايو ته مونکي ٻاهرين دنيا ڏاڍي عجيب ٿي لڳي. راڄنيتي حالتن لاءِ ڪجهه نه چيائين.

هندستان ۾ ٻاهرين ٿي پيو آهي جو ٢٤ بنگالي نوجوان جو نٿا مئٽري سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ امتحان ڏيئي رهيا آهن جو ٣ مئي کان شروع آهي. ڪلڪتا يونيورسٽي هاڻ خيال ڪيو آهي ته اهڙي مئٽري سکيا ڪاليج جي ٻئين ۽ ٽئين سال وارن ڇوڪرن کي به ڏيڻ ۾ اچي ۽ جيڪڏهن ڇوڪرن ۾ گهڻو چاهه ڏٺو ويو ته سرڪار طرفان ڇوڪرن کي اهڙي سکيا وٺڻ لاءِ سهوليتون ڏنيون وينديون.

معلوم ٿيو آهي ته گانڌي ۽ جناح جي ملاقات تي مسلم ليگ جا ڪي اڳوان ناراضپي جو اظهار ڪري رهيا آهن. هنن جو چوڻ آهي ته:

پهرين ان لاءِ اسان سان صلاح ڇو ڪين ڪئي ويئي. جيڪڏهن هيءَ ملاقات جناح پنهنجي شخصي حيثيت ۾ ڪئي آهي ته ٻي ڳالهه آهي پر جيڪڏهن ليگ جي پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ ڪئي ويئي آهي ته ان لاءِ ڪين به صلاح ڏيڻ جو حق هو.

بينگال وزارت فيصلو ڪيو آهي ته ٢١ انقلابي قيدين مان ١١ کي آزاد ڪجي جن جو مدو ٦ مهنن اندر پورو ٿيڻو آهي. سرڪار ٻوت قيدين جي آزادي جو حڪم واسطيدار عملدارن کي موڪليندي. ٻين راڄنيتي قيدين جي آزادي جو سوال ويچار هيٺ آهي جي سال يا ڏيڍ سال اندر ڇٽڻا آهن.

بمبئي ۾ هڪ ڪستوري بائي زال سيٺ ڪارام پرڳوڻداس مارواڙيءَ جنهنجو پتي ٽاڙن فسادن ۾ موئي ويو، تنهن انهيءَ عيوضي لاءِ چيف پريزيڊنسي ماجسٽريٽ وٽ سوا لک جي دعوا وڌي آهي. هيءَ درخواست ۴٠ هزارن لاءِ شرمتي سرسولي بائي دلاوريا ڳجهن جي ماءُ فساد وقت هنهنجي پٽ جي ٿيل خون لاءِ وڌي آهي.

ٽاڙن فسادن ڪري ڪل چيف پريزيڊنسي ماجسٽريٽ وٽ ٣ لکن جا ڪليم وڌا ويا آهن.

ميسور رياست جي هڪ ڳوٺ ۾ قومي جهنڊي چاڙهڻ تان جيڪا بندوقبازي ٿي هئي جنهن ۾ ٣٦ ڄڻا مئا آهن ان باري ۾ سرڪاري عملدارن قبوليو آهي ته پوليس ٿي دفعا بندوقبازي ڪئي هو سندن چوڻ آهي ته ماڻهن پوليس تي پٿر ۽ ٻيون شيون اڇلايون تڏهن بندوقبازي ڪئي وئي.

چين جو ملٽري اسپوڪسمن هڪ پڌرائيءَ ۾ چوي ٿو ته هينئر سڀني سرحدن تي جيڪا جنگ لڳي رهي آهي تنهن ۾ چين جو طرف زور ڏسڻ ۾ ٿو اچي. چينائي جتي ڪٿي ڪامياب ٿي رهيا آهن. هو جپانين کان ڪنهن هنڌ هٽڻ ٿي رهيا آهن. شانسي پرانت ۾ به چين جي شاندار سوڀ ٿي آهي.

هن جو وڏو چوڻ آهي ته جيڪڏهن جپانين کي ڪا نئين پورلي نه ملي ته اهو وقت بلڪل نزديڪ آهي جڏهن جپان کي شانسي پرانت مان بلڪل تڏي ڪڍيو ويندو.

مئٽرڪ وديارٿين سان ويل

مئٽرڪ جو امتحان گذريل اپريل ۾ ٿيو گذريو تنهن ۾ سنڌي جو پيپر اڳواٽ ظاهر ٿيو. پيپر جي ظاهر ٿيڻ ڪري ڪن پنجن ٻن شاگردن جو نفعو ٿيو هوندو پر انڪري ١٨٠٠ شاگردن کان وري امتحان ورتي ڪين لوڙائڻ انصاف جي ورڌ آهي. اهو عالم آشڪار آهي ته ساري ملڪ جي مالي حالت بگڙيل آهي. اهڙي سمي ۾ شاگردن کان وري خرچ ڪرائڻ معقول ڪين وڏيڪ بوجي هيٺ آڻڻ. ڪنهن ممتحن جي چوڪ ڪري يونيورسٽي کي هي سخت قدم کڻڻ واجب ڪونه هو. هينئر شاگردن لاءِ ڪا سهوليت نه ٿيڻ کپي. اميد ته يونيورسٽي ڪميشن جاچ ڪرڻ اچي ٿي تنهنکي کي زبردست قدم کڻڻ کپن جئن شاگردن کي آئينده وري ساڳي تڪليف هيٺ اچڻو نه پوي.

سنڌ سرڪار نيٺ هنسراج وائرليس کي آزاد ڪيو. هو قيد وارو مدو سنڌ ۾ گذاريندو. ڪانگريس جي جيءَ.

سنڌو ساهت منڊل جا ڪتاب

١. ٽالسٽاءِ جو جيون چرتر ۽ آکاڻيون ٠-١٠-٠
٢. " جون اخلاقي آکاڻيون ٠-٨-٠
٣. " " آدرشي " ٠-٨-٠
۴. " " ايڪيهه " ٠-۴-١
٥. " جا اوائلي آزمودا يا خيال ٠-٣-٠
٦. آزاد خيال زالون ٠-٦-٠
٧. پوتر زندگي ٠-٥-٠
٨. برهمچريه [مهاتما گانڌي جو] ٠-۴-٠

ائڊريس:- سنڌو آفيس

(پوسٽ) ميان جو ڳوٺ

(لعلڻو شڪارپور)

سنڌيءَ جو بخت بالا!

ڇپبو جو سنڌ اسيمبليءَ جي ڪارروائي ۾ سرڪاري طرح جاءِ ملي اٿس!!

پوءِ ڇو نه حب وطن ڌاريو، سنڌيءَ ۾ مٿو
ولوءِ سنڌي ساهتيه کي ڇپائيو؟

خوبصورت پنو: مسٽر موهنداس ڪوڙومل جو
لکيل تازا ڪتاب.

(۱) **اخلاقي آواز** تازي عمدو ڪتاب
سنڌيءَ جو سينگار جو تازو شايع ٿيو
آهي. صفحا ٿيا ٦٠. چئن تصويرن سان
جا نو ليک عجائب آهن. مغرب ۾ ڇپيل
ڪتابن جي سڪ پورو لاهي. اهڙي خواه ورڻ
لاءِ مفيد. قيمت فقط ادا آنا.

(۲) **اخلاقي آکاڻيون** ڇپايل ڪوڙومل
سنڌي ساهتيه منڊل جي.

(۳) **هند جو سڳو** (ست تصويرن سان)
(پريس ۾)

(۴) **ٻچڙي نارين جا چرتر** (۹ تصويرن سان)
قيمت چار آنا

(۵) **فلسفيءَ جا اوائلي آزمودا ۽ خيال**
قيمت: لس پنو پنج آنا — ٻنا لس ٿي آنا
ڇپايل سنڌو ساهتيه منڊل جا

(٦) **"سنڌ ۾ ڪيتي"** قيمت ٽڪو

(۷) **وات جي صحت** قيمت ٻه آنا
(تصوير کي)

ملڻ جو هنڌ:- ... ڪتاب ڪا لوني
ڪراچي سنڌ.

ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل حيدرآباد سنڌ
"سنڌو" آفيس ميان جو ڳوٺ شڪارپور سنڌ

او هانڪي سنڌي ساهتيه لاءِ پيار آهي؟

تہ جلد سنڌو مخزن جا گراهڪ ٿيو.

"سنڌو" سنڌ جي سڀني اخبارن
کان اور ۽ نئين رنگ ڍنگ تي
ماهوار مخزن آهي.

منجهس اخلاقي، روحاني، جذباتي
۽ اهنگم اڻاريندڙ ليکم درج ٿيندا.
هر مهيني سنڌ جي اعلى دماغ ۽
مشهور ليکڪن جا تازا ليکم قلم بند
ٿي "سنڌو" مخزن ذريعي پڌرا
ٿيندا.

ساليانو چندو فقط چار روپيا
سنڌو آفيس ميان جو ڳوٺ

جاسوسي مخزن

باتصوير ماهوار ناول اخبار
رنگين صورتن ۽ سنڌي ڇپائي سان
نهايت ئي صورت انگيز ۽ سنسني خيز
جاسوسي ناولن سان ڀرپور عمده
سو ڪان ٻه وڌيڪ صفحا برابر
وقت تي نڪرندڙ.
ششماهي چندو اڍائي روپيا، ورڻ
سال ويٺي صورتون ۽ رنگين ... مفت

نوبچند ٽي. سپاهيملاڻي ايڊيٽر
مالڪ جاسوسي مخزن شڪارپور سنڌ

Reg No. S. 437. MAY 1938



اسان هيءَ واچ ڪمي ماڻهن لاءِ ٺاهي آهي!

هي واچ آهي جا هر ڪو
ڪمي ماڻهو وٺي سگهي ٿو
"ويسٽ اينڊ" واچ ٺاهڻ
وارن جي بناوت ۽ مال ۾ ڪي
عيب. "سيڪنڊس" بنا چاپي
ليور پاڪيٽ واچ مضبوط سهڻي
۽ وڏي ڄمڻي آهي. سالن جا
سال پورو وقت ڏيندي.

ٽي "سيڪنڊس" بنان
چاپي ليور پاڪيٽ واچ تمام
گهٽ خرچ واري ۽ خاطريءَ
جهڙو پورو وقت ڏيندڙ.

نڪل سلور ۰-۰-۱۳ روپيه

وڏو باتصوير ڪئٽلاگ
لکڻ تي مفت موڪليو ويندو

ويسٽ اينڊ واچ ڪمپني بمبئي ۽ ڪلڪتا

WEST END WATCH Co.

BOMBAY CALCUTTA

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ڀاڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڍي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳَل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪالهائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناڏانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)